سال (18) آچر 13 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 30 ربيع الاول 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (351)

ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN

هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار

THE DAILY IBRAT Hyderabad

روزاني عبرت

حيدرآباد

Regd: NO-2430-B

69 YEAR 1958 - 2026

Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8

سال (95) آچر 13 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 30 ربيع الاول 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (29)

website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

Sunday 13rd September 2026

سال (18) آچر 13 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 30 ربيع الاول 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (350)

Daily Ibrat Karachi

نواز ليگ ۾ نون صوبن بابت مشاورت، پارليامينٽ ۾ پاليسي بيان ڏيڻ جو اعلان، قومي اسيمبلي اهڙو ڪو ٺهراءُ منظور نٿي ڪري سگهي: سنڌ حڪومت

جيڪڏهن عوام، نوان صوبا چاهي ٿي ته ڪين ڪير به روڪي نٿو سگهي، عوام جي خواهش جو معاملو پارليامينٽ ۾ ئي طئي ٿيندو، اڪنامڪ فورم يا سيمينار ۾ نتيجا ڏيندڙ ثابت نه ٿيندو: راڻا ثناءُ الله

اهو معاملو پارليامينٽ ۾ بحث هيٺ ايندو ته ان تي بامقصد بحث ٿي سگهي ٿو، اڃا تائين پارليامينٽ يا ڪابينا ۾ نون صوبن بابت ڪا ڳالهه ناهي ڪئي، ڪابينا ۾ پڻ اهو معاملو اڃا پيش ناهي ڪيو ويو

پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس منظوري ڏني ته پوءِ ريفرنڊم ٿيندو، وفاقي گهرو وزير محسن نقوي جي تقرير، بيانن ۽ مختلف فورمن تي ڳالهائڻ سان ڪو فائدو نه ٿيندو اها ڳالهه پارليامينٽ ۾ ٿيڻ گهرجي ها

نون صوبن بابت مسلم ليگ (ن) جي موقف تي مشاورت جاري آهي، پارٽي ان بحث ۾ حصو وٺندي ۽ وزيراعظم به ان معاملي تي ڳالهائيندو، صوبن بابت معاملو پارليامينٽ ۾ ايندو ته نون ليگ پنهنجو پاليسي بيان ڏيندي

جماعت اسلامي جي اڳواڻن کي درخواست آهي ته پاڻ کي مشڪل ۾ نه وجهن مسلم ليگ (ن) جي پڻ اها ئي خواهش آهي ته پيٽروليم شين جون قيمتون گهٽ ٿين: وزيراعظم جي سياسي معاملن بابت صلاحڪار جي پريس ڪانفرنس

نون صوبن بابت هوٽلن ۾ ڳالهه ٻولهه ٿي سگهي ٿي ته قومي اسيمبلي ۾ جو نه ٿي سگهي، قومي اسيمبلي ۾ نون صوبن بابت بحث پلي پئي، پر اها نون صوبن بابت ٺهراءُ منظور نٿي ڪري سگهي: صوبائي وزير سعيد غني

لاهور/ ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم جي سياسي معاملن بابت صلاحڪار راڻا ثناءُالله چيو آهي ته صوبن بابت بحث اڪنامڪ فورم يا سيمينار ۾ نتيجا ڏيندڙ ثابت نه ٿيندي صوبن بابت بحث لاءِ پارليامينٽ ئي مناسب فورم آهي لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي راڻا ثناءالله چيو ته جيڪڏهن عوام نوان صوبا چاهي ٿي ته ڪين ڪير به روڪي نٿو سگهي، عوام جي خواهش جو معاملو پارليامينٽ ۾ ئي طئي ٿيندو ۽ گهرو وزير جي نون صوبن بابت بيان تي سوال جي جواب ۾ راڻا ثناءالله چيو ته اڪنامڪ فورم يا سيمينار ۾ صوبن بابت بحث نتيجا خيز نه رهندي جڏهن ته بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

لاهور: وفاقي صلاحڪار راڻا ثناءالله ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

هزاره صوبي سميت نوان صوبا ضرور ٺهندا: سردار يوسف

هزاره ڊويزن ۾ ميگا پراجيڪٽس شروع ڪيا ويندا: مذهبي مامرن جو وزير

خيبرپختونخوا اسيمبلي هزاره صوبي بابت 3 ڀيرا قرارداد منظور ڪري چڪي آهي

مانسهره (اي پي پي) مذهبي معاملن واري وفاقي وزير سردار محمد يوسف چيو آهي ته مسلم ليگ (ن) جي حڪومتي دور ۾ هزاره ڊويزن ۾ ميگا پراجيڪٽس شروع ڪيا ويندا، ملڪ ۾ هزاره صوبي سميت نوان بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

موجوده وقت جي مسئلن جو حل سيرت طيبه ۾ آهي: احسن اقبال

تعليم ۽ تحقيق کان پري رهڻ مسلمانن جي زوال جو سڀ کان وڏو سبب آهي

اسان جو مقصد نوجوانن کي نبي ڪريم ﷺ جن جي آفاقي تعليم سان جوڙڻ آهي

لاهور (اي پي پي) رٿابندي، ترقي ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو آهي ته موجوده وقت جي مسئلن جو حل سيرت طيبه ۾ آهي تعليم ۽ تحقيق کان پري رهڻ ئي مسلمانن جي بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

هانگ ڪانگ: وفاقي وزير جام ڪمال مختلف ملڪن جي وزيرن سان ملاقات ڪندي

ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر ميداني علائقن ۾ موسم گرم ۽ گهميل رهندي: موسميات کاتو

اسلام آباد (اي پي پي) موسميات کاتي اڳڪٿي ڪئي آهي ته ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر ميداني علائقن ۾ موسم گرم ۽ گهميل رهندي، جڏهن ته بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ واري لانگ مارچ جي پرامن رهڻ جي اميد ناهي، 9 مئي جهڙي حرڪت ڪئي وئي ته نتيجا ڀوڳڻا پوندا: وفاقي حڪومت

پي ٽي آءِ اڳواڻن حڪومت ڪيرائڻ جي ڳالهه ڪئي آهي، پي ٽي آءِ جي لانگ مارچ جي حوالي سان سنڌن ترجمان چئي رهيو آهي ته هو مارچ ذريعي نظام کي ختم ۽ حڪومت کي ڪيرائڻ چاهين ٿا: راڻا ثناءُ الله

معاملو عدالت ۾ به ٻڌڻي هيٺ آهي، ڪنهن جا ارادا حڪومت ڪيرائڻ جا هجن ته لازمي آهي ته هو تشدد طرف ويندا، ميڙاڪي جي قيادت ڪندڙ ڪجهه ٽريون هٿياربند ٿي سگهن ٿيون

اهڙا ماڻهو به ان صورتحال مان فائدو کڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن جيڪي بلوچستان ۽ خيبر پختونخوا ۾ ملوث آهن ۽ سرحد جي ٻئي پاسي انهن جي تربيتي ڪيمپ موجود آهي

پوري دنيا ۾ هن وقت پاڪستان کي جيڪا عزت ملي آهي اها به وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي ان عزم جو نتيجو آهي

وزيراعظم، محمد شهباز شريف گڏيل قومن جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ ويجي رهيو آهي، اتي سڄي دنيا جا اڳواڻ موجود هوندا ۽ وزيراعظم جون انهن سان ملاقاتون به ٿينديون: پريس ڪانفرنس کي خطاب

لاهور (اي پي پي) مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ راڻا ثناءالله چيو آهي ته پي ٽي آءِ جي لانگ مارچ جي پرامن رهڻ جي اميد ناهي، انهن جي اڳواڻن حڪومت ڪيرائڻ جي ڳالهه ڪئي آهي جيڪڏهن پي ٽي آءِ 9 مئي جهڙي حرڪت ڪئي ته ان جا نتيجا ڀوڳڻا پوندا، اهڙن گروهن کي روڪڻ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جو فرض آهي انهن خيالن جو اظهار هن ڇنڇر تي ماڊل ٽائون ۾ پريس بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

سڄي پاڪستان جي عدالتي آفيسرن لاءِ هيلٿ انشورنس جي سهولت فراهم ڪرڻ جو فيصلو

ماتحت عدليه انصاف واري نظام جي ڪرنگهي جي هڏي آهي: چيف جسٽس آف پاڪستان

عوامي اعتماد ديانتداري سان حاصل ٿيندو آهي، عدالتي نظام ۾ سڌارن لاءِ زميني حقيقتن کي سمجهڻ ضروري آهي

سمورا ادارا پنهنجون ذميواريون احسن انداز ۾ ادا ڪن ۽ نوجوان ججز بهترين انداز ۾ انصاف جي فراهمي يقيني بڻائين

عدليه ۾ بهتري ۽ عوام کي انصاف تائين پهچ جي پروگرام تحت هلندڙ سال 3 ارب روپين کان وڌيڪ جا فنڊز جاري ڪيا ويا آهن

اسلام آباد (اي پي پي) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي چيو آهي ته عوامي اعتماد وراثت ۾ ناهي ملندو پر ديانتداري سان حاصل ٿيندو آهي عدالتي نظام ۾ سڌارن لاءِ زميني حقيقتن کي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

سنڌ بلدياتي ترميمي بل 2026ع جي معاملي تي سنڌ اسيمبلي جي خاص ڪميٽي جو اجلاس

سنڌ حڪومت بلدياتي نظام ۾ استحڪام، تسلسل ۽ مقرر وقت تي چونڊون چاهي ٿي: لنجار

اسان ترميم تجويز ڪئي آهي ته بلدياتي ادارن جي مدت مڪمل ٿيڻ کانپوءِ 120 ڏينهن اندر چونڊون ڪرائڻ جو عمل يقيني بڻايو وڃي

تجويز آهي ته نئين بلدياتي چونڊن ٿيڻ تائين موجوده ميئر ۽ بلدياتي نمائندا پنهنجي عهدن تي برقرار رهن: صوبائي گهرو وزير

ٻين سياسي پارٽين طرفان پيش ڪيل ڪجهه ترميمن کي پڻ قانون سازي جي عمل ۾ شامل ڪيو ويو آهي، اسان ڇو چاهينداسين ته بلدياتي نظام بهتر نه ٿئي؟

ڪراچي (رپورٽ: راهب گاهو) سنڌ بلدياتي ترميمي بل 2026ع جي معاملي تي سنڌ اسيمبلي جي خاص ڪميٽي جو اجلاس صوبائي گهرو ۽ قانون واري وزير ضياءالحسن لنجار جي صدارت هيٺ ٿيو بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: گهرو وزير ضياءالحسن لنجار اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

موجوده حڪومت پنهنجي 5 سال جو مدو پورو ڪندي: راڻا تنوير

ڪجهه ڏينهن کان افواهه ڦهلائيندڙ فيڪٽريون پنهنجي موت پاڻ مري وينديون

شيخوپوره ۽ فاروق آباد وچ ۾ ٻه لائينن واري روڊ جي تعمير ڪجهه ڏينهن کانپوءِ شروع ٿيندي

شيخوپوره (اي پي پي) وفاقي وزير راڻا تنوير حسين چيو ته ملڪ ۾ هن وقت مضبوط حڪومت هلي رهي آهي، ڪجهه ڏينهن بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ڀارتي پوليس 13 ڪشميرين کي گرفتار ڪري ورتو

ڀارتي پوليس جي ضلعي اسلام آباد ۾ گهيراءُ ۽ تلاشي جي ڪارروائي

سرينگر (اي پي پي) غير قانوني طور ڀارت بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

آمريڪا ناڪابندي ختم ڪري ته هرمز کوليندا سين: ايران جو مشروط اعلان

سومر ڏينهن مسقط ۾ ايران ۽ عرب ملڪن جي پرڏيهي وزيرن جو اجلاس ٿيندو، عمان ۽ ايران وچ ۾ معاهدي تي صحيحون ڪيون وينديون

اجلاس ۾ اهي سمورا ملڪ شرڪت ڪندا، جن جي سرزمين تان اسان تي حملو ڪيو ويو هو: ايران جو صدر مسعود پزشڪيان

سامونڊي رستو ڪو اهڙو رستو ناهي جنهن تي اسان جي زندگي جو مڪمل دارومدار هجي، آمريڪا پنهنجي هن طريقي ۾ به ڪامياب نه ٿيندو

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني صدر مسعود پزشڪيان جو چوڻ آهي ته سومر ڏينهن مسقط ۾ ايران ۽ عرب ملڪن جي پرڏيهي وزيرن جو اجلاس ٿيندو اجلاس ۾ عمان ۽ ايران وچ ۾ معاهدي تي صحيحون بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم يوٿ پروگرام ۽ ايس ڊي پي آءِ وچ ۾ مفاهمتي يادداشت تي صحيحون

تقريب ۾ وزيراعظم يوٿ پروگرام جو چيئرمين مشهود احمد خان، جوائنٽ سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد علي پڻ شريڪ

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم يوٿ پروگرام جي چيئرمين راڻا مشهود احمد خان جي صدارت هيٺ اعليٰ سطحي اجلاس جي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت عوامي مسئلن جي حل ۽ ماڻهن کي رليف فراهم ڪرڻ تي يقين رکي ٿي: شرجيل ميمڻ

حڪومت عوام کي وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪرڻ سان گڏ صوبي ۾ بنيادي شعبن کي بهتر بڻائڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي

سنڌ ۾ صحت جي نظام ۾ اهم بهتري آئي آهي، جڏهن ته ٽرانسپورٽ ۽ تعليم جي شعبن ۾ پڻ اهم قدم کنيا ويا آهن

رانديون جا ميدان ٺاهيا پيا وڃن ۽ نوجوانن کي پنهنجي صلاحيتن جي اظهار جا موقعا فراهم ڪيا پيا وڃن: ملاقات لاءِ ايندڙن سان ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سان بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ مسئلا ٻڌي رهيو آهي

سنڌ جي تاريخي ۽ علائقائي وحدت کي محفوظ رکڻ، بهتر حڪمراني، بااختيار مڪاني نظام ۽ آئيني سڌارن جو مطالبو

سنڌ هڪ تاريخي وطن آهي ۽ تاريخي وطنن گڏجي وفاق پاڪستان قائم ڪيو پر وفاق طرفان صوبن جي وسيلن تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ جون ڪوششون ماضي کان جاري آهن: زين شاهه

گذريل سئو سالن جي تاريخ ۾ سنڌ تي چار ڀيرا حملا ٿيا ۽ انهن حملن ۾ سنڌ جون ڪجهه شخصيتون به ملوث رهيون، سنڌ کي خطرو اڄ به موجود آهي: قيصر بنگالي

نون صوبن جو قيام مسئلن جو حل ناهي، ملڪ ۾ اعتماد جي شديد کوٽ آهي ۽ ان کي بحال ڪرڻ بدران وڌيڪ مسئلا پيدا ڪيا پيا وڃن: بيرسٽر صلاح الدين احمد

سنڌ جي عوام سنڌ جي ورهاڱي کي رد ڪري ڇڏيو آهي، سنڌ جي ورهاڱي جون سازشون نيون ناهن، عوام ماضي ۾ به انهن کي رد ڪندو رهيو آهي: عامر نواز وڙائچ

قومي اسيمبلي کي صوبن جي ورهاڱي جو اختيار حاصل ناهي، سنڌ جي وحدت خلاف ڪنهن به قدم کي سنڌ جو عوام قبول نه ڪندو: ارشد شر ۽ ٻين جو ڪانفرنس کي خطاب

ڪراچي (رپورٽ: راهب گاهو) سنڌ يونائيٽيڊ لائرز فورم جي اهتمام هيٺ سنڌ کي درپيش آئيني معاشي ۽ ٻي چئلينجن جي عنوان سان سٽي ڪورٽ ڪراچي ۾ سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ وڪيلن بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

وزيراعليٰ مريم نواز پاران ايم اين اي محمود بشير ورڪ جي لاڏاڻي تي تعزيت جو اظهار

لاهور (اي پي پي) پنجاب جي وزيراعليٰ بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سنڌ يونائيٽيڊ لائرز فورم جي اهتمام هيٺ ڪانفرنس ۾ اڳواڻ اسٽيج تي موجود آهن

پاڪستاني عوام فلسطيني عوام سان گڏ بيٺل آهي: اينٿوني نويد

فلسطين ۾ انسانيت جو قتل عام جاري آهي، مظلوم فلسطيني عوام اڪيلو ناهي

فلسطيني آزادي جي شهيدن پنهنجي رت سان آزادي جي راهه هموار ڪئي: علامه راجا ناصر عباس

غزه ۾ صهيوني ظلمن جي انتها ٿي چڪي آهي: ڊاڪٽر معراج الهديٰ صديقي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) فلسطين فائونڊيشن پاڪستان جي اهتمام هيٺ فلسطين سان يڪجهتي جي ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي، بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پاران ميجر عزيز ڀٽي کي خراج عقيدت پيش

ميجر عزيز ڀٽي شهيد جي بهادري ۽ قرباني قومي تاريخ جو روشن باب آهي

دشمن جي شديد گولا باري باوجود ميجر عزيز ڀٽي شهيد پنهنجي مورچي تي رهيو

عزيز ڀٽي شهيد کان وٺي نازڪ معرڪن تائين پاڪ فوج جي بهادري هڪ روشن روايت آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ميجر عزيز ڀٽي شهيد جي يوم شهادت تي کيس خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته ميجر عزيز ڀٽي شهيد جي بهادري ۽ قرباني قومي تاريخ جو بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

چيف سيڪريٽري پاران سمورن صوبائي کاتن کي ٽن مهينن اندر بقايا پينشن بل اڪلائڻ جي هدايت

ٻهرين جنوري کان رٽائر ٿيندڙ هر سرڪاري ملازم کي سنڌس پينشن ۽ بنيادي مالي واجبات ملازمت جي آخري ڏينهن ئي ادا ڪرڻ جو فيصلو

بين المحڪماتي ٽاسڪ فورس قائم ڪرڻ جي هدايت، جنهن ۾ اي جي سنڌ، ناڻي، صحت، جنرل ايڊمنسٽريشن ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جا نمائندا شامل هوندا

ميڊيڪل ڪليمز ۾ دير جو بنيادي سبب پاليسي يا فنڊن جي کوٽ بدران انتظامي ۽ طريقيڪار وارين رڪاوٽن آهن، جن کي دور ڪرڻ ضروري آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه سرڪاري ملازمن کي ريٽائرمينٽ کانپوءِ پينشن ۽ ٻين مالي واجبات جي ادائگي ۾ دير جو سخت نوٽيس وٺندي سمورن صوبائي کاتن کي ٽن بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

متحده پنهنجي بدترين ناڪامي کانپوءِ سنڌ ڪارڊ کيڏي رهي آهي: قادر پٽيل

ان جڏهن به عوامي حمايت وڃائي آهي، تڏهن سنڌ جي ورهاڱي ۽ نون صوبن جو شوشو ڇڏيو آهي

مصطفيٰ ڪمال ماضي ۾ پاڻ خالد مقبول صديقي کي را جو ايجنٽ قرار ڏئي چڪو آهي

عوام کي ٻڌائڻ گهرجي ته بوري بند لاش ڪنهن جي سياست ۽ ثقافت جو حصو رهيا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) قومي اسيمبلي جي ميمبر قادر پٽيل ايم ڪيو ايم اڳواڻ خالد مقبول صديقي جي بيان تي رد عمل ڏيندي چيو آهي ته ايم ڪيو ايم پنهنجي بدترين ناڪامي کانپوءِ هڪ ڀيرو ٻيهر سنڌ ڪارڊ بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد جا ماڻهو مون کان ناراض آهن ۽ منهنجي ڪارڪردگيءَ مان مطمئن ناهن: مصطفيٰ ڪمال

هر ماڻهو کي جواب ڏيڻ منهنجي ذميواري ناهي، اسپتال ٺاهڻ ۽ پاڻي فراهم ڪرڻ منهنجو ڪم ناهي: وفاقي وزير

ڪراچي به ماضي ۾ هڪ ضلعو هوندو هو، پر هاڻي ڪراچي واحد شهر آهي، جنهن کي 7 ضلعن ۾ ورهايو ويو آهي

جيڪڏهن اڪثريت اهو فيصلو ڪري ٿي ته ملڪ ۾ نوان انتظامي يونٽ نه ٺاهيا وڃن ته اهو فيصلو قبول ڪيو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي صحت واري وزير مصطفيٰ ڪمال چيو آهي ته اسلام آباد جا ماڻهو مون کان ناراض آهن ۽ منهنجي ڪارڪردگيءَ مان مطمئن ناهن پر سوال اهو آهي ته ڇا انهن وٽ مون کي بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ 14 کان 16 سيپٽمبر تائين تيز هوائن سان برسات جي اڳڪٿي

ٿرپارڪر، عمرڪوٽ، ميرپورخاص، بدين، ٺٽو، سجاول ۽ ٽنڊو محمد خان ۾ برسات ٿيندي

سانگهڙ، خيرپور، حيدرآباد، مٽياري، شهيد بينظيرآباد ۽ ڄامشورو ۾ به وسڪاري جو امڪان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) موسميات کاتي سنڌ جي راڄڌاني ڪراچي مختلف علائقن ۾ 14 کان 16 سيپٽمبر تائين گجگوڙ تيز بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

پروفيسر عارف ساقي سان پيش آيل واقعي تي سنڌ حڪومت سائين گڏ بيٺل آهي: سعيد غني

واقعي ۾ ملوث سمورن سائي جوابدارن کي پڻ پوليس تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي

پروفيسر ڊاڪٽر محمد عارف ساقي صوبائي وزير سعيد غني جو شڪريو ادا ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير محنت افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ سعيد غني چيو آهي ته اسان جي معاشري ۾ استاد جي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

انتظامي يونٽ صوبي نهي سگهن ٿا پر سنڌ جي وحدت کي تقسيم ڪرڻ نه ڏينداسين: نثار کهڙو

اسانجي ملڪ کي تجربگاهه نه ٺاهيو سنڌ تقسيم ٿيڻ نه ڏينداسين ٻيا صوبا پنهنجي مرضي جا مالڪ آهن

سنڌ ورهائڻ جون ڳالهيون ڪندڙ دهشتگردن کي هي هٿين خالي ماڻهون شڪست ڏيندا: ڪي اين شاهه ۾ جلسي کي خطاب

خيرپور ناٿن شاهه (قربان ٻگهيو) پي پي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو پي پي حيدرآباد ڊويزن جي صدر عاجز ڌامراهه پي پي ضلع دادو جي صدر ايم پي اي پير مجيب الحق ۽ ٻين خطاب ڪندي ايم آر بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

هندو نوجوانن جمهوريت جي بحالي لاءِ جدوجهد ۾ ڀرپور حصو ورتو: شام سندر

ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي پاران 1983ع جي ايم آر ڊي تحريڪ جي شهيدن کي ڀيٽا پيش

پ پ جي تاريخ آئين جي بالادستي لاءِ جدوجهد ۽ قربانين سان ڀري پئي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سنڌ اسيمبلي ميمبر ۽ وڏي وزير سنڌ جي اقليتي معاملن بابت خاص معاون بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

پاڪستان هندو مندر مينيجمينٽ ڪميٽي پاران صوبائي ايوڪيو بورڊ جي قيام تي سخت ڳڻتي جو اظهار

متروڪ وقف املاڪ بورڊ هڪ وفاقي ۽ خودمختيار ادارو آهي، جيڪو پارليامينٽ جي قانون ۽ بين الاقوامي معاهدن تحت ڪم ڪري ٿو: ڪرشن شرما

سڄي ملڪ ۾ هندو ۽ سک مذهبي عبادت گاهن ياترين کي اين او سي جاري ڪرڻ ۽ ٻين انتظامن جي نگراني هي بورڊ ئي ڪري ٿو

هن معاملي سان لاڳاپيل هڪ ڪيس اڳ ۾ ئي سپريم ڪورٽ ۾ ٻڌڻي هيٺ آهي، سنڌ حڪومت يا ڪو ادارو اهڙو قدم نه کڻي جنهن سان پيچيدگيون پيدا ٿين

ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران پاڪستان هندو مندر مينيجمينٽ ڪميٽي جي ڪرشن شرما ۽ ٻين هندو تنظيمن جي اڳواڻن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ڪراچي(بيورو رپورٽ)پاڪستان هندو مندر مينيجمينٽ ڪميٽي صوبائي ايوڪيو بورڊ جي قيام جي قدمن تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي وفاقي حڪومت ۽ اعليٰ اختيارين کان فوري مداخلت جو مطالبو ڪيو آهي. ڇنڇر ڏينهن ڪراچي پريس بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: هندو مندر مينيجمينٽ جو چيئرمين ڪرشن شرما احتجاج وقت ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

پيپلزپارٽي اڳ ۾ به ڏکيا ڏينهن گهڻا ڏٺا آهن ۽ اڳتي به منهن ڏينداسين: نثار کهڙو

جيڪڏهن قومي اسيمبلي ٺهراءُ پيش ڪري ۽ صوبن ان کي رد ڪري ته پاڪستان ۾ ڇا بچندو

پي ٽي آءِ وارن کي احتجاج ڪرڻ جو حق آهي پر ان ۾ تشدد نه هجي: سيوهڻ ۾ ڳالهيون

سيوهڻ (ن ع) پاڪستان پيپلزپارٽي صوبي سنڌ جي صدر ۽ سينيئر اڳواڻ نثار کهڙو سيوهڻ ۾ مشهور اولياء ۽ صوفي بزرگ بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

سيوهڻ: پ پ سنڌ جو صدر نثار کهڙو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪراچي واٽر ڪارپوريشن ۽ ايف ڊبليو او وچ ۾ ٻملوٽي پائيپ لائين جي تعمير جو معاهدو

منصوبي کي 12 مهينن اندر مڪمل ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو، 14 ارب لاڳت ايندي

ڊفينس ۽ ڪلفٽن ۾ پاڻي جي کوٽ گهٽ ڪرڻ ۾ مدد ملندي: مرتضيٰ وهاب

ڪراچي(بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب پاران شهر ۾ پاڻي جي فراهمي کي وڌيڪ بهتر ۽ مستحڪم بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

عربي سمنڊ ۾ منشيات مافيا عام ماهيگيرن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو

گوادر ريڙي کان وٺي ڪيٽي بندر تائين بااثر منشيات فروش پنهنجو راڄ قائم ڪيو

گاڙهو (ن ع) عربي سمنڊ گوادر ريڙي کان وٺي ڪيٽي بندر تائين اسمگلنگ جو اهم ۽ پرسڪون مرڪز بڻجي ويو آهي جتان بااثر ماڻهون اربين رپيا جي اسمگلنگ بآساني ڪري رهيا آهن ٻئي طرف بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

مير رضا قتل ڪيس ۾ عدالت احمد ۽ عبدالله جون ضمانت واريون درخواستون اڪلائي ڇڏيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سٽي ڪورٽ ۾ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن عدالت اوير بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 3 ڄڻا فوت

ايف بي ايريا بلاڪ 15 ۾ گهر مان 70 سالن جي عورت عابده جو لاش مليو

ڪراچي پورٽ ۾ ڪم دوران وزني شيءِ ڪرڻ سبب 19 سالن جو ڪيپان فوت ٿيو

صائما پاري سوسائٽي ويجهو ڪرنٽ لڳڻ جي نتيجي ۾ 50 سالن جو شخص فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 3 ڄڻا فوت ٿي ويا. جوهر آباد ٿاڻي جي حد ايف بي ايريا بلاڪ 15 جي ويجهو گهر مان 70 سالن جي عورت عابده بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

صالح محمد ڳوٺ کان غريب آباد ۽ گولا ٽائون تائين روڊ جي تعميراتي منصوبي جو افتتاح

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ يو سي نمبر 6 صالح محمد ڳوٺ کان غريب آباد ۽ گولا ٽائون تائين روڊ جي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

سردار عطا الله مينگل جي پنجين ورسي تي اڄ ڪراچي ۾ تقريب

پريس ڪلب ۾ ٿيندڙ تقريب ۾ سردار اختر مينگل خصوصي خطاب ڪندو

مولانا فضل الرحمان، اسد قيصر، محمود خان اڇڪزئي، علامه راجا ناصر عباس خطاب ڪندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بلوچستان جي اڳوڻي وزيراعليٰ ۽ قومپرست اڳواڻ سردار عطا الله مينگل جي پنجين ورسي جي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: منشيات سپلاءِ ڪندڙ جوابدار کي 9 سال قيد ۽ 80 هزار رپيا ڏنڊ

راولپنڊي (اي پي پي) راولپنڊي جي مقامي عدالت منشيات سپلاءِ ڪندڙ جوابدار شاهد محمود کي 9 سال قيد ۽ 80 هزار رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي آهي راولپنڊي پوليس جي ترجمان مطابق نيو ٽائون ٿاڻي جي پوليس بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ملائيشيا جو قونصل جنرل نمائش دوران اسٽال ڏسي رهيو آهي

ليوي پيٽا ٽيڪس ذريعي عوام کان ڦرلٽ ڪانهي ڪچي ۽ پڪي جي ڌاڙيلن ۾ فرق ئي ختم ٿي ويو

ڪراچي/لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) امير جماعت اسلامي سنڌ ڪاشف سعيد شيخ چيو آهي ته پيٽروليم شين تي ليوي پيٽا ٽيڪس ذريعي عوام کان ڦرلٽ ڪانهي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پرڏيهي شهرين سان فراڊ، ڪال سينٽر تان 7 ڄڻا گرفتار

ڪوثر ٽائون ملير ۾ قائم مبينا فراڊ ڪال سينٽر تي ڇاپو هنيو ويو

بلال رضا، عبدالله، شعيب رحيم، عمر سعيد، جنيد خان نجم ۽ حسن مختيار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي ڪراچي ۾ پرڏيهي شهرين سان مبينا فراڊ ڪندڙ هڪ بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ميهڙ شهر ۾ واٽر سپلاءِ مان ڪارو ۽ بدبودار پاڻي فراهم ٿيڻ خلاف شهرين جي احتجاجي ريلي

شهري اتحاد جي سڏ تي مختلف سياسي، سماجي، واپاري تنظيمن پاران ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو

واٽر سپلاءِ مان ڪارو بدبودار ۽ ناقص پاڻي اچڻ سبب سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي: مظاهرين

اختيارين نوٽيس وٺي پاڻي جي فوري جاچ ڪرائي صاف ۽ پيئڻ لائق پاڻي فراهم ڪيو وڃي

ميهڙ (رپورٽ نعمت الله مهيسر) ميهڙ شهر ۾ واٽر سپلاءِ مان ڪارو ۽ بدبودار پاڻي فراهم ٿيڻ، شهر اندر صفائي جو نظام بهتر نه ٿيڻ ۽ مختلف علائقن ۾ گندگي جا ڍير لڳل هجڻ خلاف شهري اتحاد ميهڙ جي بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

سرجاني ٽائون ۾ ڦر دوران مزاحمت تي ڌاڙيلن جي فائرنگ سان هڪ ڄڻو قتل

روزي ڳوٺ ندي پرسان مبينا ڦر جي واردات دوران قاسم موٽرسائيڪل ڦرڻ جي مزاحمت ڪئي

مختلف هنڌن تي پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ 4 مقابلا ٿيا، 7 جوابدار گرفتار ڪيا ويا

اسمگلنگ جا 8 جوابدار گرفتار، 2 ڪروڙ 23 لک رپين جي 272.15 ڪلوگرام منشيات هٿ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شهر ۾ اسٽريٽ ڪرائم ۽ منشيات فروشي خلاف پوليس ۽ اينٽي نارڪوٽڪس فورس جون ڪارروايون جاري آهن جڏهن ته ڌاڙيلن جي فائرنگ ۾ هڪ شهري فوت ٿي ويو سرجاني ٽائون ۾ بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

مورو ويجهو پوليس جو نوجوانن کي ڪپڙن کان آجو ڪري تشدد، معززين جي مداخلت تي آزاد

ملڪ چودڳي چوڪي انچارج عبدالرئوف سانگهڙي پورهيت مجيب عالماڻي کان ڪنهن رقم طلب ڪئي

انڪار ڪرڻ تي اهلڪارن کي ڪپڙن کان آجو ڪري تشدد ڪيو، علائقي جي معززين جي مداخلت بعد نوجوان کي ڇڏيو ويو

رازو آهيان، پورهيو ڪري گهر جو گاڏو هلايان ٿو ناحق ڪندڙ خلاف ڪارروائي ڪري انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي: مجيب

مورو (رپورٽ خدا بخش ميمڻ) مورو ويجهو بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

مورو: زخمي ٿيل نوجوان اسپتال ۾ داخل آهن

ڪاشف دادا گروهه جا ٻه ميمبر نعمان ۽ شامير گرفتار

جوابدارن جي قبضي مان لکين رپين جي ماليت جي منشيات هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

جوابدار روزانو 4 کان 5 لک رپين جي منشيات وڪرو ڪندا هئا: پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪياماڙي پوليس گينگ وار سان لاڳاپيل ڪاشف دادا گروهه خلاف ڪارروائي ڪندي گروهه جي ٻن بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

هالا هاءِ اسڪول جي استاد ڪريم ڏنو ڪاڪا کي رٽائرمينٽ تي الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي

هالا (ن ع) مخدوم غلام حيدر گورنمينٽ بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ملير ڪينٽ ويجهو ٽريفڪ حادثو، هڪ ڄڻو فوت، ٻيو زخمي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ملير بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

گلشن حديد ۾ پراسرار نموني زهر کائڻ جي واقعي ۾ نوجوان ناري فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

ضلعي گهوٽڪي جي مجموعي امن امان جي صورتحال بابت اهم اجلاس

ماٿيلي ۾ آءِ جي سنڌ جي صدارت ۾ ٿيل اجلاس ۾ اهم عملدار شريڪ ٿيا

فهميده پتافي جي باحفاظت بازيابي لاءِ سمورا دستياب وسيلا ڪتب آندا وڃن: آءِ جي

آءِ جي سنڌ ايس ايس پي گهوٽڪي آفيس ۾ آءِ ٽي آفيس جو سنگ بنياد پڻ رکيو

ڪراچي/ميرپورماٿيلو (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جي صدارت هيٺ ايس ايس پي آفيس گهوٽڪي ميرپورماٿيلو ۾ سکر ڊويزن سميت ضلعي گهوٽڪي جي مجموعي امن امان جي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

پڳهارن مان غيرقانوني ڪٽوتين واري ڪيس ۾ اڳوڻي آءِ جي سنڌ غلام حيدر جمالي سميت جوابدار بري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اينٽي ڪرپشن عدالت سنڌ پوليس جي ملازمن جي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ملتان: ٻه نوجوان ڪاڏي جي اسٽال تي پوريون ٺاهي رهيا آهن

[redacted]

ڪانفرنس ڪندي ڪيو ان موقعي تي عظميٰ بخاري سميت (ن) ليگ جا ٻيا اڳواڻ به ساڻس گڏ هئا. راڻا ثناءَ الله چيو ته پي ٽي آءِ جي لانگ مارچ جي حوالي سان سندن ترجمان چٽي رهيو آهي ته هو مارچ ذريعي نظام کي ختم ۽ حڪومت کي ڪيرائڻ چاهين ٿا، جڏهن ڪنهن جا ارادا حڪومت ڪيرائڻ جا هجن ته لازمي آهي ته هو تشدد طرف ويندا. هن چيو ته رپورٽن موجب ميڙاڪي جي قيادت ڪندڙ ڪجهه ذريون هٿياربند ٿي سگهن ٿيون ۽ اهڙا ماڻهو به ان صورتحال مان فائدو کڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن جيڪي بلوچستان ۽ خيبر پختونخوا ۾ بدامني ۽ دهشتگردي ۾ ملوث آهن ۽ سرحد جي ٻئي پاسي انهن جي تربيتي ڪيمپ موجود آهي. هن چيو ته جن جا ارادا پرامن نه هجن انهن کي روڪڻ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جو فرض آهي. معاملو عدالت ۾ به ٿئي هيٺ آهي عدالت جيڪو فيصلو ڪندي ان موجب قدم کنيا ويندا. هڪ سوال جي جواب ۾ راڻا ثناءَ الله چيو ته هن وقت پاڪستان جي سياسي قيادت وزيراعظم محمد شهباز شريف جي قيادت هيٺ ۽ عسڪري قيادت فيلڊ مارشل عاصم منير جي قيادت هيٺ ملڪ جي بهتري، ترقي عزت ۽ دفاع لاءِ نه رڳو گڏ آهي پر پوري طرح پرعزم به آهي. هن چيو ته ملڪ معاشي طور مستحڪم ٿيو آهي جڏهن ته جنگ سبب معاشي ترقي جا اثر نمايان نه ٿي سگهيا. هن چيو ته پوري دنيا ۾ هن وقت پاڪستان کي جيڪا عزت ملي آهي اها به وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي ان عزم جو نتيجو آهي. راڻا ثناءَ الله چيو ته نون صوبن جي قيام جي حوالي سان بحث مناسب ۽ درست فورم تان شروع ناهي ٿيو. ان معاملي تي بحث پارليامينٽ ۾ ٿيڻ گهرجي جتي سمورن صوبن جي نمائندگي موجود آهي ۽ هر صوبي جو موقف سامهون اچي سگهي ٿو هن چيو ته نون صوبن جي قيام جو حتمي فيصلو پارليامينٽ کي ڪرڻو آهي اجا تائين اهو معاملو نه سينيٽ ۽ نه ئي قومي اسيمبلي ۾ اٿاريو ويو آهي نه ئي ڪابينه ۾ بحث هيٺ آيو آهي جڏهن معاملو سامهون ايندو ته وزيراعظم ان حوالي سان فيصلو ڪندو هن چيو ته ريفرنڊم ڪرائڻ جو فيصلو به حڪومت اڪيلي ناهي ڪندي پر پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ ان حوالي سان فيصلو ٿيندو نون صوبن جي حوالي سان پارٽي ۾ مشاورت ٿيندي، هر پنهنجي راءِ ڏيندو جڏهن ته پارٽي جيڪو فيصلو ڪندي ان کي قبول ڪنداسين هن چيو ته پارٽي جي تنظيم کي گراس روٽ ليول يونين ڪائونسل جي سطح تائين 20 ڏينهن ۾ مڪمل ڪيو ويندو پنجاب ۾ بلدياتي چونڊن جي بندوبست جي حوالي سان به حڪومت ۽ پارٽي کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ مشاورت ٿيندي هن چيو ته گورنر هائوس ۾ مسلم ليگ (ن) ۽ پيپلز پارٽي جي اڳواڻن ۾ ملاقات ٿي جنهن ۾ ٻنهي پارٽين جا سينئر اڳواڻ موجود هئا. ٻئي پارٽيون اتحادي حڪومت جو حصو آهن ۽ جن معاملن تي انڊر اسٽينڊنگ ٿي هئي ان حوالي سان هر مهيني ملاقات ٿيڻ گهرجي هن چيو ته گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير جي چونڊن سبب سياسي ماحول متاثر ٿيو جنهن سبب ٻن ٽن مهينن بعد ملاقات ٿي ملاقات ۾ مختلف معاملن تي ڳالهيون ۽ ٻنهي پارٽين وچ ۾ پيدا ٿيل تلخي ۾ ڪافي اڳڀرائي ٿي ملاقاتون ڪانهن ٻنهي پارٽين وچ ۾ تلخيون وڌيڪ گهٽ ٿيون هن چيو ته جماعت اسلامي هڪ سياسي پارٽي آهي ۽ ان جون سرگرميون آئيني قانوني گهرجن موجب هونديون آهن جماعت اسلامي جو لانگ مارچ پرامن سياسي احتجاج هوندي اسان ان جو احترام ڪيون ٿا. هن چيو ته جماعت اسلامي سان ٿيل ڳالهين ۾ سندن موقف سنجيدگي سان ٻڌو ويو آهي هڪ سوال جي جواب ۾ راڻا ثناءَ الله چيو ته پنجاب بلدياتي ايڪٽ جي تياري کان اڳ ڪميٽي قائم ڪئي وئي هئي ڪيترا ئي مهينا اجلاس به ٿيا ۽ اڪثريت راءِ سان ايڪٽ تيار ڪري حڪومت کي ڏنو ويو. هن چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف گڏيل قومن جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ وڃي رهيو آهي اتي سڄي دنيا جا اڳواڻ موجود هوندا ۽ وزيراعظم جون انهن سان ملاقاتون به ٿينديون هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته مخالف ڌر جي اڳواڻ سان ملاقات لاءِ خط لکيو ويو آهي مخالف ڌر جو اڳواڻ چٽي رهيو آهي ته هو وزيراعظم هائوس نه ٿو وڃڻ چاهي، جڏهن ته مخالف ڌر جي اڳواڻ کي وزيراعظم سان ملاقات لاءِ اچڻ گهرجي.

[redacted]

سمجهڻ ضروري آهي، انصاف جي وقت سر فراهمي وقت جي اهم ضرورت آهي، سمورا ادارا پنهنجون ذميواريون احسن انداز ۾ ادا ڪن ۽ نوجوان ججز بهترين انداز ۾ انصاف جي فراهمي يقيني بڻائيندا. ڇنڇر ڏينهن جوڊيشل ڪميشن پاڪستان جي انتظام هيٺ سپريم ڪورٽ اسلام آباد ۾ عدالتي نظام ۾ سڌارن ۽ عوام کي فوري انصاف جي فراهمي جي موضوع تي (جوڊيشل ويل بيئنگ) منعقد قومي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي هن چيو ته ماتحت عدليه انصاف واري نظام ۾ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکي ٿي.

[redacted]

جنهن ۾ سنڌ لوڪل گورنمينٽ (ترميمي) بل 2026ع تي شرڪت ڪندڙن وچ ۾ هڪ هڪ نقطي تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي اجلاس دوران صوبائي گهرو ۽ قانون واري وزير ضياءالحسن لنجار هدايت ڪئي ته اجلاس جي ايجنڊا هيٺ غور هيٺ معاملن بابت جلد کان جلد سفارشون ترتيب ڏئي پيش ڪيون وڃن اجلاس کانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي ضياءالحسن لنجار چيو ته سنڌ حڪومت بلدياتي نظام ۾ استحڪام ۽ تسلسل چاهي ٿي ۽ حڪومت جي خواهش آهي ته بلدياتي چونڊون مقرر وقت تي ڪرايون وڃن هن چيو ته حڪومت جي ڪوشش آهي ته بلدياتي نظام کي وڌيڪ مستحڪم ۽ اثرائتو بڻايو وڃي هن چيو ته تجويز ڏني وئي آهي ته بلدياتي ڪائونسل جي مدت مڪمل ٿيڻ کان اڳ ايندڙ چونڊن بابت اليڪشن ڪميشن کي باقاعدي آگاهه ڪيو وڃي. صوبائي وزير چيو ته اسان ترميم تجويز ڪئي آهي ته بلدياتي ادارن جي مدت مڪمل ٿيڻ کانپوءِ 120 ڏينهن اندر چونڊون ڪرائڻ جو عمل يقيني بڻايو وڃي هن چيو ته تجويز آهي ته نئين بلدياتي چونڊن ٿيڻ تائين موجوده ميئر ۽ بلدياتي نمائندا پنهنجي عهدن تي برقرار رهن ضياءالحسن لنجار چيو ته بلدياتي چونڊن جو شيڊول جاري ٿيڻ کانپوءِ چونڊن جي عمل بابت اختيار اليڪشن ڪميشن وٽ اچي وڃن ٿا. اسان جي ڪوشش آهي ته اليڪشن ڪميشن کي وڌيڪ بااختيار بڻايو وڃي ته جيئن بلدياتي چونڊون وقت سر يقيني بڻائي سگهجن هن چيو ته ٻين سياسي پارٽين طرفان پيش ڪيل ڪجهه ترميمن کي پڻ قانون سازي جي عمل ۾ شامل ڪيو ويو آهي اسان ڇو چاهينداسين ته بلدياتي نظام بهتر نه ٿئي؟ اسان جي ترجيح هڪ اثرائتو مستحڪم ۽ فعال بلدياتي نظام آهي. صوبائي گهرو ۽ قانون واري وزير چيو ته بنگلاديش ۽ ڀارت ۾ به حڪومتون بلدياتي چونڊون ڪرائين ٿيون اسان به اليڪشن ڪميشن کي بااختيار بڻائڻ چاهيون ٿا ته جيئن چونڊون وقت سر ٿي سگهن ضياءالحسن لنجار چيو ته بلدياتي نظام جمهوريت جي بنيادي ايڪن مان هڪ آهي ان جي استحڪام ۽ تسلسل لاءِ اثرائتي قانون سازي ضروري آهي.

[redacted]

ڪانيو افواهه ڦهلائيندڙ فيڪٽريون پنهنجي موت پاڻ مري وينديون ۽ موجوده حڪومت پنهنجو 5 سال جو مدو پورو ڪندي اهڙن خيالن جو اظهار هن سجا سوڊا ۾ هڪ وڏي اجتماع ع کي خطاب ڪندي ڪيو جتي راڻا وحيد احمد (ن) ليگ ۾ شموليت جو اعلان ڪيو هن چيو ته ن ليگ جي اڄ جي وڏي اجتماع ع کي ڏسي مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي آهي انشاالله ن ليگ ئي ايندڙ چونڊن ۾ ڀرپور اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪندي هن چيو ته اسان هر ڪم عوام جي مفاد لاءِ ڪيون ٿا هن اعلان ڪيو ته شيخوپوره ۽ فاروق آباد وچ ۾ ٻه لائينن واري روڊ جي تعمير ڪجهه ڏينهن کانپوءِ شروع ٿيندي هن وڌيڪ ٻڌايو ته وفاقي حڪومت موٽروي تي فاروق آباد وٽ انٽرچينج به ڏاهيندي.

[redacted]

جي قبضي هيٺ جمون ڪشمير ۾ ڀارتي پوليس ضلعي اسلام آباد ۾ گهيراءُ ۽ تلاشي جي ڪارروائي دوران 13 ڪشميرين کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو ڪشمير ميڊيا سروس مطابق انهن کي ضلعي جي علائقي واڳهامر ۾ 20 هنڌن تي ڇاپن دوران گرفتار ڪيو ويو هڪ ڀارتي عهديدار انهن جي حراست جو جواز فراهم ڪرڻ لاءِ انهن تي منشيات وڪري ۾ ملوث هجڻ جو الزام لاڳو ڪيو آهي ڀارت ڪشميرين جي آزادي جي آواز کي دٻائڻ لاءِ انهن کي مختلف بي بنياد الزامن تحت جيلن ۽ عقوبت خانن ۾ رکيو ڇڏيو آهي هن وقت 3 هزار کان وڌيڪ ڪشميري پبلڪ سيفٽي ايڪٽ (پي ايس اي) ۽ يو اي پي اي جهڙي ڪاري قانون تحت جيلن ۾ بند آهن جن ۾ اڪثريت نوجوانن جي آهي.

[redacted]

قانوندانن، سياسي اڳواڻن ۽ معاشي ماهرن پاڪستان ۾ حقيقي آئيني وفاقيت جي نفاذ، صوبائي خودمختياري جي اثرائتي عملدرآمد، وسيلن جي منصفاڻي ورڇ ۽ نئين وفاقي سماجي معاهدي جو مطالبو ڪندي چيو ته سنڌ جي تاريخي ۽ علائقائي وحدت کي وفاق پاڪستان اندر محفوظ رکيو وڃي سنڌ جي ورهاڱي بدران بهتر حڪمراني بااختيار مڪاني نظام ۽ آئيني سڌارن ذريعي عوام جا مسئلا حل ڪيا وڃن سيمينار ۾ منظور ڪيل قرارداد ۾ وفاق جي سمورن وحدتن وچ ۾ آئيني برابري، سنڌ سميت سمورن تاريخي ۽ ثقافتي سڃاڻپن جي آئيني تحفظ، صوبائي خودمختياري جي بامعنيٰ نفاذ، مالي ۽ قدرتي وسيلن جي منصفاڻي ورڇ ۽ جمهوري ۽ بااختيار مڪاني حڪومتن جي نظام کي نئين وفاقي سماجي معاهدي جا بنيادي اصول قرار ڏنو ويو قرارداد ۾ سنڌ جي زرعي رهائشي ماحولياتي ۽ ثقافتي اهميت واري زمين جي تحفظ، وڏي پيماني تي زرعي زمين جي منتقلي ۽ اهڙن ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبن جي مخالفت ڪئي وئي جيڪي مقامي آبادگارن هارين مزارعن ۽ آباديءَ جي حقن کي متاثر ڪن ٿا. قرارداد ۾ سنڌو درياهه ان جي سموري طاس ۽ ڊيلٽا جي تحفظ، سنڌ جي آبي حصي ۽ ماحولياتي وهڪري کي يقيني بڻائڻ سان گڏ اهڙن نون ڪينالن ۽ آبي منصوبن تي نظرثاني جو مطالبو ڪيو ويو جيڪي سنڌ جي آبي حقن کي متاثر ڪن ٿا قرارداد ۾ چيو ويو ته حڪمراني جي مسئلن جو حل صوبن جي ورهاڱي ۾ نه پر شفاف، جوابده ۽ بااختيار حڪمراني ۾ آهي سيمينار ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي صدر سيد زين شاهه، معاشي ماهر ڊاڪٽر قيصر بنگالي، پاڪستان بار ڪائونسل جي ميمبر بيرسٽر صلاح الدين احمد، سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي صدر محمد حسيب جمالي، ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي صدر عامر نواز وڙائچ، سنڌ يونائيٽيڊ لائرز فورم جي صدر فهيم ضياءِ ايڊووڪيٽ خواجه نويد امين ميمبر سنڌ بار ڪائونسل زبير ابڙو، عبدالوهاب بلوچ ۽ ٻين وڪيلن سياسي ۽ سماجي شخصيتن سميت مختلف شعبن سان لاڳاپيل ماڻهن شرڪت ڪئي. سيد زين شاهه خطاب ڪندي چيو ته سنڌ هڪ تاريخي وطن آهي ۽ تاريخي وطن گڏجي وفاق پاڪستان قائم ڪيو ۽ وفاق طرفان صوبن جي وسيلن تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ جون ڪوششون ماضي کان جاري آهن هن چيو ته وسيلن تي ڪنٽرول لاءِ ون يونٽ قائم ڪيو ويو جڏهن ته اڄ ايس آءِ ايف سي ذريعي صوبن جي وسيلن تي قبضي جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي سمنڊ، زرعي زمين، ڪوئلو گئس ۽ سنڌو درياهه تي سڏي يا اڻ سڏي ريت قبضو ڪيو پيو وڃي. سيد زين شاهه چيو ته صوبن کي آئيني اختيار حاصل هجڻ باوجود پنهنجن وسيلن ۽ بجيٽ بابت مسلسل دٻاءُ کي منهن ڏيڻو پوي ٿو جن ڪينالن کي ختم ڪيو ويو هو انهن کي ٻيهر عملي شڪل ڏيڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن غير قانوني ڪينالن جو نوٽيفڪيشن رد ٿيڻ باوجود انهن تي ڪم شروع ڪيو ويو آهي پاڻي جي شديد کوٽ باوجود نوان ڪينال تعمير ڪيا پيا وڃن چولستان ۽ گريٽر ٿل ڪينال نظام ذريعي لکين ايڪڙ زمين کي پاڻي فراهم ڪرڻ جا منصوبا سنڌ لاءِ گهٽتي جو سبب آهن جڏهن ته پاڻي جي کوٽ سبب سنڌ جو ڊيلٽا تباهه ۽ زراعت سخت متاثر ٿي رهي آهي هن چيو ته ملڪ کي پنهنجي پرڏيهي پاليسي ۾ تبديلي آڻي ان کي علائقائي امن ۽ پاڙيسري ملڪن سان دوستاڻن لاڳاپن جي بنياد تي جوڙڻ پوندو جڏهن ته معاشي پاليسي ۾ به تبديلي آڻي خطي جي ملڪن سان دوستاڻا معاشي لاڳاپا قائم ڪرڻ گهرجن سيد زين شاهه 26هين ۽ 27هين آئيني ترميمن کي واپس وٺڻ جو مطالبو ڪندي چيو ته متحد ٿي پنهنجي حقن جي جدوجهد ۾ ڪاميابي حاصل ڪنداسين معروف معاشي ماهر ڊاڪٽر قيصر بنگالي چيو ته پاڪستان ۽ سنڌ کي وڏن مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي ۽ سنڌ کي ٽوڙڻ جون ڳالهيون پهريون ڀيرو نه ٿي رهيون آهن پاڪستان جي قيام کان اڳ سنڌ کي ممبئي پريزيڊنسي سان ڳنڍيو ويو هو ۽ وڏي جدوجهد کانپوءِ سنڌ کي ممبئي پريزيڊنسي کان الڳ ڪرايو ويو ڪراچي به هڪ مرحلي تي وفاق حوالي ڪيو ويو جنهن کي بعد ۾ وڏي جدوجهد سان سنڌ واپس حاصل ڪيو هن چيو ته جڏهن به سنڌ کي شڪايت ٿي ته ان ۾ سنڌ جا پنهنجا ماڻهو به ملوث رهيا آهن ون يونٽ جي قيام جي حمايت ۾ سنڌ اسيمبلي ۾ ووٽ ڏنو هو پيٽروليم ليوي لاڳو ڪرڻ ۾ سمورين سياسي جماعتون شامل هيون ۽ جي ايس ٽي بابت ۾ صوبن جي آئيني حق کي متاثر ڪيو ويو ڊاڪٽر قيصر بنگالي چيو ته اسان مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار هوندا آهيون پر اسان جي وچ ۾ موجود ماڻهو مخالفت شروع ڪري ڇڏيندا آهن گذريل سئو سالن جي تاريخ ۾ سنڌ تي چار ڀيرا حملا ٿيا ۽ انهن حملن ۾ سنڌ جون ڪجهه شخصيتون به ملوث رهيون. سنڌ کي درپيش خطرو اڄ به موجود آهي هن چيو ته آئين موجب جي ايس ٽي تي صوبن جو حق آهي، پر سمورين سياسي جماعتن جي حمايت سان اهو اختيار وفاق حوالي ڪيو ويو ۽ پوءِ ٻيهر صوبن کي مليو اسلام آباد سان ٿيندڙ معاهدن بابت صوبن کي خبردار رهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته سنڌ جا ٻاهر ماڻهو اڪثر سمجهوتا ڪري وٺندا آهن هن چيو ته سنڌ جي وحدت تي جڏهن به حملو ٿيو ته سنڌ جي حڪمرانن صلح ڪري سنڌ کي نقصان پهچايو ۽ مفاهمتن ذريعي سنڌ جي مفادن کي نقصان پهچايو ويو سنڌ يونائيٽيڊ لائرز فورم جي صدر فهيم ضياءِ چيو ته وفاقي وحدتن جي حقن لاءِ هر فورم تي آواز اٿارينداسين ۽ آئيني حقن جي تحفظ لاءِ جدوجهد جاري رکنداسين پاڪستان بار ڪائونسل جي ميمبر بيرسٽر صلاح الدين احمد چيو ته نون صوبن جو قيام مسئلن جو حل ناهي ملڪ ۾ اعتماد جي شديد کوٽ آهي ۽ ان کي بحال ڪرڻ بدران وڌيڪ مسئلا پيدا ڪيا پيا وڃن هن چيو ته برآمدات، زراعت، ماحوليات ۽ پاڻي جي مسئلن کي نون صوبن جي قيام سان ڳنڍڻ درست سوچ ناهي اختيارن کي هيٺين سطح تائين منتقل ڪرڻ تي سموريون ڌريون متفق آهن ٺهنڪري مڪاني ادارن کي مالي ۽ انتظامي اختيار ڏيڻ سان گڏ شفاف چونڊون ڪرايون وڃن بيرسٽر صلاح الدين احمد چيو ته صوبن جي ورهاڱي جهڙن غير سنجيده تجربن بدران عوامي مسئلن جو حقيقي حل ڳولڻ گهرجي 26هين ۽ 27هين آئيني ترميمن کانپوءِ عدليا جي حالت ڪمزور ٿي چڪي آهي آزاد ۽ مضبوط عدليا کانسواءِ آئين جي بالادستي ۽ عوام جي حقن جو تحفظ ممڪن ناهي ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي صدر عامر نواز وڙائچ چيو ته سنڌ جي عوام سنڌ جي ورهاڱي کي رد ڪري ڇڏيو آهي سنڌ جي ورهاڱي جون سازشون نيون ناهن عوام ماضي ۾ به انهن کي رد ڪندو رهيو آهي ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري محمد ارشد شر چيو ته قومي اسيمبلي کي صوبن جي ورهاڱي جو اختيار حاصل ناهي سنڌ جي وحدت خلاف ڪنهن به قدم کي سنڌ جو عوام قبول نه ڪندو سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي صدر حسيب جمالي چيو ته پاڪستان ۾ بنيادي حق ۽ آزاد عدليا موجود ناهي جڏهن ته آئين تي به مڪمل عملدرآمد نه ٿي رهيو آهي هن چيو ته سنڌ هميشه سڀني کي پنهنجو بڻايو آهي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ ۽ سنڌ يونائيٽيڊ لائرز فورم جي مرڪزي سيڪريٽري خواجه نويد امين چيو ته موجوده وفاقي وحدتن کي تبديل ڪري نوان صوبا ٺاهڻ وارين تجويزن جي سخت مخالفت ڪريون ٿا. هن چيو ته آئين جي آرٽيڪل 239 جي شق 4 ۾ نه ڪنهن صوبي جي ورهاڱي ۽ نه ئي نئين صوبي جي قيام جو ذڪر آهي، پر صوبي جي حدن ۾ تبديلي جي صورت ۾ لاڳاپيل صوبائي اسيمبلي جي ٻن ٽين اڪثريت سان منظوري لازمي قرار ڏني وئي آهي خواجه نويد امين چيو ته سنڌ جي عوام جي آئيني، سياسي، معاشي، آبي ۽ قدرتي وسيلن بابت حقن جي تحفظ، صوبائي خودمختياري ۽ حقيقي وفاق جي واڌاري لاءِ آئيني ۽ قانوني ۽ جمهوري جدوجهد کي اڳتي وڌايو ويندو سيمينار جي شرڪت ڪندڙن عزم ظاهر ڪيو ته سنڌ جي تاريخي، جاگرافيائي، ثقافتي ۽ معاشي وحدت جو تحفظ آئيني، قانوني ۽ جمهوري جدوجهد ذريعي ڪيو ويندو سنڌ جي پاڻي، زمين، قدرتي وسيلن، ساموندي پٽي، ڊيلٽا ۽ ٻين آئيني حقن جي تحفظ لاءِ وڪيلن، سياسي ڪارڪنن، دانشورن ۽ سول سوسائٽي کي متحد ٿي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو مقررين چيو ته پاڪستان کي مضبوط بڻائڻ جو رستو صوبن کي ڪمزور ڪرڻ ۾ نه، پر نئين وفاقي سماجي معاهدي، حقيقي وفاقيت، صوبائي خودمختياري، وسيلن جي منصفاڻي ورڇ ۽ بااختيار جمهوري ادارن ۾ آهي.

[redacted]

مريم نواز ايم اين اي محمود بشير ورڪ جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي هن، محمود بشير ورڪ جي لاڏاڻي تي سوڳوار ڪٽنب سان همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو.

[redacted]

جنهن ۾ سنڌ اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر انٿوني نويد، سينيٽ ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ علامه راجا ناصر عباس جعفري، ڊاڪٽر معراج الهديٰ صديقي، فلسطين فائونڊيشن پاڪستان جي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر صابر ابو مريم سميت مختلف سياسي، مذهبي ۽ اقليتي اڳواڻن شرڪت ڪئي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي سنڌ اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر انٿوني نويد چيو ته پاڪستاني عوام فلسطيني عوام سان گڏ بيٺل آهي ۽ فلسطين ۾ اسرائيلي ظلمن جي سخت مذمت ڪري ٿو.

[redacted]

مهينن اندر بقايا پينشن بل نمٽائڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته ايندڙ جنوري کان ريٽائر ٿيندڙ هر سرڪاري ملازم کي سندس پينشن ۽ بنيادي مالي واجبات ملازمت جي آخري ڏينهن ئي ادا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي چيف سيڪريٽري سنڌ جي صدارت هيٺ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ پينشن ۽ سرڪاري ملازمن جي ميڊيڪل خرچن جي واپسي واري نظام کي بهتر بڻائڻ جي حوالي سان هڪ اعليٰ سطح جو اجلاس ٿي گذريو.

[redacted]

ڪيڏي رهي آهي ايم ڪيو ايم جڏهن به عوامي حمايت وڃائي آهي، تڏهن سنڌ جي ورهاڱي ۽ نون صوبن جو شوشو ڇڏيو آهي قادر پٽيل چيو ته مصطفيٰ ڪمال ماضي ۾ پاڻ خالد مقبول صديقي جي پارٽي کي ڀارتي اداري را جو ايجنٽ قرار ڏئي چڪو آهي، تنهن ڪري خالد مقبول صديقي قوم کي ٻڌائي ته ان وقت مصطفيٰ ڪمال درست چئي رهيو هو يا غلط؟ هن چيو ته مصطفيٰ ڪمال اهو به الزام لڳايو هو ته خالد مقبول صديقي ڀارت ويو ته اتي پنهنجو پاڪستاني پاسپورٽ ڦاڙي ڇڏيو هو جڏهن ته ايم ڪيو ايم اڳواڻ بابت اهو به چيو ويو ته هن مبينا طور ڀارتي پاسپورٽ تي آمريڪا جو سفر ڪيو خالد مقبول صديقي کي انهن الزامن جي وضاحت ڪرڻ گهرجي ۽ ٻڌائڻ گهرجي ته مصطفيٰ ڪمال ان وقت ڪوڙ ڳالهائي رهيو هو يا اڄ سچ ڳالهائي رهيو آهي قادر پٽيل چيو ته ڪالهه تائين هڪ ٻئي جي ڪردار ۽ وفاداري تي سوال اٿاريندڙ ماڻهو اڄ سنڌ جي مستقبل جا فيصلا ڪرڻ نڪتا آهن نون صوبن جو لولي پاپ ڏيڻ کان اڳ ايم ڪيو ايم کي عوام کي ٻڌائڻ گهرجي ته بوري بند لاش ڪنهن جي سياست ۽ ثقافت جو حصو رهيا آهن هن چيو ته ڀتي جي لالچ ۾ ڪراچي جي صنعتن کي ڪنهن تباهه ڪيو ان جو جواب به عوام کي ڏنو وڃي ايم ڪيو ايم مگرمچ جا ڳوڙها وهائڻ بند ڪري ۽ عوام توڙي ملڪي معيشت سان ٿيندڙ زيادتين جو حساب ڏئي قادر پٽيل چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي عوام کي ورهائڻ جي هر ڪوشش خلاف جمهوري ۽ آئيني جدوجهد جاري رکندي سنڌ، خاص طور تي ڪراچي جا عوام ڪنهن اهڙي سياسي ايجنڊا جو حصو نه بڻجندا، جنهن جو مقصد لساني بنيادن تي ورهاست هجي هن چيو ته خالد مقبول صديقي جيترا ڀيرا سنڌ ڪارڊ کيڏندي عوام اوترا ئي ڀيرا ڪانٽس حساب وٺندو.

[redacted]

هوائن ۽ وقفي وقفي سان برسات جي اڳڪٿي ڪئي آهي موسميات کاتي موجب، اتر اولهه نار بنگال ۽ اوڙيسا جي ساموندي علائقن ۾ گهٽ دٻاءُ واري هوا جو سسٽم موجود آهي جيڪو هن وقت ڇتيس ڳڙهه ۽ ان سان لاڳاپيل علائقن مٿان موجود آهي ۽ ان نظام جي اولهه طرف وڌڻ جو امڪان آهي موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته سڀاڻي شام کان 16 سيپٽمبر تائين ٿرپارڪر، عمرڪوٽ، ميرپورخاص، بدين، ٺٽو سجاول ۽ ٽنڊو محمد خان ۾ وقفي وقفي سان تيز هوائن، انڌاري ۽ برسات جو امڪان آهي موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته 14 کان 16 سيپٽمبر تائين سانگهڙ، خيرپور، حيدرآباد، ٽنڊوالهيار، مٽياري، شهيد بينظيرآباد ۽ جامشورو ۾ به انڌاري سان گڏ مينهن وسي سگهي ٿو موسميات کاتي ڪراچي لاءِ به برسات جي اڳڪٿي ڪندي چيو آهي ته شهر ۾ 14 کان 16 سيپٽمبر تائين گجگوڙ سان گڏ هلڪي برسات جو امڪان آهي جڏهن ته اڄ ۽ سڀاڻي موسم گرم ۽ گهميل رهڻ جو امڪان آهي موسميات کاتي موجب، ان دوران ڪراچي ۾ وڌ کان وڌ گرمي پد 36 کان 37 ڊگري سينٽي گريڊ تائين رهڻ جو امڪان آهي.

[redacted]

عزت ۽ وقار کي هميشه ملحوظ خاطر رکڻ جي روايت رهي آهي جڏهن ته استاد جو احترام اسان سڀني تي فرض آهي پروفيسر ڊاڪٽر محمد عارف ساقي سان پيش آيل واقعي ۽ ساڻس ٿيل زيادتين تي سنڌ حڪومت ساڻس گڏ بيٺل آهي ۽ هر ممڪن سهڪار فراهم ڪيو ويندو هن اهڙو اظهار ڇنڇر ڏينهن ڪراچي يونيورسٽي جي شعبو علوم اسلاميه جي چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر محمد عارف خان ساقي سان سندس رهائشگاهه تي ملاقات دوران ڪيو ان موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي ملير جو صدر اقبال سانڌ، صفورا ٽائون جو چيئرمين راشد خاصخيلي، ضلعي ۽ يوسي جا ذميوار ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. صوبائي وزير سعيد غني پروفيسر ڊاڪٽر محمد عارف ساقي سان ملاقات دوران ساڻس پيش آيل واقعي بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ صورتحال بابت ڄاڻ حاصل ڪئي ان موقعي تي پروفيسر ڊاڪٽر محمد عارف ساقي صوبائي وزير سعيد غني جو شڪريو ادا ڪندي ٻڌايو ته پاڪستان پيپلز پارٽي عورتن واري ونگ جي صدر فريال ٽالپر جي مداخلت کانپوءِ پوليس نه رڳو مرڪزي جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي، پر واقعي ۾ ملوث سمورن ساٿي جوابدارن کي پڻ پوليس تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي پروفيسر ڊاڪٽر محمد عارف ساقي چيو ته سندس ڪنهن سان به ڪو سياسي، لساني يا ٻولي جو مسئلو نه ڪڏهن رهيو آهي ۽ نه ئي اڳتي رهندو هن چيو ته سندس سڄي زندگي درس ۽ تدريس سان وابسته رهي آهي ۽ اڄ به سندس هزارين شاگرد موجود آهن جن مان ڪيترائي پاڻ استاد جي عهدي تي فائز آهن جڏهن ته ڪيترائي شاگرد مختلف اعليٰ عهدن تي پڻ خدمتون انجام ڏئي رهيا آهن ان موقعي تي صوبائي وزير سعيد غني چيو ته فريال ٽالپر کيس خاص طور تي هدايت ڪئي آهي ته هو پروفيسر ڊاڪٽر محمد عارف ساقي سان ملاقات ڪري سندس عيادت ڪري ۽ کيس يقين ڏياري ته سنڌ حڪومت هن معاملي تي مڪمل طور ساڻس گڏ بيٺل آهي سعيد غني چيو ته جتي به پروفيسر ڊاڪٽر محمد عارف ساقي کي سنڌ حڪومت يا انتظاميا جي ضرورت محسوس ٿيندي، اتي حڪومت سندس ساٿ ڏيندي ۽ هر ممڪن سهڪار فراهم ڪيو ويندو.

[redacted]

ڊاڪٽر شاهه سندر آڏواڻي 1983ع جي ايم آر ڊي تحريڪ جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪندي چيو آهي ته جمهوريت جي بحالي، آئين جي بالادستي ۽ عوام جي حقن لاءِ ڏنل قربانيون ملڪ جي تاريخ جو ناقابل فراموش باب آهن ڊاڪٽر شاهه سندر آڏواڻي چيو ته 1983ع جي ايم آر ڊي تحريڪ دوران سنڌ جي عوام آمرانا نظام خلاف تاريخي جدوجهد ڪئي جنهن ۾ اقليتي برادري جي نوجوانن پڻ ڪنهن کان پوئتي نه رهيا ۽ ڪيترن هندو نوجوانن جمهوريت جي بحالي ۽ عوام جي حقن لاءِ جدوجهد ۾ ڀرپور حصو ورتو ڪيترن ئي نوجوانن کي شهيد ڪيو ويو جڏهن ته سياسي ڪارڪنن ۽ نوجوانن کي گرفتار ڪري جيلن ۾ پابند سلاسل ڪيو ويو هن چيو ته ايم آر ڊي تحريڪ جا شهيد ۽ قيد جون سختيون برداشت ڪندڙ ڪارڪن ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته جمهوريت جي جدوجهد ڪنهن هڪ طبقي، ٻولي يا برادري جي نه پر سموري سنڌ جي عوام جي گڏيل جدوجهد هئي ڊاڪٽر شاهه سندر آڏواڻي چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي تاريخ جمهوريت، عوامي حقن ۽ آئين جي بالادستي لاءِ جدوجهد ۽ قربانين سان ڀري پئي آهي ايم آر ڊي جي شهيدن جون قربانيون اڄ به اسان کي جمهوريت جي تحفظ، انساني حقن ۽ برابري لاءِ جدوجهد جاري رکڻ جو حوصلو ڏين ٿيون هن چيو ته اڄ جي ڏينهن اسان ايم آر ڊي جي سمورن شهيدن سياسي ڪارڪنن ۽ انهن نوجوانن کي سلام پيش ڪريون ٿا، جن جمهوريت لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪيون ۽ قيد ۽ بند جون صعوبتون برداشت ڪيون انهن جي قربانين کي قوم هميشه ياد رکندي ڊاڪٽر شاهه سندر آڏواڻي چيو ته اسان کي عزم ڪرڻو پوندو ته شهيدن جون قربانيون رائيگان وڃڻ نه ڏينداسين ۽ ملڪ ۾ جمهوريت، آئين جي بالادستي، مذهبي هم آهنگي ۽ سڀني شهرين جي برابري وارن حقن لاءِ جدوجهد جاري رکنداسين.

[redacted]

بڻائڻ لاءِ اهم اڳڀرائي سامهون آئي آهي ڪراچي واٽر ڪارپوريشن ۽ فرنٽيئر ورڪس آرگنائيزيشن (ايف ڊبليو او) وچ ۾ ڊملوٽي پائيپ لائين منصوبي جي تعمير جو معاهدو طئي ٿي ويو منصوبي تحت ڊملوٽي مان ڊفينس ۽ ڪلفٽن جي علائقن کي روزانو هڪ ڪروڙ گيلن اضافي پاڻي فراهم ڪرڻ لاءِ پائيپ لائين تعمير ڪئي ويندي منصوبي تي لڳ ڀڳ 14 ارب رپيا لاڳت ايندي جڏهن ته تعميراتي ڪم ايندڙ هفتي شروع ڪري منصوبي کي 12 مهينن اندر مڪمل ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته ڊملوٽي مان اضافي پاڻي جي فراهمي سان ڊفينس ۽ ڪلفٽن ۾ پاڻي جي کوٽ گهٽ ڪرڻ ۾ مدد ملندي جڏهن ته روزانو هڪ ڪروڙ گيلن اضافي پاڻي جي فراهمي شهر ۾ پاڻي جي کوٽ تي ضابطو آڻڻ طرف اهم اڳڀرائي آهي هن چيو ته ڊملوٽي پائيپ لائين منصوبو سنڌ حڪومت ۽ ڪراچي واٽر ڪارپوريشن جي گڏيل ڪوشش جو نتيجو آهي سنڌ حڪومت جي سهڪار سان شهر ۾ پاڻي جي فراهمي واري نظام کي وڌيڪ بهتر ۽ مستحڪم بڻايو پيو وڃي ميئر ڪراچي منصوبي لاءِ سنڌ حڪومت جي سهڪار تي ٿورا پڻ مڃيا معاهدي جي تقريب ۾ ايف ڊبليو او هيڊ برگيڊيئر عدنان اختر علي، اسٽيشن ڪمانڊر بريگيڊيئر عمران اصغر ايڊمنسٽريٽو ڊي ايڇ اي بريگيڊيئر امير نواز خان سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ ڊاڪٽر وسيم شمشاد، ميمبر قومي اسيمبلي مرزا اختيار بيگ، پي پي اڳواڻ سيد نجمي عالم ترجمان ميئر ڪراچي ڪرم الله وقاصي سي اي او واٽر ڪارپوريشن احمد علي صديقي سي او او انجنيئر اسدالله خان بورڊ سيڪريٽري عبدالقيُّب ۽ پي ڊي ڊملوٽي محمد زاهد پڻ موجود هئا.

[redacted]

ڏال عزيز احمد جو لاش مليو آهي موت جو سبب معلوم ناهي ٿي سگهيو ايڌي ايمبولينس جي ذريعي عورت جو لاش ڪارروائي جي لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ڪراچي پورٽ ۾ ڪم ڪرڻ جي دوران وزني شيءِ مٿان ڪرڻ جي نتيجي ۾ مزدور 19 سالن جو اڪيان ولد عمران فوت ٿي ويو آهي ملير ڪينٽ ٿاڻي جي حد سپر هاءِ وي تي پاڪستان ڪاٽني ويجهو صائما پاري سوسائٽي جي ويجهو جهنگ ۾ ڪرنٽ لڳڻ جي نتيجي ۾ 50 سالن جو نامعلوم شخص فوت ٿي ويو.

[redacted]

ڪلب ٻاهران پاڪستان هندو مندر مينيجمينٽ ڪميٽي جي ڪرشن شرما ۽ ٻين هندو تنظيمن جي اڳواڻن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ڪميٽي جي صدر ڪرشن لال شرما مظاهرين سان خطاب ڪندي چيو ته متروڪ وقف املاڪ بورڊ هڪ وفاقي ۽ خودمختيار ادارو آهي جيڪو پارليامينٽ جي قانون ۽ بين الاقوامي معاهدن تحت ڪم ڪري ٿو ان کي عام صوبائي کاتن وانگر ورهائڻ يا صوبائي سطح تي منتقل ڪرڻ ان جي بنيادي قانوني حيثيت کي نقصان پهچائي سگهي ٿو.

[redacted]

تعميراتي منصوبي جو افتتاح ڪري ڇڏيو افتتاحي تقريب ۾ علائقي جي رهواسين معززين ۽ چونڊيل نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب دوران ٻڌايو ويو ته هي اهم رابطا روڊ گذريل چاليهن سالن کان تعمير جو منتظر هو جنهن سبب صالح محمد ڳوٺ، غريب آباد ۽ ڳولا ٽائون سميت پرپاسي جي علائقن جي رهواسين کي آمدرفت دوران ڏکين عرصي کان ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو هو روڊ جي تعمير شروع ٿيڻ سان علائقي واسين جي هڪ پراڻي ۽ بنيادي مسئلي جي حل ڏانهن اهم اڳڀرائي ٿي آهي ان موقعي تي چيئرمين طارق عزيز بلوچ چيو ته عوامي مسئلن جو حل رڳو اعلانن سان نه پر عملي قدمن سان ممڪن آهي ڪي ايم سي ڳالهه عوامي ضرورتن ۽ علائقائي ترجيحن کي نظر ۾ رکندي ترقياتي منصوبن کي مرحليوار اڳتي وڌائي رهي آهي گڏاپ ٽائون جي پٺتي پيل علائقن ۾ بنيادي شهري سهولتن جي فراهمي بلدياتي اداري جي اهم ترجيحن ۾ شامل آهي هن چيو ته روڊن جي تعمير ۽ بحالي، نيڪال آب، سيوريج، صفائي سٿرائي، اسٽريٽ لائيٽن ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي منصوبن تي مرحليوار ڪم جاري آهي ڪيترن ئي ڏهاڪن کان نظرانداز علائقن کي ترقي جي ڌارا ۾ آڻڻ لاءِ عملي قدم کنيا پيا وڃن هن وڌيڪ چيو ته ترقياتي منصوبن جي بروقت تڪميل سان گڏ تعميراتي معيار کي به يقيني بڻائڻ تي خاص ڌيان ڏنو ويندو جيئن عوام کي ڊگهي مدي تائين بهتر معياري سهولتون فراهم ٿي سگهن ان موقعي تي علائقي جي معززين، يو سي چيئرمين انور بلوچ، ڊاڪٽر انور لاشاري ۽ جهانگير لاشاري چيئرمين طارق عزيز بلوچ جا ٿورا مڃيندي چيو ته روڊ جي تعمير علائقي جي عوام لاءِ وڏي اهميت رکي ٿي هن چيو ته منصوبي جي تڪميل سان هزارين رهواسين کي آمدرفت ۾ آساني ٿيندي ۽ علائقي ۾ واپاري توڙي سماجي سرگرمين کي پڻ هٿي ملندي تقريب ۾ ڊائريڪٽر سينيٽيشن اشرف بلوچ، ڊائريڪٽر انفارميشن رضوان صابر ڊائريڪٽر اسپورٽس طاهر بلوچ، فوڪل پرسن سرفراز احمد ڪٽري محمد شرجيل خان ارشد بلوچ ۽ يو سي چيئرمين لعل جان نبي سميت ٻيا پڻ موجود هئا.

[redacted]

ڪچي ۽ پڪي جي ڏاڙيلن ۾ فرق ئي ختم ٿي ويو آهي ظالم ۽ بي حس حڪمرانن پنهنجي عياشين، شاهي خرچن ۽ مفت خوريءَ جي ڪلچر کي ختم ڪرڻ بدران ٽيڪسن جي ڀرمار ڪري معيشت کي تباهه مهانگائيءَ جو طوفان برپا ۽ عوام جي زندگي جهنم، پيٽرول جي قيمتن ۾ هر روز ڳاٽي ٽوڙ واڌ عوام کي سخت معاشي مشڪلاتن ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي.

[redacted]

موقعي تي آچر 13 سيپٽمبر تي ڪراچي پريس ڪلب ۾ خصوصي تقريب ۽ خطاب جو اهتمام ڪيو ويو آهي جنهن ۾ ملڪ جي مختلف سياسي،سماجي، مذهبي ۽ دانشور حلقن سان تعلق رکندڙ اڳواڻ شرڪت ڪندا.

[redacted]

ٻئي ڪال سينٽر خلاف ڪارروائي ڪندي مالڪن سميت 7 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو اين سي سي آءِ اي موجب ڪورنگي ٽائون ملير ۾ قائم مبينا فراڊ ڪال سينٽر تي ڇاپو هنيو ويو جتي ڪارروائي دوران بلال رضا، عبدالله شعيب رحيم، عمر سعيد، جنيد خان نجم ۽ حسن مختار کي گرفتار ڪيو ويو اين سي سي آءِ اي اختيارين موجب گرفتار جوابدار پاڻ کي پرڏيهي بئنڪن جا آفيسر ظاهر ڪري پرڏيهي شهرين سان رابطو ڪندا هئا ۽ کين دوکي سان حساس ذاتي ۽ مالي معلومات فراهم ڪرڻ تي آماده ڪندا هئا. جوابدار مبينا طور متاثر ماڻهن کان ڊيبٽ ۽ ڪريڊٽ ڪارڊن جون تفصيلون پڻ حاصل ڪندا هئا اختيارين موجب حاصل ڪيل ذاتي ۽ مالي معلومات کي فراڊ جي سرگرمين لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو ڪارروائي دوران ڪيترائي ليپ ٽاپ ۽ موبائل فون پڻ هٿ ڪيا ويا، جن کي وڌيڪ جاچ ۽ فرانزڪ تجزيي لاءِ تحويل ۾ ورتو ويو آهي اين سي سي آءِ اي موجب مبينا فراڊ نيٽ ورڪ سان لاڳاپيل ٻين ماڻهن جي سڃاڻپ ۽ گرفتاري لاءِ ڪارروايون جاري آهن جڏهن ته گرفتار جوابدارن کان وڌيڪ پڇا ڳاڇا ۽ واقعي جي وڌيڪ جاچ پڻ جاري آهي.

[redacted]

پورهيت نوجوان تي پوليس چوڪي انچارج جو مبينا تشدد، نوجوان جي پٺيءَ تي نشان نوجوان پاران ملوث خلاف قانوني ڪارروائي ڪري انصاف تحفظ جي اپيل سورو ويجهو ڏيپارجا لنڪ روڊ تي ملڪ چوڪي جي چوڪي انچارج عبدالرئوف سانگهڙي پورهيت نوجوان مجيب عالماڻي کي ڪنهي چوڪي اندر مبينا وحشيانو تشدد ڪيو علائقي جي معززين جي مداخلت بعد نوجوان کي ڇڏيو ويو متاثر پورهيت مجيب الرحمان عالماڻي جو چوڻ هو ته ڳوٺ کان سورو شهر وڃي رهيو هئس ته ملڪ چوڪي جي چوڪي انچارج عبدالرئوف سانگهڙي روڪي پڇيس جي گهر ڪٿي، منهنجي انڪار تي اهلڪارن جي مدد سان ڪنهي چوڪي اندر ڪپڙن کان آجو ڪري وحشيانو تشدد ڪيو ويو آهي هن چيو ته مان مزدور آهيان پورهيو ڪري گهر جو گذر هلايان ٿو سونسان عبدالرئوف سانگهڙي ناحق ڪيو آهي هن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته مذڪورا معاملي جو نوٽيس وٺي ملوث خلاف قانوني ڪارروائي ڪري انصاف تحفظ ڏياريو وڃي.

[redacted]

پڳهارن مان غيرقانوني ڪٽوتين ۽ مبينا ڪرپشن واري ڪيس ۾ اڳوڻي آءِ جي سنڌ غلام حيدر جمالي سميت ٻين جوابدارن کي بري ڪري ڇڏيو عدالت پاران بري ڪيل ٻين جوابدارن ۾ ايس ايس پي تنوير احمد طاهر ۽ ورڪس اينڊ سروسز کاتي جو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر علي اصغر ڪلهوڙو پڻ شامل آهن استغاثي موجب جوابدارن خلاف داخل ڪيس قومي احتساب بيورو کان اينٽي ڪرپشن کاتي ڏانهن منتقل ڪيو ويو هو جنهن ۾ الزام لڳايو ويو هو ته جوابدارن سنڌ جي اڪائونٽنٽ جنرل آفيس جي مبينا ملي ڀڳت سان پوليس ملازمن جي پڳهارن مان غيرقانوني ڪٽوتيون ڪرايون استغاثي جو موقف هو ته پڳهارن مان ڪٽوتين جي ذريعي ڪروڙين رپين جي مبينا ڪرپشن ڪئي وئي جڏهن ته جوابدارن تي اختيارن جي ناجائز استعمال، سرڪاري فنڊن ۾ خوردبرد ۽ ٻين مالي بي ضابطگين جا الزام پڻ لڳايا ويا هئا. عدالت ڪيس جي ٻڌڻي دوران ڌرين جا دليل ٻڌڻ بعد اڳوڻي آءِ جي سنڌ غلام حيدر جمالي، ايس ايس پي تنوير احمد طاهر ۽ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر علي اصغر ڪلهوڙي کي ڪيس مان بري ڪري ڇڏيو.

[redacted]

ڦر دوران مزاحمت تي ڏاڙيلن جي فائرنگ سان 38 ورهين جو قاسم قتل ٿي ويو جنهن سان هلندڙ سال ڦر دوران مزاحمت تي قتل ٿيندڙ شهرين جو انگ 54 ٿي ويو آهي.

[redacted]

صورتحال ۽ فهميده پتافي جي بازيابي لاءِ جاري پوليس قدمن جو جائزو وٺڻ بابت اهم اجلاس ٿيو اجلاس ۾ ڊي آءِ جي سکر ناصر آفتاب پٺاڻ، ايس ايس پي گهوٽڪي محمد انور کيتران ايس ايس پي هيڊڪوارٽر حافظ عبدالقادر چاچڙ ۽ ضلعي گهوٽڪي جا سمورا ڊي ايس پي شريڪ ٿيا ان موقعي تي ڊي آءِ جي سکر ڊويزن جي امن امان جي صورتحال جڏهن ته ايس ايس پي گهوٽڪي ضلعي ۾ امن امان خاص طور تي فهميده پتافي جي بازيابي لاءِ جاري پوليس قدمن، جاچ ۾ ٿيل اڳڀرائي ۽ هن وقت تائين ڪيل ڪارروايون بابت آءِ جي سنڌ کي تفصيلي بريفنگ ڏني ايس ايس پي آفيس پهچڻ تي پوليس آفيسرن آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جو استقبال ڪيو جڏهن ته پوليس جي چاق ۽ چوبند دستي کيس سلامي پيش ڪئي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو هدايت ڪئي ته فهميده پتافي جي جلد کان جلد بحفاظت بازيابي لاءِ سمورا دستياب وسيلا ڪتب آندا وڃن هن چيو ته ڪيس جي جاچ کي وڌيڪ اثرائتو مربوط ۽ نتيجا ڏيندڙ بڻايو وڃي ۽ جديد جاچ ۽ فني صلاحيتن مان ڀرپور فائدو ورتو وڃي آءِ جي سنڌ واضح هدايت ڪئي ته اعليٰ عدالت جي حڪمن تي مڪمل ۽ هر صورت ۾ عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي، جڏهن ته ڪيس جا سمورا قانوني گهرجون بنا دير پوريون ڪيون وڃن.

[redacted]

اهو معاملو پارليامينٽ ۾ بحث هيٺ ايندو ته ان تي بامقصد بحث ٿي سگهي ٿو هن چيو ته وفاقي وزير اجا تائين پارليامينٽ يا ڪابينا ۾ نون صوبن بابت ڪا ڳالهه ناهي ڪئي ۽ نوان صوبا ٺاهڻ وارو معاملو اجا تائين ڪابينا ۾ پيش ٿي ناهي ڪيو ويو پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس منظوري ڏني ته پوءِ ريفرنڊم ٿيندو.

[redacted]

صوبا ضرور ٺهندا، عوام جي مسئلن جي فوري ۽ موثر حل لاءِ انتظامي يونٽس کي ننڍو ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي هو شنڪياري ۾ مقامي گيسٽ هائوس جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪري رهيو هو ان موقعي تي مقامي اڳواڻ ۽ ٻيا ماڻهو به موجود هئا سردار محمد يوسف چيو ته خيبرپختونخوا اسيمبلي هزاره صوبي جي قيام جي حوالي سان 3 ڀيرا قراردادون منظور ڪري چڪي آهي هزاره صوبي جي تحريڪ دوران 7 نوجوانن پنهنجي جان جي قرباني ڏني، انهن قربانين سبب هزاري وال هزاره صوبي جي مطالبي تي متحد آهن.

[redacted]

زوال جو سڀ کان وڏو سبب آهي، سيرت سينٽر جي قيام جو مقصد نوجوان نسل کي نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي آفاقي تعليم سان جوڙڻ آهي ملڪ کي ترقي يافته بڻائڻ لاءِ نوجوان نسل کي جديد علم جي فراهمي سان گڏوگڏ ڪردار سازي جي به سخت ضرورت آهي.

[redacted]

شام/رات ۾ معائنهين خيبر پختونخوا گلگت بلتستان ڪشمير پوٺوهار خطي ۽ ڏکڻ اوڀر سنڌ ۾ ڪجهه هنڌن تي تيز هوائن ۽ گجگوڙ سان برسات جو امڪان آهي ان دوران ڏکڻ اوڀر سنڌ ۾ ڪجهه هنڌن تي آنڌاڻي/ تيز برسات/ ڳڙو پوڻ جي به اميد آهي موسميات کاتي مطابق گذريل 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر ميداني علائقن ۾ موسم گرم ۽ گهميل رهي، جڏهن ته معائنهين خيبر پختونخوا ڪشمير پوٺوهار خطي اسلام آباد ۽ گلگت بلتستان ۾ تيز هوائن ۽ گجگوڙ سان برسات پئي ڇنڇر ڏينهن رڪارڊ ڪيل وڌ ۾ وڌ گرمي پد نوڪنڊي، سبي، دالبندين 43 ۽ چور ۾ 42 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو.

[redacted]

ڪيون وينديون برڪس اجلاس لاءِ ڀارت ۾ موجود ايراني صدر ڀارتي ٽي وي کي انٽرويو ڏيندي چيو ته اجلاس ۾ اهي سمورا ملڪ شرڪت ڪندا، جن جي سرزمين تان اسان تي حملو ڪيو ويو هو جيڪڏهن آمريڪا ناڪابندي ۽ جارحيت بند ڪري ته آبنائي هرمز کوليو ويندو هن چيو ته آمريڪا کي ناڪابندي ۽ پابنديون ختم ڪرڻ گهرجن، آمريڪا جنگ ذريعي پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيو ته ناڪابندي وارو قدم کنيو ساموندي رستو ڪو اهڙو رستو ناهي جنهن تي اسان جي زندگي جو مڪمل دارومدار هجي، آمريڪا پنهنجي هن طريقي ۾ به ڪامياب نه ٿيندو.

[redacted]

موقعي تي وزيراعظم يوٿ پروگرام (پي ايم وائي پي) ۽ پائيدار ترقي بابت پاليسي اداري (ايس ڊي پي آءِ) وچ ۾ هڪ ليٽر آف انٽينٽ تي صحيحيون ڪيون ويون ان شراڪتداري جو مقصد سڄي پاڪستان ۾ نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ موسمياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت وڌائڻ مهارتن کي هٿي ڏيڻ ۽ گرين اڪانامي بابت قدمن لاءِ ٻنهي ادارن وچ ۾ سهڪار کي هٿي ڏيڻ آهي پي ايم وائي پي پاران جاري پڌرائي مطابق صحيحين واري تقريب ۾ وزيراعظم يوٿ پروگرام جي چيئرمين مشهود احمد خان جوائنٽ سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد علي ملڪ ڊائريڪٽر جنرل شهباز شمسي ۽ ٻين اعليٰ اختيارين شامل هيون ان موقعي تي ايس ڊي پي آءِ جو ايگزيڪٽو ڊائريڪٽر ۽ نيشنل ڊيزاسٽر مينيجمينٽ فنڊ (اين ڊي آر ايم ايف) جو چيئرمين بورڊ ڊاڪٽر عابد قيوم سليري، ايسوسي ايٽ ريسرچ فيلو ڊاڪٽر زينب نعيم ۽ ايڊووڪيسي آفيسر روميله قمر به موجود هئي سسٽين ايبل ڊيولپمينٽ پاليسي انسٽيٽيوٽ تحقيق پاليسي تجزيي صلاحيتن ۾ اضافي ۽ مختلف شعبن سان لاڳاپيل ادارن سان گڏجي پائيدار ترقي کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪم ڪندڙ ادارو آهي ادارو پاڪستان ۾ بهتر پاليسي سازي ۽ ترقياتي نتيجن لاءِ تحقيق ۽ شاهدين تي ٻڌل تجويزون فراهم ڪري ٿو ان شراڪتداري جو مقصد نوجوانن کي موسمياتي تبديلي سان مطابقت پيدا ڪرڻ جي منصوبه بندي، پائيداري ۽ گرين اڪانامي جي حوالي سان بهتر مهارتون فراهم ڪرڻ سرڪلر اڪانامي بابت موقعن ۽ آگاهي کي هٿي ڏيڻ ۽ پاڪستان ۾ گرين جابز ۽ مستقبل ۾ ايندڙ روزگار جي موقعن جي حوالي سان شاهدين تي ٻڌل جائزن کي سهڪار فراهم ڪرڻ آهي.

[redacted]

مختلف علائقن جي شهرين ۽ عوامي نمائندن ملاقات ڪئي ۽ انهن کي انهن جي علائقن جي مختلف مسئلن ۽ شڪايتن کان آگاهه ڪيو شرجيل انعام ميمڻ لاڳاپيل کاتن ۽ آفيسرن کي عوامي مسئلن ۽ شڪايتن جي فوري حل کي يقيني بڻائڻ لاءِ بروقت ڪارروائي جا حڪم جاري ڪيا ۽ هدايت ڪئي ته مسئلن جي حل لاءِ هر ممڪن تعاون فراهم ڪيو وڃي هن شهرين کي يقين ڏياريو ته سنڌ حڪومت عوامي مسئلن جي حل ۽ ماڻهن کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ عملي قدمن تي يقين رکي ٿي ان موقعي تي ڳالهائيندي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته عوامي خدمت سنڌ حڪومت جي اولين ترجيح آهي ۽ حڪومت عوام کي وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪرڻ سان گڏ صوبي ۾ بنيادي شعبن کي بهتر بڻائڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي هن چيو ته سنڌ ۾ صحت جي نظام ۾ اهم بهتري آئي آهي، جڏهن ته ٽرانسپورٽ ۽ تعليم جي شعبن ۾ پڻ اهم قدم کنيا ويا آهن هن چيو ته راندين جا ميدان ٺاهيا پيا وڃن ۽ نوجوانن کي پنهنجي صلاحيتن جي اظهار جا موقعا فراهم ڪيا پيا وڃن سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته عوام ۽ حڪومت جي وچ ۾ سڌو رابطو مسئلن جي حل ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو اهو ئي سبب آهي ته عوامي مسئلن جي حل لاءِ سڀني لاڳاپيل ادارن کي سرگرم رکيو ويو آهي هن چيو ته حڪومت عوام جي شڪايتن جي ازالي انهن کي رليف فراهم ڪرڻ ۽ انهن جي مسئلن کي بروقت حل ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قدم کڻندي رهندي.

[redacted]

روشن ۽ ناقابل فراموش باب آهي پنهنجي پيغام ۾ وڏي وزير چيو ته ميجر عزيز ڀٽي شهيد بهادري سان دشمن جو مقابلو ڪري وطن جي دفاعي تاريخ ۾ لازوال مثال قائم ڪيو دشمن جي شديد گولا باري باوجود ميجر عزيز ڀٽي شهيد پنهنجي مورچي تي ڏٽل رهيو ۽ دشمن کي ڀرپور جواب ڏئي جرئت، عزم ۽ بهادري جي مثال قائم ڪئي سيد مراد علي شاهه چيو ته پاڪ فوج جي شهيدن جون قربانيون پاڪستان جي دفاع ۽ سلامتي جي مضبوط بنياد آهن جڏهن ته اڄ جون دفاعي ڪاميابيون ميجر عزيز ڀٽي شهيد جهڙن بهادر سپوتن جي شجاعت ۽ قربانين جو تسلسل آهن هن چيو ته تازو پاڪ ڀارت ٽڪراءُ دوران به پاڪ فوج دشمن کي ڀرپور جواب ڏئي پنهنجي شاندار روايت برقرار رکي ميجر عزيز ڀٽي شهيد کان وٺي تازن معرڪن تائين پاڪ فوج جي بهادري هڪ مسلسل روشن روايت آهي وڏي وزير چيو ته جڏهن به دشمن پاڪستان ڏانهن ميري اک سان ڏٺو آهي، پاڪ فوج ان کي ڀرپور جواب ڏنو آهي پاڪ فوج جي جوانن جي قربانين سبب دشمن اڄ به پاڪستان ڏانهن ميري اک کڻڻ کان اڳ ڪيترائي ڀيرا سوچي ٿو مراد علي شاهه چيو ته ميجر عزيز ڀٽي شهيد جي قرباني اڄ جي جوانن لاءِ عزم، حوصلي ۽ شجاعت جو پيغام آهي وطن جي دفاع لاءِ جان قربان ڪندڙ شهيد قوم جا محسن ۽ اسان جا حقيقي هيرو آهن هن چيو ته پاڪستان جي سلامتي لاءِ پاڪ فوج جي شهيدن ۽ غازين جون قربانيون هميشه ياد رکيون وينديون قوم ميجر عزيز ڀٽي شهيد سميت سمورن شهيدن کي سلام پيش ڪري ٿي ۽ سندن عزم ۽ حوصلي کي خراج عقيدت پيش ڪري ٿي.

[redacted]

عهدي تان هٽائڻ جو اختيار آهي؟ هر ماڻهو کي جواب ڏيڻ منهنجي ذميواري ناهي، اسپتال ٺاهڻ ۽ پاڻي فراهم ڪرڻ منهنجو ڪم ناهي ڪراچي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي مصطفيٰ ڪمال چيو ته موجوده نظام تحت ملڪ نٿو هلي سگهي ڪوئيٽا هڪ شهر ۽ هڪ ضلعو آهي، پشاور هڪ شهر ۽ هڪ ضلعو آهي جڏهن ته ڪراچي ۾ ماضي ۾ هڪ ضلعو هوندو هو پر هاڻي ڪراچي واحد شهر آهي جنهن کي 7 ضلعن ۾ ورهايو ويو آهي هن چيو ته ڪراچي ۾ جيڪو انتظامي تجربو ڪيو ويو آهي، اهو سڄي سنڌ ۾ به ڪرڻ گهرجي هن چيو ته انتظامي يونٽن جي معاملي تي ڪنهن سان به ويڙهه نه ٿيندي، سڀ ماڻهو پيار ۽ محبت سان گڏ رهندا جيڪڏهن اڪثريت اهو فيصلو ڪري ٿي ته ملڪ ۾ نوان انتظامي يونٽ نه ٺاهيا وڃن ته اهو فيصلو قبول ڪيو ويندو هن چيو ته اهڙو نظام هجڻ گهرجي، جنهن ۾ عوام پنهنجي ووٽن ذريعي وڏي وزير کي تبديل ڪري سگهي. وفاقي وزير پاڻي جي مسئلي تي ڳالهائيندي چيو ته نلڪن ذريعي عوام تائين پهچڻ وارو پاڻي ٽينڪرن وسيلي وڪرو ٿي رهيو آهي ڪي فور منصوبي جو پاڻي شهر جي مختلف علائقن تائين ڪيئن پهچايو ويندو ان لاءِ اڃا تائين ڪو واضح منصوبو موجود ناهي هن چيو ته ڪيس ميٽر بغيل 18 سال ٿي چڪا آهن هاڻي اهو ٻڌائڻو پوندو ته مصطفيٰ ڪمال جي خراب منصوبي کي درست ڪرڻ لاءِ وڌيڪ ڪيترو وقت گهربل آهي مصطفيٰ ڪمال چيو ته ڪي فور منصوبو هاڻي پوڻا ٻه ارب رپين تائين پهچي چڪو آهي ۽ خدشو آهي ته 260 ملين گيلن پاڻي به ٽينڪر مافيا جي هٿن تائين پهچي سگهي ٿو هن چيو ته جڏهن شهر اڳ ئي ڪوٽيل آهي ته ڪي فور لاءِ پاڻي جي لائينون اڳ ئي ڇو نه وڇايون ويون وفاقي وزير چيو ته عالمي سطح تي پيٽرول جون قيمتون وڌي رهيون آهن جنهن سبب پاڪستان ۾ به پيٽروليم ليوي ۾ اضافو ٿيو آهي هن وڌيڪ چيو ته وفاقي حڪومت ۽ جماعت اسلامي وچ ۾ ڳالهين جو عمل هاڻي حتمي مرحلن ۾ داخل ٿي چڪو آهي.

[redacted]

جي سزا ٻڌائي آهي راولپنڊي پوليس ترجمان مطابق نيو ٽائون ٿاڻي جي پوليس اپريل 2025ع ۾ ڪارروائي ڪندي جوابدار کي گرفتار ڪيو هو جنهن جي قبضي مان هڪ ڪلو 560 گرام چرس هٿ آيو هو پوليس مطابق ڪيس جي موثر پيروي ۽ ٺوس ثبوت پيش ڪيا ويا، جنهن جي نتيجي ۾ معزز عدالت جوابدار کي سزا ٻڌائي.

عبرت” [redacted]

ڊي جي شهيدن جي 43 هين ورسي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ملهائي واري موقعي تي هڪ وڏي جلسي عام کي خطاب ڪندي چيو ته شهيدن جي خون جي عيوض ملڪ ۾ جمهوريت بحال ٿي نثار احمد کهڙو تقرير ڪندي چيو ته ڏاڏو کي همشهر جدوجهد جي لهاظ کان سلام پيش ڪيو ويندو آهي ڏاڏو جنهن ۾ آهي چادر اهي نعرو کهڙي لغاري پير جي لاءِ ته آهي پر پهو لاءِ آهي جنهن ماڻهنڪي شعور ڏنو ڏاڏوءَ ۾ وري آچي ويو خيرپور ناٿن شاهه جنهن جو صدر رهيو نور محمد چانڊيو جنهن جي دور ۾ شهيدن جي ياد ۾ پروگرام ڪيو جنهن ۾ آءِ مولابخش چانڊيو عاجز ڌامراهه ان وقت سنڌ بي بي سي تي وڃند هٿي پڪو صاحب چيو هو طاقت جو سرچشمو عوام آهي جيڪو ڊاڪٽر ڪري ڏيکاريوسين ان بعد بي نظير ڀٽو ميدان ۾ آئي جيل ڪاٽيو بي نظير نعرو لڳايو ۽ هاڻي آصف علي جنهن بلاول ڀٽو بعد نعرو هنيو ڌرتي منهنجي ماءِ آهي ڪجهه ماڻهو ۽ هائبرڊ نظام جو وفاقي وزير اسان کي ڪاڪروچ سڏي ٿو هي جلسو ڏسو ن مان ماڻهن کي روڪيو رهيو آهيان انهن انتظامي يونٽ صوبي ٺهي سگهن ٿا پر سنڌ جي وحدت کي تقسيم ڪرڻ نه ڏينداسين پريءِ سنڌ ورهائڻ نه ڏينداسين سڀني گڏجي چيو سنڌ ورهائڻ نه ڏينداسين آئين موجب صوبا ٺاهڻ سنڌ جو حق آهي اساني ملڪ کي تجربگاهه نه ٺاهيو سنڌ تقسيم ٿيڻ نه ڏينداسين ٻيا صوبا ۽ پنهنجي مرضي جا مالڪ آهن ملڪ ۾ عوام جي حڪمراني هٿ گهرجي ايندڙ اليڪشن بلاول ڀٽو وزيراعظم ٿيندا وصوبن جون ڳالهيون بند ڪيو وڃن ڪي اين شاهه ۾ ڪالا باغ ڊيم خلاف ٿيل جلسو اڄ به ياد آهي اسان ڪالا باغ ڊيم منصوبو رد ڪري سگهون ٿا ته ٽون کهڙي باغ جي سوري آهين عاجز ڌامراهه تقرير ڪندي چيو ته جمهوريت جي بحالي لاءِ ايڏي وڏي للڪار ڪي اين شاهه جي شهيدن کان وڌيڪ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي قرباني آهي جمهوريت جي بقا لاءِ قرباني هٿي خيرپور ناٿن شاهه جي جوڌن کي ٻنهي هٿن سان سلام ڪي اين شاهه جا ماڻهون ملهائي ڏيکاريندا هاڻي وري ڌمڪيون پيا ڏين ڌرتي ماءِ جي تقسيم جا اڄ ڪي دهشتگرد پارٽيون سنڌ ورهائڻ جون ڳالهيون ٿا ڪن ته انهن کي هي هٿين خالي ماڻهون شڪست ڏيندا ٻئي هٿ مٿي ڪري قراردادون منظور ڪرائي سنڌ جي ورهاست نا منظور سنڌ جي نامنظور پير مجيب الحق ايم پي اي ضلعو ڏاڏوءَ جو صدر مان نثار احمد کهڙي جو شڪر گذار آهيان جيڪي ماڻهون اسلام آباد ۾ ويهي سنڌ ورهائڻ جي ڳالهه ڪن ٿا انهن کي خبر هئڻ گهرجي سنڌ جو هڪ سڄو پٽ به هوندو ته اوهانکي سنڌ ورهائڻ نه ڏيندو ايم آر ڊي جي شهيدن کي ٻيهر به هڪ هڪ نوڪري ڏني ويندي ان موقعي تي سياف سنڌ جي صدر منصور شاهاڻي ايم پي اي زبير جوڻيجو ايم اين اي عرفان ظفر علي خان لغاري عمران ظفر لغاري اڳوڻو ايم اين اي ايم پي اي ڪلثوم چانڊيو ڊاڪٽر خليل ڪونهارو اعجاز چانڊيو ممتاز جوکيو ۽ ٻين خطاب ڪيو.

[redacted]

حضرت لعل شهباز قلندر جي مزار تي حاضري ڀري چادر چاڙهي ملڪ ۽ سنڌ جي خوشحالي لاءِ دعا گهري، ان موقعي تي نثار کهڙو قلندر جي درگاهه تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته قومي اسيمبلي جو اجلاس ٿئي ۽ پوائنٽ آف آرڊر تي ڪنهن کي ڳالهائڻ کان ڪيئن روڪي سگهجي ٿو؟ باقي هو ٺهراءِ پيش ڪري نه سگهندا ڇو ته جيڪڏهن قومي اسيمبلي صوبي خلاف ٺهراءُ پيش ڪري ٿي ۽ جواب ۾ صوبو ان کي رد ڪري ٿو ته پاڪستان ۾ ڇا بچندو مراد علي شاهه ان کي وفاق کي خبردار ڪيو هو ته صوبن جي خلاف ڳالهه ڪندا ته صوبا توهان خلاف ڳالهائيندا. باقي پيپلزپارٽي اڳ ۾ به ڏکيا ڏينهن گهڻا ڏٺا آهن منهن ڏنو اٿئون ۽ اڳتي به منهن ڏينداسين مهانگائي بابت پڇيل سوال تي هن چيو ته مهانگائي واري عمل جي ڪير به تعريف نه ڪندو ان کي اسان به چئون ٿا ته ڪجهه سوچيو ماڻهو مهانگائي تي سخت ناراض آهن، اها ڳالهه لڪي ڪانه ٿي ته دنيا ۾ پيٽرول جي اصل رقم ڪيتري آهي ۽ اسان کان وصول ڪيترو ڪيو پيو وڃي ان ڪري ان مهانگائي واري عمل جي حمايت نٿي ڪري سگهجي هن چيو ته جماعت اسلامي کي احتجاج کان نه روڪيو ويو آهي، باقي ڳالهه سان گورنر هائوس کان گذريل اهي 20 ڏينهن کان اتي گهيرو ڪري ويٺل آهن پر اتي هڪڙو ماڻهو به ڪونه هو جڏهن ته پي ٽي آءِ وارن کي احتجاج ڪرڻ جو حق آهي پر ان تي تشدد نه هجي ڪنهن کي تڪليف پهچڻ نه گهرجي باقي عمران خان کي سزا حڪومت نه پر عدالت ڏني آهي ان ڪري کين ريويو پٽيشن داخل ڪري عدالت سان ڳالهائڻ گهرجي ان کان اڳ نثار کهڙو سيوهڻ ۾ اڳوڻي ايم پي اي ۽ پيپلزپارٽي ضلعي جامشورو جي صدر سيد آصف علي شاهه جي رهائشگاهه تي پهچي آجياڻي ۾ پڻ شرڪت ڪئي جتي کيس ثقافتي تحفا پيش ڪيا ويا، ان موقعي تي اڳوڻو سينيٽر عاجز ڌامراهه، اڳوڻو ايم پي اي سيد آصف علي شاهه ۽ ٻيا اڳواڻ به ساڻس گڏ هئا.

[redacted]

منشيات مافيا جو پڻ سمنڊ تي قبضو آهي جيڪي پنهنجي غنڊه فورس ذريعي ڪرڻ جي منشيات جنهن ۾ شراب چرس آئيس هيروئن سوپاري ڦرو جو بآساني غيرقانوني ڪاروبار رهيا آهن جنهن سان سڄي جو شڪار ڪندڙ عام ماهيگير سخت متاثر ٿيو آهي اسمگلرن جي غنڊه فورس ماهيگيرن کي ڪنهن شاهي سواري اڇڙ جيان پهري

“روزاني عبرت” 38 [redacted]

آڏو مير رضا قتل ڪيس ۾ مقتول جي ڪاروباري ساٿي احمد ۽ وينڊر عبدالله جي ضمانت واري درخواستن تي ٻڌڻي ٿي جنهن دوران ٻنهي درخواستگذارن سندن وڪيل ۽ جاچ آفيسر عدالت ۾ پيش ٿيا.

“روزاني عبرت” 39 [redacted]

سڌ تي مختلف سياسي سماجي ۽ واپاري ڌرين وڪيلن ۽ شهرين پاران وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي احتجاجي ريلي دعا چوڪ کان شروع ٿي جنهن جي اڳواڻي شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي ٻرڙو ايڊووڪيٽ عابد حسين ڪلهوڙو ايڊووڪيٽ منور جتوئي، ايڊووڪيٽ مير ڪوسو پي ٽي آءِ تعلقي ميهڙ جي صدر محمد ايوب ڪوسو غلام فاروق حيدري، نبيل پنهور هاشم ٻرڙو اسماعيل بروهي محمد عرس ڪوسو سيد فتاح شاهه زبير سمون دلبر ڪوسو جهانگير ابڙو ۽ امتياز علي چنو سميت ٻين اڳواڻن ڪئي ريلي ۾ جي ڊي اي، پي ٽي آءِ قومي عوامي تحريڪ سنڌي ايڪشن ڪاميٽي، واپارين وڪيلن ۽ مختلف سياسي سماجي ڌرين جي ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

“روزاني عبرت” 40 [redacted]

ڪارندن نعمان ۽ شامير کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته گرفتار جوابدارن جي قبضي مان لکين رپين جي ماليت جي منشيات هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي پوليس موجب گرفتار جوابدار منشيات ۽ رقم جي منتقلي لاءِ "ڪيالي" جو ڳجهو ڪوڊ ورڊ استعمال ڪندا هئا. جڏهن ته جوابدار روزانو 4 کان 5 لک رپين جي منشيات وڪرو ڪندا هئا پوليس موجب گرفتار جوابدارن دوران جاچ انڪشاف ڪيو ته ڪاشف ڏاڍا جي گروهه ۾ عورتون پڻ منشيات جي وڪري ۽ فراهمي ۾ اهم ڪردار ادا ڪنديون آهن جڏهن ته گروهه جو سڀ کان ننڍي عمر وارو ڪارندو 14 ورهين جو جلال آهي گرفتار جوابدارن پوليس کي ٻڌايو ته ڪاشف ڏاڍا وارادات يا منشيات جي فراهمي جي عيوض ڪارندن کي 2 کان 3 هزار رپيا ڏيندو هو جڏهن ته ڪجهه موقعن تي رقم بدران منشيات پڻ ڏني ويندي هئي پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدارن کان وڌيڪ جاچ جاري آهي ۽ گروهه جي ٻين ڪارندن ۽ منشيات جي نيٽ ورڪ بابت معلومات حاصل ڪئي پئي وڃي.

[redacted]

هاءِ اسڪول هالا جي سينيئر استاد ڪريم ڏنو ڪاڪا جي رٽائرمينٽ موقعي تي ڀٽ شاهه جي هائر سيڪنڊري اسڪول ۾ شاندار الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي۔ تقريب جي ميزباني گورنمينٽ هائر سيڪنڊري اسڪول ڀٽ شاهه جي هيڊ ماستر غلام سرور راجپوت ڪئي جنهن ۾ گسٽا تعلقا هالا جي صدر رحمان ڪشميري ، جنرل سيڪريٽري شوڪت عمراڻي۔ گسٽا ضلعي مٽياري جي صدر آچر خاصخيلي۔ ضلعي جنرل سيڪريٽري عدنان ٻگهيو گسٽا تعلقا مٽياري جي صدر سيد محمد شاهه قيوم نوحپوٽو۔ خادم ٻگهيو علي احمد نظاماڻي سميت استادن ۽ سماجي شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي مقررن خطاب ڪندي استاد ڪريم ڏنو ڪاڪا جي تعليمي خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪندي چيو ته هن پنهنجي سڄي زندگي علم جي روشني ڦهلائڻ شاگردن جي بهتر تربيت ۽ تعليم جي واڌاري لاءِ وقف ڪري ڇڏي ، هنن چيو ته سندس خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون تقريب دوران استاد ڪريم ڏنو ڪاڪا جي 60هين سالگرهه جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو جڏهن ته شرڪت ڪندڙ استادن ۽ سماجي شخصيتن کيس گلن جا هار پارائي ۽ سوکڙيون پيش ڪري کيس مبارڪباد پيش ڪيون ۽ خدمتن کي ساراهيو ان موقعي تي استاد ڪريم ڏنو ڪاڪا پاران تقريب ۾ شريڪ استادن جا ٿورا مڃيندي چيو ته استاد اڳواڻن جي محبت ۽ عزت سندس لاءِ وڏو اعزاز آهي سندن محبتون هميشا ياد رکيون وينديون۔

[redacted]

ڪينٽ ويجهو ٽريفڪ حادثي ۾ هڪ شخص فوت ۽ ٻيو زخمي ٿي پيو حادثي جي اطلاع ملڻ تي ايڌي جا رضاڪار واقعي واري هنڌ پهتا ۽ فوتي جو لاش توڙي زخمي شخص کي جناح اسپتال منتقل ڪيو ريسڪيو عملدارن موجب فوتي جي سڃاڻپ 55 سالن جي يعقوب طور ڪئي وئي آهي جڏهن ته 30 سالن جو زخمي فيض علي طبي امداد حاصل ڪري رهيو آهي ريسڪيو عملدارن ٻڌايو ته حادثي جو شڪار ٻئي ڄڻا موٽر سائيڪل تي سوار هئا اطلاعن موجب اهو واقعو هڪ ڪار سان ٽڪر ٿيڻ سبب پيش آيو ۽ پوليس وڌيڪ تفصيل گڏ ڪري رهي آهي.

[redacted]

گلشن حديد فيز 1 ۾ هڪ گهر اندر زهر کائڻ جي پراسرار واقعي سبب هڪ عورت فوت ٿي وئي سندس لاش جناح اسپتال آندو ويو ڇيپا عملدارن موجب فوت ٿيل عورت جي سڃاڻپ 33 سالن جي دعا طور ڪئي وئي آهي ٻڌايو پيو وڃي ته اهو واقعو گهر اندر زهر کائڻ سبب پيش آيو ۽ پوليس وڌيڪ تفصيل گڏ ڪري رهي آهي

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

SEZA
SPECIAL ECONOMIC ZONE AUTHORITY

اسپيشل اڪنامڪ زون اٿارٽي (SEZA)، سنڌ جي ادارتي ڍانچي کي بهتر بڻائڻ
سميت ڪاروباري منصوبي جي تياري لاءِ صلاحڪار فرم جي خدمتن جو فراهمي

اسپيشل اڪنامڪ زون اٿارٽي ، سنڌ جي ادارتي ڍانچي کي بهتر بڻائڻ سميت ڪاروباري منصوبي جي تياري لاءِ هڪ تجربيڪار ۽ قابل صلاحڪار فرم جي خدمتن حاصل ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي.

2. ٽينڊر جا دستاويز، جن ۾ تفصيلي جاچ جا معيار، حوالا جا شرط (TORs) ۽ خدمتن جا تفصيل شامل آهن. SPPRA جي ويب سائيٽ /https://portalsindh.eprocure.gov.pk/#/اِي پيڊس (اِي پروڪيورمينٽ) سسٽم ۽ اسپيشل اڪنامڪ زون اٿارٽي (SEZA) جي ويب سائيٽ www.sezasindh.gos.pk تان 17 سيپٽمبر 2026 (خميس) کان 6 آڪٽوبر 2026 (اڱارو) تائين ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.

3. خريداري جو طريقو "سنگل اسٽيج _ ٽو انويلپ" وارو هوندو. جنهن ۾ ڪيل مقابلي واري عمل لاءِ معيار ۽ قيمت تي ٻڌل چونڊ (QCBS) جو طريقو اختيار ڪيو ويندو. بولين ۾ حصو وٺندڙن کي پنهنجون تجويزون SPPRA جي EPADS پورٽل (https://portalsindh.eprocure.gov.pk) ذريعي اپلوڊ ڪرڻيون پونديون.

4. فنانشل پروپوزل سان گڏ ڪل بڊ جي رقم جو 2% بڊ سيڪيورٽي (واپس ٿيڻ جوڳي) جمع ڪرائڻ لازمي آهي. اها سيڪيورٽي پاڪستان جي ڪنهن به شيڊولڊ بئنڪ پاران جاري ڪيل پي آرڊر، بئنڪ ڊرافٽ يا بئنڪ گارنٽي جي صورت ۾ هجڻ گهرجي. بڊ سيڪيورٽي، بڊ جي ڪارگر رهڻ جي مدي کان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ 90 ڏينهن تائين ڪارآمد هجڻ گهرجي ۽ اها "اسپيشل اڪنامڪ زون اٿارٽي" جي نالي تي هجڻ گهرجي.

5. فنانشل پروپوزل کولڻ صرف اهي فرمون جيڪي ٽيڪنيڪل جائزي ۾ ڪامياب ٿينديون. انهن جا ئي فنانشل پروپوزل کوليا ويندا ۽ وڌيڪ جاچ لاءِ غور هيٺ آندا ويندا.

6. هارڊ ڪاپي ۾ تجويزون جمع ڪرائڻ: مڪمل تجويز (فني ۽ مالياتي) جي اصل هارڊ ڪاپي، جيڪا بلڪل EPADS پورٽل تي اپلوڊ ڪيل ورزن مطابق هجي، اها خاص اقتصادي زون اٿارٽي (SEZA) جي آفيس ۾ پڻ جمع ڪرائڻ لازمي آهي.

7. جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ: تجويزون SPPRA جي EPADS سسٽم ذريعي ڊجيٽل طور (آن لائن) 6 آڪٽوبر 2026 (اڱارو) تي منجهند 2:30 وڳي يا ان کان اڳ تائين جمع ڪرائڻ گهرجن.

8. بڊز کولڻ: بڊز 6 آڪٽوبر 2026 (اڱارو) تي منجهند 3:30 وڳي کوليا ويندا. ڪميٽي جا سمورا مقرر ڪيل ميمبر SPPRA EPADS پورٽل ذريعي آن لائن اجلاس ۾ شرڪت ڪندا.

9. بولي ڏيندڙن کي زور ڏنو وڃي ٿو ته اهي ذاتي طور تي شرڪت ڪن. جيڪڏهن ڪو بولي لڳائيندڙ کولڻ واري اجلاس دوران موجود نه هوندو ته ان کي غير حاضر قرار ڏنو ويندو ۽ ان جي بولي تي غور نه ڪيو ويندو.

10. غلط بياني: ڪا به فرم جيڪا غلط يا گمراهه ڪندڙ معلومات فراهم ڪندي. ان کي جائزي يا معاهدي جي عمل جي ڪنهن به مرحلي تي نااهل قرار ڏنو ويندو.

11. خريداري ڪندڙ ادارو (P.A.)، اسپيشل اڪنامڪ زون اٿارٽي (SEZA)، SPPRA رولز 2010 (جيڪي هاڻي تائين ترميم ٿيل آهن) جي قاعدي (1) 25 مطابق، معاهدو ڏيڻ کان اڳ ڪنهن به وقت ڪنهن به يا سمورن بولين (کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو.

12. اضافي شرط
(a) هيٺين حالتن ۾ بوليون خودڪار طريقي سان رد ڪيون وينديون:
• شرطي يا ٽيليگرافڪ ذريعي جمع ڪرائڻ
• بڊ سيڪيورٽي جو نه هجڻ يا غلط جمع ڪرائڻ
• اصل بولي سيڪيورٽي جو SEZA، سنڌ جي آفيس ۾ جمع نه ڪرائڻ:
• مقرر آخري تاريخ کان پوءِ وصول ٿيل
• بليڪ لسٽ ٿيل فرمن پاران شرڪت
(b) سمورن بولي ڏيندڙن لاءِ لازمي آهي ته اهي هڪ حلف نامو فراهم ڪن جنهن ۾ تصديق ٿيل هجي ته انهن جي فرم /اداري کي ڪڏهن به ڪنهن سرڪاري يا خانگي اداري طرفان بليڪ لسٽ نه ڪيو ويو آهي.

اسسٽنٽ مينيجر پروڪيورمينٽ
اسپيشل اڪنامڪ زون اٿارٽي، سنڌ
پهرين منزل، بلاڪ A، FTC بلڊنگ،
شاهراهه فيصل، ڪراچي
www.sezasindh.gos.pk
فون: 021-99207557
اِي ميل: procurement@sezasindh.gos.pk

INF-KRY 4045/2026
I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

سنڌي ايڊيشن
انچارج: مجيب ناريجو
IBRAT SANSAR
68 Golden Jubilee Year
عبرت سنسار
Ibratsansar@yahoo.com
آچر 13 سيپٽمبر 2026ع

هرمز کان مندب تائين، سعوديءَ جي رستا روڪ ۽ اتحادين جا نوان امتحان

مجيب ناريجو

وچ اوير جي جنگ هاٽي رگو ميزائلن، جهازن ۽ زميني محاذن جي جنگ نه رهي آهي. هرمز لنگهه کان باب المندب تائين پکڙيل صورتحال عالمي توانائي، ساموندي واپار ۽ علائقائي طاقت جي توازن کي اهڙي جاءِ تي آڻي بيهاريو آهي، جتان هڪ محاذ تي ٿيندڙ هر سرگرميءَ جو اثر ٻئي محاذ تي پئجي رهيو آهي. هرمز ۾ آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ سڌين فوجي ڪارروائين ۾ ڪجهه ڏينهن جي تيزي اچڻ کان پوءِ هن وقت عارضي ٺاپر ضرور نظر اچي ٿي، پر ان کي امن سمجهڻ ناداني هوندي، ڇاڪاڻ ته هرمز تي ئي علائقي جي مستقبل جو فيصلو ٽڪيو آهي.

هي ٺاپر واري صورتحال ڪجهه اهڙي آهي، جڻ صدر ٽرمپ ۽ ايران هڪ ٻئي خلاف سڌي ڪارروائيءَ کان ڪجهه وقت لاءِ ترسي، سامهون واري جي ايندڙ چال ڏسي رهيا هجن، پر هرمز جي پاڻيءَ تي ڇڪتاڻ پنهنجي جاءِ تي موجود آهي. تيل جا جهاز خطري هيٺ آهن، آمدرفت محدود آهي ۽ جنگ جو خوف عالمي مارڪيٽ ۾ تيل ۽ ساموندي پاڙن کي متي ڏکي رهيو آهي. يعني هرمز تي بندوقن جي باھ ڪجهه مانئي ٿي سگهي ٿي، پر بحران ختم ناهي ٿيو.

ان ئي وقت جنگ جو ٻيو پاسو يمن ۽ باب المندب ڏانهن تيزيءَ سان کلي چڪو آهي. حوثين جي اڳيرائي هاٽي رڳو يمن جي گهرو جنگ جو معاملو ناهي رهي. موخا تي قبضو ڏوباب تائين پهچ ۽ باب المندب جي وچ ۾ موجود مئيون بيٽ تي قبضي جون رپورٽون پڌائين ٿيون ته حوثي هاٽي اهڙي هنڌ بيٺا آهن، جتان ڳاڙهي سمنڊ جي اچ وڃ واري رستي تي اثرانداز ٿيڻ جي صلاحيت سندن هٿ ۾ اچي آهي. ڏوباب باب المندب جي بلڪل ويجهو آهي ۽ مئيون بيٽ باب المندب جي وچ ۾ اهم جاگرافيائي حيثيت رکي ٿو.

اهو حوثين لاءِ رڳو هڪ ٻي زميني فتح ناهي. اصل اهميت ان ڳالهه جي آهي ته حوثي دنيا جي اهم ساموندي گذرگاهن مان هڪ جي دروازي تي پهچي ويا آهن. باب المندب ڳاڙهي سمنڊ کي عدن جي نار ۽ اڳتي هندي سمنڊ سان ڳنڍي ٿو. هن رستي ۾ رنڊڪ پيدا ٿئي ٿي ته يورپ ۽ ايشيا وچ ۾ ساموندي واپار جو وڏو حصو ڏگهي واٽ وٺڻ تي مجبور ٿي سگهي ٿو. ان ڪري حوثين جي هن اڳيرائيءَ کي رڳو يمن جي نقشي تي رنگ بدلجڻ سمجهڻ خطري کي ننڍو ڪري ڏسڻ برابر هوندو.

سعودي عرب لاءِ معاملو اجا وڌيڪ ڳنڀير آهي. هرمز عالمي مارڪيٽ تائين سعودي تيل جي پهچ جو اهم ساموندي رستو آهي، جڏهن ته 'اوڀر-اولهه تيل پائيپ لائين' هرمز کان بچندي سعودي عرب جي اوڀرندي علائقي مان تيل ملڪ جي اولهه واري ساموندي ڪناري تي موجود ينبع بندرگاهه تائين پهچائي ٿي. اتان تيل ڳاڙهي سمنڊ وسيلي عالمي مارڪيٽ تائين موڪليو ويندو آهي. ان ڪري هي پائيپ لائين سعودي عرب لاءِ رڳو تيل پهچائڻ جو رستو ناهي، پر هرمز جي متبادل واٽ پڻ آهي.

هاٽي هن پائيپ لائين تي به ڊرون حملو ٿيو آهي، ۽ ان کي عارضي طور بند ڪيو ويو آهي.

سعودي توانائي واري وزارت موجب ڊرون حملي کان پوءِ پائيپ لائين کي احتياط طور بند ڪيو ويو. جڏهن ته سعودي عرب ۽ عراق ٻنهي طرفان آيل معلومات موجب حملو عراقي سرزمين تان ٿيو. حملي واري هنڌ جي چوڌاري ساڙيل زمين ۽ ڪاري دونهين جون تصويرون به سامهون آيون آهن. جڏهن ته نقصان جو اندازو لڳايو پيو وڃي. هي 1,200 ڪلوميٽر ڊگهي پائيپ لائين تازن مهينن ۾ روزانو 4 کان 5 ملين بيرل تيل کٽي رهي هئي، جيڪو عالمي تيل جي فراهميءَ جو لڳ ڀڳ 4 کان 5 سيڪڙو آهي.

هتي سعودي عرب جي اصل آزمائش شروع ٿئي ٿي. هرمز ۾ ساموندي روانگي خطري هيٺ، هرمز کان بچڻ واري پائيپ لائين تي حملو ۽ ان جي بندش، ۽ ٻئي پاسي باب المندب تي حوثين جي وڌندڙ گرفت، مٿان وري اهو اعلان ته باب المندب مان سعودي جهازن کي گذرڻ نه ڏنو ويندو، جڏهن ته ٻين ملڪن جي جهازن لاءِ رستو کليل رهندو. سعودي لاءِ مسئلو هاٽي ڪنهن هڪ محاذ جو ناهي، جن رستن کي هڪ ٻئي جو متبادل سمجهيو ويندو هو انهن تي هڪ ئي وقت دٻاءُ وڌي ويو آهي. اها صورتحال سعوديءَ جي توانائيءَ واري حڪمت عملي لاءِ معمولي ڌڪ نه، پر وڏو امتحان آهي.

انهيءَ پسمنظر ۾ سعودي عرب جو آمريڪا ڏانهن ڏسڻ به سمجهڻ جوڳو آهي. سعودي ولي عهد محمد بن سلمان صدر ٽرمپ سان خميس ڏينهن گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڀيرا رابطو ڪري حوثين خلاف آمريڪي فوجي مدد گهري، پر واشنگٽن هن وقت سڌي فوجي ڪارروائيءَ کان پاسو ڪيو ۽ ان جي بدران چاڻ ۽ حدفن بابت مدد ڏيڻ تي راضي ٿيو. آمريڪا لاءِ مسئلو رڳو سعوديءَ جي حفاظت جو ناهي، هرمز ۽ ايران وارو محاذ اڳ ئي آمريڪي فوج ۽ ٽرمپ حڪومت لاءِ وڏو بار بڻجي چڪو آهي. اهڙي حالت ۾ يمن ۾ هڪ نئون سڌو جنگي محاذ کولڻ ٽرمپ لاءِ آسان فيصلو ناهي.

هتي آمريڪا جي اندروني سياست کي نظرانداز ڪرڻ به ممڪن ناهي. ايران واري جنگ سان تيل (برينٽ) جي قيمت 109 ڊالر في بيرل تائين پهچي وئي آهي. يورپ ۾ قدرتي گئس جون قيمتون گذريل سال جي پيٽ ۾ ٻيڻيون ٿي ويون آهن ۽ ساموندي ڀاڙا به رڪارڊ سطح تي ويا آهن. ان جو بار سڌيءَ ريت آمريڪي عوام تي پوي ٿو. وچ مدي وارين چونڊون 3 نومبر تي ٿيڻيون آهن. جيڪي هاٽي لڳ ڀڳ ڏيڍ مهينو پري آهن ۽ ٻارڻ جون وڌندڙ قيمتون هاٽي رڳو عالمي مارڪيٽ جو مسئلو نه. ٽرمپ انتظاميا لاءِ سياسي مسئلو به بڻجي ويون آهن. جنگ ڏگهي ٿيندي ته ان جو خرچ رڳو پينٽاگون جي بجيٽ تائين محدود نه رهندو، ان جو بار آمريڪي ووٽر جي کيسي تي به پوندو.

ان ڪري ٽرمپ لاءِ سعوديءَ جي هر درخواست جو جواب ميزائل سان ڏيڻ ايترو سادو ناهي. هو هڪ طرف ايران کي پوئتي ڌڪڻ چاهي ٿو، ٻئي طرف هرمز کي کليل رکڻ ضروري سمجهي ٿو ۽ ٽئين طرف يمن ۾ نئون محاذ کولڻ سان جنگ جي قيمت ۽ سياسي نقصان وڌڻ جو خطرو آهي. آمريڪا اڳ ئي اهڙي جنگ ۾ ڦاٿل آهي، جنهن بابت پاڻ آمريڪي اندروني بحث ۾ به سوال اٿي رهيا آهن ته اها ڪٿي وڃي ختم ٿيندي.

سعودي عرب جي لاءِ ان کان به وڌيڪ ڏکي ڳالهه اها آهي ته جنهن علائقائي سهاري تي هو ڀاڙڻ چاهي ٿو، اهو به فوري فوجي مداخلت لاءِ تيار نظر نٿو اچي. پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪي وچ ۾ ٽيل دفاعي ناهه باوجود پاڪستان واضح ڪيو آهي ته حوثين خلاف هن وقت ڪا فوجي ڪارروائي بحث هيٺ ناهي. اسلام آباد سعوديءَ تي حملن جي مذمت ڪئي آهي ۽ ايران کي حوثين کي روڪڻ لاءِ چيو آهي، پر ساڳئي وقت سفارتي رستو به کليل رکيو آهي.

هيءَ ڳالهه سعوديءَ لاءِ يقيناً مايوس ڪندڙ ٿي سگهي ٿي، پر پاڪستان پنهنجو مصالحتي ڪردار ضايع ڪرڻ نٿو گهري، ان ڪري هڪ طرف دفاعي ناهه جي ذميواريءَ کان پوئتي نٿو هٽي، ٻئي طرف پاڻ کي ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ سفارتي رابطي جي ڪردار کان به ٻاهر نٿو ڪيدي.

ايران جو ڪردار هن سڄي معاملي کي اجا وڌيڪ پيچيده بڻائي ٿو. ايران سرڪاري طور چوي ٿو ته حوثي سندس حڪم تي هلندڙ ڪا پراڪسي قوت نه آهن، پر ايران ۽ حوثين جا لاڳاپا ڪنهن کان لڪل ناهن. حوثين کي ايران کان ملندڙ فوجي ۽ مالي مدد ۽ ٻنهي وچ ۾ موجود نظرياتي هم آهنگي به پڌري پٽ آهي. ان باوجود حوثين جي هر ڪارروائيءَ کي ايران جي سڌي هدايت سان ڳنڍڻ کان اڳ دعوي ۽ حقيقت ۾ فرق ڪرڻ ضروري آهي.

اهڙي طرح ايران جو ٻيو پاسو به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. تهران سعودي عرب سان رابطو به ڪري رهيو آهي ۽ ڳالهين جي واٽ کولڻ تي زور ڏئي رهيو آهي. ان ڪري هن تصوير جو ٻيو پاسو اهو به ٿي سگهي ٿو ته ايران هڪ طرف سعودي عرب تي دٻاءُ وڌندڙ حوثين جو جهڙوڪر سرپرست آهي، ته ٻئي طرف ساڳئي بحران کي ڳالهين وسيلي گهٽائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار به برقرار رکڻ چاهي ٿو.

هاٽي سوال اهو ناهي ته هرمز اڳ وانگر بحال ٿيندو يا باب المندب بند ٿيندو. اصل سوال اهو آهي ته هڪ ئي وقت ٻنهي ساموندي دروازن تي پيدا ٿيندڙ خطري کي ڪير ڪيتري دير تائين برداشت ڪري سگهي ٿو. هرمز ۾ آمريڪا ۽ ايران جي سڌي فوجي ڪارروائين ۾ ٺاپر شايد ڪجهه وقت لاءِ دٻاءُ گهٽائي، پر جيڪڏهن باب المندب کي حوثين بند ڪري ڇڏيو ته جنگ جو دٻاءُ هڪ محاذ تان ٻئي محاذ ڏانهن منتقل ٿي ويندو.

ان سڄي تبديليءَ جو سڀ کان وڏو ڌڪ سعودي عرب کي برداشت ڪرڻو پئجي رهيو آهي. هرمز کان بچڻ لاءِ ٺاهيل پائيپ لائين تي حملو ٿي چڪو آهي، ينبع تائين پهچندڙ هن متبادل رستي کي باب المندب جي صورتحال خطري ۾ وجهي چڪي آهي ۽ آمريڪا به هن وقت رياض جي خواهش موجب سڌي جنگ ۾ لهڻ لاءِ تيار ناهي.

انهيءَ ڪري موجوده صورتحال کي رڳو حوثين جي يمن اندر اڳيرائي يا سعودي عرب تي ٿيندڙ ڪجهه حملن تائين محدود ڪري ڏسڻ غلط ٿيندو. هي توانائيءَ جي رستن، ساموندي واپار ۽ طاقت جي توازن جي جنگ آهي. هرمز ۾ ٺاپر آئي آهي، پر ڇڪتاڻ ختم ناهي ٿي، باب المندب ۾ حوثين جي ڪاميابيءَ جا اثر يمن جي حدن کان گهڻو اڳتي وڃي سگهن ٿا، ۽ سعودي عرب جا متبادل رستا هڪ هڪ ڪري بند ٿي رهيا آهن.

هرمز تي ماٺار هجي يا گولين جي گونج، اصل جنگ هاٽي رستن جي جنگ بڻجي چڪي آهي. ۽ جڏهن جنگ رستن تي اچي بيهي، تڏهن سوال اهو ناهي ته ڪنهن ڪيترو علائقو فتح ڪيو. سوال اهو هوندو آهي ته عالمي مارڪيٽ تائين پهچڻ جا دروازا ڪنهن جي قبضي ۾ آهن.

ٽنڊوالهيار ضلعي ۾ بنيادي مسئلن جي حل لاءِ پي ٽي آءِ ميدان تي اچي وئي

صحت، روڊن، پيئڻ جي پاڻي، صفائي سميت مختلف مسئلن تي ڳڻتي جو اظهار

صحت کاتي ۽ ڊپٽي ڪمشنر وچ ۾ هلندڙ تڪرار هڪ ڊرامو بڻجي چڪو آهي: اسلم لغاري

علائقن ۾ پيئڻ جو صاف پاڻي به ناهي، راندين جا گرائونڊ ويران بڻجي ويا آهن: نهال لاشاري

ٽنڊوالهيار: صحت، روڊن، پيئڻ جي پاڻي، صفائي سميت مختلف مسئلن تي ڳڻتي جو اظهار

ٽنڊوالهيار (ر) ٽنڊوالهيار ضلعي جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ ايڊوڪيٽ اسلم لغاري ۽ ايڊوڪيٽ نهال لاشاري پاران پريس ڪانفرنس ڪئي وئي اڳواڻن پاران ضلعي جي صحت، روڊن، پيئڻ جي صاف پاڻي، صفائي، سڪرائي، راندين جي ميدانن ۽ مڪاني ادارن جي فنڊن سميت مختلف مسئلن تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ان موقعي تي پريس ڪانفرنس ڪندي ايڊوڪيٽ اسلم لغاري ۽ ايڊوڪيٽ نهال لاشاري چيو ته ٽنڊوالهيار جي صحت کاتي ۽ ڊپٽي ڪمشنر وچ ۾ هلندڙ تڪرار هڪ ڊرامو بڻجي چڪو آهي عوام علاج جي سهولتن لاءِ پريشان آهي. جڏهن ته ضلعي جي اسپتالن ۾ بنيادي طبي سهولتون به موجود ناهن صحت کاتي لاءِ ڪروڙين رپين جي بجيٽ رکڻ باوجود عوام کي گهربل سهولتون فراهم نه ٿي رهيون آهن هنن چيو ته ضلعي جا روڊ ۽ رستا تباهه ٿي چڪا آهن، جڏهن ته ڪيترن ئي علائقن ۾ پيئڻ جو صاف پاڻي به ناهي راندين جا گرائونڊ ويران بڻجي ويا آهن، ۽ چونڊيل نمائندا انهن بنيادي مسئلن تي مڪمل خاموش نظر اچي رهيا آهن هنن وڌيڪ چيو ته ضلعي جي ٽائون ڪميٽين ۽ يونين ڪائونسلن کي ملندڙ فنڊ ڪٿي ۽ ڪيئن خرچ ٿي رهيا آهن ان بابت عوام کي ڪا به ڄاڻ ناهي. صحت ۽ مڪاني ادارن جي بجيٽ ۽ فنڊز جي شفاف طريقي سان جاچ ڪرائي وڃي ۽ عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن

سکر پوليس جو سماجي برائين ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري

پوليس گٽڪا ۽ سوپارين سان ڀريل ٻه گاڏيون ڪرولا ۽ آلٽو تحويل ۾ ورتيون

جوابدار منشيات جيڪب آباد کان خيرپور لاءِ کڻي وڃي رهيا هئا: پوليس

سکر: پوليس گٽڪا ۽ سوپارين سان ڀريل ٻه گاڏيون ڪرولا ۽ آلٽو تحويل ۾ ورتيون

سکر (بيورو رپورٽ) ايس ايس پي سکر احمد چوڙي PSP، QPM جي هدايتن تي سکر پوليس جو سماجي برائين ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي گذريل ڏينهن آباد ٿاڻي جي پوليس ڳجهي اطلاع تي ريور اسپتال پرسان ڪارروائي ڪندي گٽڪا ۽ سوپارين سان ڀريل ٻه گاڏيون ڪرولا ۽ آلٽو تحويل ۾ ورتيون تلاشي دوران 35 بورين ۾ گٽڪا چالين جا 1924 پيڪٽ هٿ ڪيا ويا، جڏهن ته پوليس ٻن جوابدارن جميل ٻگٽي ۽ نادر علي بروهي کي گرفتار ڪري ورتو ترجمان ايس ايس پي سکر موجب جوابدار منشيات جي اها کيپ جيڪب آباد کان خيرپور سپلاءِ ڪرڻ لاءِ کڻي وڃي رهيا هئا، جنهن کي سکر پوليس بروقت ڪارروائي ڪري ناڪام بڻائي ڇڏيو. گرفتار جوابدارن خلاف گٽڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ جاري آهي. ايس ايس پي سکر احمد چوڙي پوليس پارٽي جي بهترين ڪارڪردگي تي شاباش ڏيندي سي سي ٽرڊ ڏيڻ جو پڻ اعلان ڪيو آهي.

ايم اين اي خورشيد احمد جوڻيجو پاران شهدادڪوٽ شهر جو دورو

صوابديد فنڊز مان هلندڙ عوامي فلاحي ترقياتي منصوبن جو جائزو ورتو

ترقياتي منصوبا وقت تي مڪمل ٿيڻ گهرجن جيئن عوام کي لاڀ ملي: خورشيد جوڻيجو

شهدادڪوٽ (ر) پ پ پ جي اڳواڻ ۽ شهدادڪوٽ مان چونڊيل ايم اين اي خورشيد احمد جوڻيجو گذريل ڏينهن شهدادڪوٽ جو دورو ڪيو دوري دوران ايم اين اي خورشيد احمد جوڻيجو پنهنجي ٽڪ شهدادڪوٽ ، قمبر سعيد خان ۽ سجاول جوڻيجو جو دورو ڪري اتي سندن صوابديد فنڊز مان هلندڙ عوامي فلاحي ترقياتي منصوبن جو جائزو ورتو ان موقعي تي ايم اين اي پ پ پ جي اڳواڻن تعلقه صدر پ پ پ مير آصف علي لغاري ، نائب صدر پ پ پ تعلقه مير دريا خان مستوئي قمبر سعيد خان ٽائون جي چيئرمين مير امتياز احمد بروهي پ پ پ سٽي جنرل سيڪريٽري سرائي قربان علي سومرو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا ان موقعي تي ايم اين اي خورشيد احمد جوڻيجو پ پ پ جي ذميواري اڳواڻن توڙي منصوبن تي ڪم ڪندڙ آفيسرن سان گڏجاڻي ڪئي ترقياتي منصوبن جي تعمير متعلق ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ ترقياتي منصوبن جي تعمير جي رفتار تيز تي اتفاق ڪيو ويو ان موقعي تي ڳالهائيندي ايم اين اي خورشيد احمد جوڻيجو چيو ته عوام جي سهولت ۽ مشڪلاتن جي گهٽتائي لاءِ پنهنجي صوابديدي فنڊز مان ترقياتي منصوبا شروع ڪرايا آهن جيڪي وقت تي مڪمل ٿيڻ گهرجن جيئن عوام ان مان لاڀ حاصل ڪن هوڏانهن دوري دوران ايم اين اي مختلف پارٽي ڪارڪنن ۽ مختلف برادرين جي ماڻهن سان عذر خواهيون ڪيون

سيپڪو ۾ بجلي چوري، لائين لاسز ۽ رڪوري ۾ ناڪامي تي ڪارروائي

ڪارروائي ڪندي 8 ايس ڊي اوز خلاف سخت قدم کنيا آهن: سي اي او

ٽارگيٽ ۾ مسلسل ناڪامي تي 4 ايس ڊي اوز کي معطل ڪيو ويو: اعجاز چنه

سکر (بيورو رپورٽ) سکر اليڪٽرڪ پاور ڪمپني "سيپڪو" جي سي اي او اعجاز چنه بجلي چوري، لائين لاسز ۽ رڪوري ۾ ناڪامي تي وڏي پيماني تي ڪارروائي ڪندي 8 ايس ڊي اوز خلاف سخت قدم کنيا آهن سيپڪو انتظاميا واضح ڪيو آهي ته هاڻي "ڪم نه ته ڪرسي نه" واري پاليسي تي سختي سان عمل ڪيو ويندو سي اي او جي حڪم تي ڪارڪردگي ۾ خرابي ۽ رڪوري ٽارگيٽ ۾ مسلسل ناڪامي تي 4 ايس ڊي اوز کي فوري طور تي معطل ڪيو ويو آهي انهن ۾ صالح پٽ سب ڊويزن جا ايس ڊي او *غلام اڪبر ڏايو*، پنوعاقل سب ڊويزن جا ايس ڊي او ڪنور محمد راشد، لکي غلام شاهه سب ڊويزن جا ايس ڊي او بشير احمد ٻاجڪاڻي ۽ لاڙڪاڻي جناح باغ سب ڊويزن جا ايس ڊي او مقصود احمد شيخ شامل آهن ان کان علاوه 3 ايس ڊي اوز جي ساليانو انڪريمينٽ به روڪي وئي آهي جن ۾ گهوٽڪي ياسين جا ايس ڊي او ذوالفقار ٽونيا جي 1 سال شڪارپور سب ڊويزن II جا ايس ڊي او سهيل ملاح جي 1 سال ۽ ميهڙ جا ايس ڊي او اصغر علي سانگي جي 2 ساليانو انڪريمينٽ شامل آهن جڏهن ته لاڙڪاڻي شيخ زيد سب ڊويزن جي ايس ڊي او امجد علي شيخ کي ڊگهي عرصي کان خراب ڪارڪردگي ۽ عوامي شڪايتن تي جبري طور رٽائر ڪيو ويو آهي سکر سب ڊويزن II ڪنسٽرڪشن جي ايس ڊي او عزير خان جو تبادلو ڪري کيس سکر سب ڊويزن I جو آپريشنل ايس ڊي او مقرر ڪيو ويو آهي ته جيئن شهر ۾ رڪوري ۽ فيلڊ آپريشن بهتر بڻائي سگهجي سي اي او سيپڪو اعجاز چنه چيو ته "سيپڪو ڪنهن جي ذاتي ملڪيت نه آهي جيڪو آفيسر محنت ڪندو ان کي ساراهيو ويندو ۽ جيڪو غفلت ڪندو ان خلاف ڪارروائي ٿيندي" هن سمورن ايس ڊي اوز کي خبردار ڪيو ته ايندڙ 30 ڏينهن ۾ رڪوري 90 سيڪڙو تائين پهچائي وڃي ۽ لائين لاسز تي ضابطو آندو وڃي. "سيپڪو ۾ سست ۽ ڪرپٽ آفيسرن لاءِ ڪا به جاءِ نه آهي اداري کي نقصان پهچائڻ وارن خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي اختيار ڪئي وئي آهي" هن وڌيڪ چيو ته سي اي او چيو ته عوام کي رليف ڏيڻ ۽ اداري کي نقصان مان ڪڍڻ لاءِ اهي قدم ناگزير هئا

ڊائريڪٽر هيلٿ سکر پاران غلام محمد مهر ڪاليج ۽ اسپتال جو دورو

اينٽي ريبيز ريفرل سينٽر، ويسٽ مينيجمينٽ ۽ فائر سيفٽي جو جائزو ورتو ويو

اسپتال انتظاميه مناسب هنڌن تي هينڊ واش اسٽيشنز نصب ڪري: ڊاڪٽر فرخ امتياز

سکر (بيورو رپورٽ) ڊائريڪٽر هيلٿ سکر ڊويزن ڊاڪٽر فرخ امتياز پنهور غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج ۽ سول اسپتال سکر جو تفصيلي دورو ڪيو سندس سان گڏ ايڊيشنل ڊائريڪٽر ڊاڪٽر ياسر عرفات گبول، ڊويزنل اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ڊاڪٽر سودا افروز ۽ ڊويزنل اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ڊاڪٽر نويد پڻ موجود هئا. دوري دوران انفيڪشن پريوينشن اينڊ ڪنٽرول (IPC)، اينٽي ريبيز ريفرل سينٽر، ويسٽ مينيجمينٽ ۽ فائر سيفٽي جي انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ سول اسپتال ڊاڪٽر احمد مجتبيٰ ميمڻ اي ايم ايس ڊاڪٽر زاهد ملڪ آءِ پي سي فوڪل پرسن ڊاڪٽر علي حيدر ۽ اي ايم ايس ڊاڪٽر عامر سرهيو وفد کي آءِ پي سي ويسٽ مينيجمينٽ ۽ فائر سيفٽي جي حوالي سان کنيل قدمن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني ڊائريڪٽر هيلٿ ۽ سندس ٽيم او پي ڊي بلاڪ، گائني وارڊ، آءِ سي يو، ريڊيالاجي، ليبارٽري ۽ آپريشن ٿيٽر (OT) سميت مختلف شعبن جو جامع آءِ پي سي آڊٽ ڪيو ۽ انفيڪشن ڪنٽرول جي عملي انتظامن جو جائزو ورتو ان موقعي تي ڊاڪٽر فرخ امتياز پنهور اسپتال انتظاميا کي هدايت ڪئي ته مناسب هنڌن تي هينڊ واش اسٽيشنز نصب ڪيا وڃن ۽ هٿن جي صفائي جا انتظام وڌيڪ بهتر بڻايا وڃن. هن وڌيڪ هدايت ڪئي ته ميڊيڪل ويسٽ جي سيگريگيشن کي وڌيڪ مؤثر بڻايو وڃي ۽ مختلف قسمن جي طبي فضلي کي مقرر ڪيل اصولن موجب الڳ الڳ رکيو وڃي طبي فضلي جي محفوظ تلفي لاءِ مناسب انسي نيٽر (Incinerator) نصب ڪري فعال بڻايو وڃي. ڊاڪٽر فرخ پنهور چيو ته آءِ پي سي، ويسٽ مينيجمينٽ ۽ فائر سيفٽي جي سمورن مقرر ڪيل معيارن تي سختي سان عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي، جڏهن ته مريضن ۽ اسپتال جي عملي لاءِ محفوظ، صاف ۽ صحت مند ماحول جي فراهمي کي اولين ترجيح ڏني وڃي. ڊائريڪٽر هيلٿ اسپتال انتظاميا کي هدايت ڪئي ته دوري دوران نشاندهي ڪيل سمورين خامين کي ترجيحي بنيادن تي ختم ڪيو وڃي ۽ مريضن کي بهتر، معياري ۽ محفوظ طبي سهولتن جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي.

THE UNIVERSITY OF MIRPURKHAS

ADMISSIONS OPEN 2027
APPLY ONLINE

Chartered by Government of Sindh and Recognized by Higher Education Commission (HEC) Pakistan

ADMISSIONS FOR ACADEMIC YEAR - 2027

- Submission of online admission forms through official website: https://umpk.edu.pk
- Prospective candidates desiring admission to Bachelor — BS/BBA (4 years), BS 3rd Year — 5th Semester (2 years), B.Ed. (1.5 and 2.5 years), PGDECE (1 Year) are required to register at the university of mirpurkhas admission portal: https://admissions.umpk.edu.pk/
- Candidates once selected after issuance of the first merit list are required to submit a printed copy of the online-submitted form along with the original educational pass & marksheet of last degree qualified and attested copies of other documents to the office of the director admissions.
- For details of the documents required, visit official website: https://umpk.edu.pk

Details Regarding Admission Policy/Eligibility Criteria/Fees/ Requirements are available at The University Of Mirpurkhas official website: www.umpk.edu.pk

UNDERGRADUATE PROGRAMS OFFERED

Department of English Language and Literature
Morning Programs
- BS English Linguistics - (4 years)
- BS English Language and Literature - (4 years)
- BS English Language and Literature - 3rd Year/Bridging Program - (2 years)
Evening Programs (Self-Finance)
- BS English Linguistics - (4 years)
- BS English Language and Literature - (4 years)
- BS English Language and Literature - 3rd Year/Bridging Program - (2 years)

Department of Computer Science
Morning Programs
- BS Computer Science - (4 years)
- BS (Computer Science) - Artificial Intelligence
- BS (Computer Science) - Data Science
- BS Computer Science - 3rd Year Program - (2 years)
Evening Programs (Self-Finance)
- BS Computer Science - (4 years)
- BS (Computer Science) - Artificial Intelligence
- BS (Computer Science) - Data Science

Department of Business Administration
Morning Programs
- Bachelor of Business Administration - BBA (4 years)
- Bachelor of Business Administration - BBA 3rd Year Bridging Program - (2 years)
Evening Programs (Self-Finance)
- Bachelor of Business Administration - BBA (4 years)
- Bachelor of Business Administration - BBA 3rd Year Bridging Program - (2 years)

Department of Education
- B.Ed in Education (4 years)
- B.Ed in Education (1.5 years)
- B.Ed in Education (2.5 years)
- PGD-ECE - Postgraduate Diploma in Early Childhood Education (1 year)

Department of Commerce
Morning Programs
- BS Commerce - (4 years)
- BS Accounting & Finance - (4 years)
- BS Banking and Finance - (4 years)
- BS Commerce - 3rd Year/Bridging Program - (2 years)

Department of Information Technology
Morning Programs
- BS Information Technology - (4 years)
- BS Data Science - (4 years)
- BS Information Technology - 3rd year Program (2 years)
Evening Program (Self-Finance)
- BS Information Technology - (4 years)

NOTE:
- Candidates who are waiting for results of HSC-II / A level are eligible to register and appear in the Pre-entry Test for admissions to BS / BBA 4 Year Degree Programs.
- Candidates who have passed BA / AD / equivalent to 14-Year Degree can apply for BS 3rd Year–5th Semester Programs.
- For further eligibility criteria of various Degree Programs, visit the official website of the University of Mirpurkhas.
- The candidate shall be given the choice to opt any other Degree Program according to eligibility and availability of seats.

Scan to Apply

PID(H) 74/2026

General Instructions:
Register at The University of Mirpurkhas Admissions Portal: https://admissions.umpk.edu.pk/ using **CNIC / B-Form Number**, download and pay a challan of **Rs. 3000/-** as an application processing fee.
UBL Bank Account No: PK95 UNIL 0109 0003 2050 4442
Branch: 0128-M.A. JINNAH ROAD MIRPURKHAS

DIRECTOR ADMISSIONS
Email : admissions@umpk.edu.pk
Contact No: 0233-874575
Whatsapp: +92 337 8675675

Registration Starts 14th September 2026
Last Date for Online Registration 16th October 2026
Pre - Entry Test Date 1st November 2026 (Sunday)

*The University of Mirpurkhas reserves the right to postpone or revise Pre-Entry Test schedule at any stage
/umpkofficial https://umpk.edu.pk

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلوار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 13 سيپٽمبر 2026ع

ترقياتي منصوبن ۾ رفتار سان گڏ شفافيت به ضروري آهي!

ملڪي معاشي ۽ انتظامي صورتحال ۾ ترقياتي منصوبن جي منظوري هڪ اهم قدم ضرور آهي پر ڪنهن به حڪومت جي ڪارڪردگيءَ جو حقيقي اندازو منصوبن جي تعداد، اعلان ڪيل رقم يا ڪاغذن تي تيار ڪيل منصوبابنديءَ مان نه پر انهن منصوبن جي عملي نتيجن مان لڳايو ويندو آهي. گذريل ڏينهن وفاقي حڪومت جي سينٽرل ڊولپمينٽ ورڪنگ پارٽيءَ پاران 115 ارب 89 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ ماليت جي 7 ترقياتي منصوبن جي منظوري ڏني وئي آهي. حڪومت ترقياتي سرگرمين کي اڳتي وڌائڻ لاءِ وسيلا مختص ڪرڻ چاهي ٿي پر موجوده معاشي حالتن ۾ جڏهن ملڪ قرضن، مهانگائي، محدود وسيلن ۽ وڌندڙ مالي دٻاءَ ڪي منهن ڏئي رهيو آهي، تڏهن هر رپئي جي اثرائتي ۽ شفاف استعمال کي يقيني بڻائڻ اڳ کان وڌيڪ ضروري ٿي ويو آهي. ترقياتي منصوبن ۾ فوڊ اينڊ ايگريڪلچر، اعليٰ تعليم، انفارميشن ٽيڪنالاجي، بهتر حڪمراني، رانڌين ۽ آبي وسيلن جهڙن شعبن کي شامل ڪرڻ هڪ مثبت رُخ آهي، ڇاڪاڻ ته ملڪ جي حقيقي ترقي صرف روڊن، پلين ۽ سرڪاري عمارتن جي تعمير سان ممڪن نٿي بڻجي سگهي.

زراعت ملڪي معيشت، روزگار ۽ خوراڪ جي تحفظ جو بنيادي شعبو آهي. تنهن ڪري ان ۾ جديد ٽيڪنالاجي، پاڻيءَ جي بچت، بهتر ٻج، جديد پوک جا طريقا ۽ مارڪيٽ تائين رسائيءَ کي ترقياتي پاليسين جو مرڪز بڻائڻ گهرجي. ساڳيءَ ريت اعليٰ تعليم کي تحقيق، جدت ۽ روزگار جي ضرورتن سان ڳنڍڻ ڪانسواءِ نوجوانن جي وڌندڙ آباديءَ کي معاشي طاقت ۾ تبديل ڪرڻ ڏکيو هوندو. پر هتي سڀ کان اهم سوال منصوبن جي منظوريءَ کان پوءِ شروع ٿئي ٿو. ماضيءَ جو تجربو ٻڌائي ٿو ته اسان وٽ ڪيترائي منصوبا انتهائي شاندار نموني شروع ڪيا ويندا آهن پر عملي مرحلي ۾ يا ته مقرر وقت تي مڪمل نه ٿي سگهندا آهن يا وري انهن جي لاڳت ڪيترائي ڀيرا وڌي ويندي آهي. ان کان علاوه منصوبن جي اصل مقصد ۾ اهڙيون تبديليون آنديون وينديون آهن جو عوام کي متوقع فائدو ئي ناهي ملي سگهندو. اهڙي صورتحال ۾ رڳو نئين منصوبي جو اعلان ڪرڻ ڪافي نه آهي پر ان جي هر مرحلي تي سخت نگراني، شفافيت ۽ احتساب ضروري آهي.

هر ترقياتي منصوبي لاءِ شروعات ۾ ئي واضح هدف، مقرر وقت، لاڳت جي حد ۽ متوقع نتيجا طئي ٿيڻ گهرجن. منصوبي جي نگراني صرف فائلن ۽ اجلاس تائين محدود نه هجي پر ان جي عملي اڳڀرائيءَ بابت عوام ۽ پارليامينٽ کي به باقاعده معلومات فراهم ڪئي وڃي. جيڪڏهن ڪنهن منصوبي ۾ لاڳت وڌي رهي آهي يا دير ٿي رهي آهي ته ان جا سبب سامهون آندا وڃن ۽ ذميوارين جو تعين ڪيو وڃي. ترقياتي بجيٽ کي سياسي نمائش يا پسنديده علائقن ۽ ادارن جي مفادن لاءِ استعمال ڪرڻ بدران قومي ضرورتن ۽ عوامي فائدي کي بنياد بڻائڻو پوندو. 94 ارب 30 ڪروڙ رپين جي ٻن وڏن منصوبن کي وڌيڪ غور لاءِ ايڪنڪ ڏانهن موڪلڻ به حڪومت لاءِ هڪ اهم موقعو آهي ته جيئن چڪاسيل منصوبن جو خرچ، ضرورت ۽ متوقع نتيجن جو غيرجانبدار جائزو ورتو وڃي. وڏن منصوبن ۾ رڳو سرمائيڪاري نه پر انهيءَ مان پيدا ٿيندڙ معاشي سرگرمي، روزگار، آمدني ۽ عوامي سهولت کي به حساب ۾ آڻڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن منصوبي تي اربين رپيا خرچ ٿيڻا آهن ته ان بابت اهو سوال لازمي پڇيو وڃي ته ان خرچ جي بدلي ۾ ملڪ ۽ عوام کي ڪيترو فائدو حاصل ٿيندو؟ هونئن به ڏٺو وڃي ته ملڪ کي هن وقت اهڙن منصوبن جي ضرورت آهي جيڪي عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ واضح تبديلي آڻين. جيڪا محسوس پڻ ڪري سگهجي. باقي جيڪڏهن اربين رپيا خرچ ٿيڻ باوجود روزگار جا موقعا وڌن، نه ئي وري زراعت جي پيداوار بهتر ٿئي، پاڻيءَ جا مسئلا گهٽ ٿين، تعليم جو معيار بلند نه ٿئي ته پوءِ ترقياتي انگ اکر ڪنهن ڪم جا نه رهندا؟ جيڪڏهن حڪومت واقعي ۾ به ترقياتي منصوبن کي قومي تبديليءَ جو ذريعو بڻائڻ چاهي ٿي ته پوءِ منصوبا منظور ڪرڻ کان وڌيڪ اهم ڪم انهن کي وقت سِر ۽ شفاف طريقي سان مقرر ڪيل هدف مطابق مڪمل ڪرڻ هوندو.

آمريڪا جي فضائن مان ڇا ڏهن سالن بعد مصنوعي ذهانت انسانيت کي ختم ڪري ڇڏيندي؟

راجا زاهد اختر خانزادو

(حصو ٻيو ۽ آخري)

اِهي هڪ ٽي ڪمپنيءَ جون ٻه مختلف تصويرون آهن هڪ پاسي حفاظتي ٽيمن جو خاتمو، ٻئي طرف هڪ حقيقي خطري جي آڏو اچڻ تي فوري، ضميدارانه ردعمل ميٽا ۽ ايڪس اي آءِ بابت آزاد ادارن جي طرفان ڪيل تازن جائزن ۾ به مختلف نتيجا سامهون آيا آهن جن ۾ ميٽا جي ڪارڪردگيءَ ۾ بهتري ۽ ايڪس اي آءِ جي ڪارڪردگيءَ ۾ گهٽتائي نوٽ ڪئي وئي آهي ۽ شايد سڀ کان وڌيڪ قابل غور ڳالهه هيءَ آهي ته گذريل ٻن سالن دوران اهي ئي ڪمپنيون، جن ڪڏهن پنهنجي ٽيڪنالاجي جي دفاعي استعمال تي پابندي مڙهي هئي، هاڻي آهستي آهستي هن پابنديءَ کان پوئتي هٽي رهيون آهن ۽ دفاعي شراڪتدارين ڏانهن وڌي رهيون آهن هن سڀ مان اهو نتيجو ڪڍڻ ته سموري صنعت هڪجهڙي طرح حفاظت کي واپاري مفاد جي ور چاڙهي رهي آهي هڪ ناانصافي عموميت ٿيندي، وڌيڪ صحيح ڳالهه هيءَ آهي ته ڪجهه هنڌن تي واپاري ۽ مقابلي جي دٻاءَ جا ٺوس ثبوت موجود آهن پر هن صنعت جو مجموعي رويو ڪڏهن به هڪجهڙو ناهي جڏهن اسين هن ٽيڪنالاجيءَ کي قابو ۾ رکڻ جي علمي نظام ڏانهن نهاريون ٿا ته هڪ ٻي حقيقت سامهون اچي ٿي برطانيه جو نظام اڃا تائين رضاڪارانه آهي جتي حڪومت واضح ڪيو آهي ته جيڪڏهن رضاڪارانه جاچ ناڪافي ثابت ٿي ته قانون سازي ڪئي ويندي پر اڃا تائين اهو صرف هڪ شرط آهي ڪو قانون ناهي.

آمريڪا وٽ اڃا تائين ڪو جامع وفاقي اي آءِ قانون موجود ناهي ۽ ڪانگريس اندر رياستي قانونن کي گڏ ڪرڻ يا ختم ڪرڻ تي سخت سياسي اختلاف جاري آهي يورپي يونين جو اي آءِ ايڪٽ، جيڪو دنيا جو سڀ کان جامع قانوني ڍانچو سمجهيو وڃي ٿو، پنهنجي اعليٰ خطري جي شرط لاڳو ڪرڻ کي ملتوي ٿي چڪو آهي چين هڪ ٺهه در ٺهه نظام قائم ڪيو آهي جيڪو گهڻو ڪري اندراج ليبلنگ ۽ نگرانيءَ تي ٻڌل آهي پر ان جو مقصد قومي سلامتي ۽ سماجي نظم ۽ ضبط آهي ته ڪي علمي سطح تي انسانيت کي ڪنهن وجودي خطري کان بچائڻ 2025ع جي آگسٽ مهيني ۾ گڏيل قومن به ادارا قائم ڪيا آهن هڪ آزاد بين الاقوامي سائنسي پينل ۽ هڪ علمي مذاڪراتي فورم. هن پينل جي چاليهن ميمبرن ۾ يوشوا بينجيو به شامل آهي هن پينل پنهنجي پهرين رپورٽ ۾ هڪ بنيادي ۽ اهم ڳالهه چيئي آهي ته سائنس اها ضمانت نٿي ڏئي سگهي ته جديد ترين هٿرادو ذهانت ڪڏهن به تباهه ڪن نقصان نه رسائيندي پر اها ڳالهه نه ته ڪا اڳڪٿي آهي نه ڪا ڏهه سالن جي آخري تاريخ هيءَ رڳو هڪ ايمانداراڻو اعتراف آهي ته غير يقيني صورتحال ۾ ڪو به سائنسي ادارو مڪمل تحفظ جي ضمانت نٿو ڏئي سگهي ۽ هيءَ سمورو فورم پنهنجي نوعيت ۾ غير پابند آهي هيءَ ڪنهن کي ڪجهه ڪرڻ تي مجبور نٿو ڪري سگهي هيءَ رڳو علم ورهائڻ ۽ مذاڪري کي جيئرو رکڻ جو هڪ ذريعو آهي هتي ئي هن سموري موضوع جي وچ ۾ هڪ اهڙو سوال پيدا ٿئي ٿو جيڪو شايد عددي امڪانن رپورٽن ۽ قانونن کان تمام وڌيڪ اهم آهي ڇا اصل خطرو هن ڳالهه ۾ آهي ته مشين هڪ ڏينهن اسان کان وڌيڪ ذهين ٿي ويندي؟ يا اصل خطرو هن ڳالهه ۾ آهي ته انسان پنهنجي ئي ناهيل ذهانت جي مقابلي ۾ اخلاقي طور تي ٿڪيو ثابت ٿيندو؟ ڇاڪاڻ ته ذهانت پاڻ ۾ اخلاقي رُخ نٿي رکي خطرو ان مقصد مان پيدا ٿئي ٿو جيڪو ان کي ڏنو وڃي ٿو ان اختيار مان جيڪو ان کي سونپيو وڃي ٿو ان ترغيبن مان جيڪي ان جو رخ مقرر ڪن ۽ ان نظام مان جنهن اندر ان کي ڪم ڪرڻ جي آزادي ڏني وڃي خطرو انساني لالچ به ٿي سگهي ٿو مقابلو به، تڪڙ به ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهڙو مقصد به جنهن کي مشين انسان جي توقع کان بلڪل مختلف طريقي سان پورو ڪرڻ لڳي هڪ انتهائي ذهين مشين جيڪڏهن انسان جي بهترين قدرن تي تعمير ڪئي وڃي شايد انسانيت جي وڏي خدمت ثابت ٿئي ۽ اها ئي مشين جيڪڏهن منافعي مقابلي ۽ تڪڙ جي پاڇي ۾ تعمير ڪئي وڃي شايد ساڳئي انسانيت لاءِ سڀ کان وڏو امتحان بڻجي وڃي.

هيءُ سڀ ڪجهه جيڪڏهن رڳو خوف جي ڪهاڻي بڻجي وڃي ته اها هڪ اڌوري ۽ ناانصافي تصوير ٿيندي ڇاڪاڻ ته ساڳي ذهانت، جيڪا خطرن جو سبب بڻجي سگهي ٿي ساڳي ذهانت انسانيت کي ڪجهه اهڙا تحفا به ڏئي رهي آهي جيڪي ڪجهه سال اڳ ناممڪن سمجهيا ويندا هئا. الفا فولڊ نالي نظام پروٽين سائنس ۾ اهو ڪارنامو سرانجام ڏنو جنهن کي ڏهاڪن کان سائنسدان حل ڪري نه سگهيا هئا ان جي تياريءَ ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪندڙ ڊيمس هسابس ۽ جان جمپر کي پروٽين جي جوڙجڪ جي اڳڪٿي جي ساڳئي ڪم تي 2024ع ۾ ڪيمسٽريءَ جو نوبل انعام جو اڌ حصو ڏنو ويو جڏهن ته باقي اڌ ڊيوڊ بيڪر کي ڪمپيوٽيشنل پروٽين ڊيزائين تي مليو هڪ تحقيقي اداري جي پنهنجي رپورٽ مطابق هن ٽيڪنالاجي دوا جي دريافت لاءِ استعمال ٿيڻ پروٽينز جي تعداد کي پيٽو ڪري ڇڏيو آهي ساڳي ٽيڪنالاجيءَ جي مدد سان سرطان جي خلين جي پيچيده جوڙجڪ کي سمجهڻ ۽ نئين دوائن جي شروعاتي نشاندهي ۾ غير معمولي پيشرفت ٿي آهي ساڳي هٿرادو ذهانت معذور ماڻهن لاءِ آواز ۽ نظر جا نوان رستا کوليا آهن تعليم جي ميدان ۾ هر شاگرد لاءِ انفرادي رهنمائيءَ کي ممڪن بڻايو آهي ۽ ڪجهه سائنسي مسئلن ۾ تحقيق جي انهن مرحلن کي غير معمولي طور تي تيز ڪري ڇڏيو آهي جن لاءِ اڳ گهڻو وقت ۽ انساني محنت گهربل هوندي هئي اهو ئي اهو تضاد آهي جيڪو هن سموري بحث جي دل ۾ ٻيٺل آهي ساڳي ذهانت انسانيت کي بيماري، جهالت ۽ محدوديت کان آزاد ڪري سگهي ٿي ۽ ساڳي ذهانت، جيڪڏهن غلط هٿن ۾ هلي وڃي انسانيت کي نون بيمارين، نون خطرن ۽ نئين تباهي به آڻي سگهي ٿو اسين حقيقت ۾ هڪ اهڙي باهه جي چوڌاري ويهي رهيا آهيون، جنهن صدين کان انسان کي سرديءَ کان بچايو آهي، ڪيس روشني ڏني آهي، ڪيس کاڌو پچائڻ سيکاريو آهي پر اها ئي باهه ذري گهٽ سموري گهر کي به ساڙي سگهي ٿي ۽ اصل سوال ڪڏهن به باهه جي طاقت جو ناهي هوندو اصل سوال هميشه ان هٿ جو هوندو آهي جيڪو باهه کي جهليل آهي ان نيت جو هوندو آهي جيڪا ان کي ٻاريندي آهي ۽ ان دانائيءَ جو هوندو آهي جيڪا ان کي قابو ۾ رکندي آهي ڇا ڏهن سالن بعد هٿرادو ذهانت انسانيت کي ختم ڪري ڇڏيندي؟ هن سوال جو ڪو سائنسي ۽ حتمي جواب موجود ناهي ان ڪري اڄ جيڪا به يقيني اڳڪٿي ڪئي ويندي، اها علم کان وڌيڪ قياس جي دائري ۾ هوندي. ڏهن سالن جو اهو مدو سائنسي طور تي مقرر ٿيل ڪا حد ناهي اها رڳو ڪجهه ماهرن جي ذاتي اندازن ۽ صلاحيتن ۾ ٿيندڙ تيز رفتار پيشرفت ۽ ميڊيا جي ڏيان مان جنم وٺندڙ هڪ فريم آهي، جنهن کي بار بار ورجائڻ سان هڪ قسم جو رنگ ملي ويو آهي، جيڪو حقيقت ۾ ان وٽ ناهي ها..! اهو ممڪن آهي ته ايندڙ ڏهاڪو وڌيڪ اهم ثابت ٿئي پر انهيءَ جو اهم هجڻ جو سبب هي ناهي ته ڪا سائنسي گهڙي ٽڪ ٽڪ ڪري رهي آهي ان جو سبب اهو آهي ته اهي ئي اهي سال هوندا، جن ۾ انسان کي اهو مقرر ڪرڻو پوندو ته هو هن نئين تيزيءَ سان وڌندڙ ذهانت سان قانون جو ڪهڙو تعلق قائم ڪري ٿو؟ اخلاقيات جو ڪهڙو مقام رکي ٿو؟ طاقت ۽ منافعي جي وچ ۾ ڪٿي لڪير ڇڪي ٿو؟ ۽ ذميداريءَ کي ڪهڙي حد تائين سنجيدگيءَ سان وٺي ٿو؟ شايد انسانيت جو حتمي فيصلو ان ڳالهه مان نه ٿيندو ته مشين ڪيتري ذهين ٿئي؟ شايد فيصلو هن ڳالهه مان ٿيندو ته جنهن پل انسان پنهنجي کان وڌيڪ ذهين ڪا شيءِ ناهڻ جي جرئت ڪئي، ساڳئي وقت هو پنهنجي عقل سان گڏ پنهنجو ضمير به جيئرو رکي سگهيو يا نه؟

هدايه ٽرسٽ جا بند اسڪول ۽ سوين ٻارن جي مستقبل جو سوال!

منظور ڪوسو

غربت، محرومي ۽ بي وسيءَ مان نڪرڻ جو واحد مضبوط رستو تعليم آهي پر الميو اهو آهي ته اسان وٽ هن رستي ۾ ڪيئي مسئلا ۽ ڪيئي رڪاوٽون آهن. يونيسيف ۽ ڪن ٻين ادارن جون رپورٽون آهن ته سنڌ ۾ 74 لک کان 78 لک تائين ٻارڙا، جن ۾ ڇوڪرين جو تعداد 41 لک آهي، سي اسڪول کان ٻاهر آهن. مهانگائيءَ جي شرح 13 في سيڪڙو کان اڳتي وڌڻ لاءِ پَر هڻي رهي آهي. روزمره جي بنيادي شين اٽو چانور، داليون، ٻصر، پٽاٽا ۽ گيهه وغيره جا اگهه غريب جي پهچ کان مٿي چڙهندا پيا وڃن. هڪ مزدور صبح کان شام تائين پورهيو ڪري ٿو پر گهر جون بنيادي ضرورتون پوريون نٿو ڪري سگهي. تيل جون قيمتون مستحڪم نه ٿيڻ ڪري شين جا اگهه به ڏينهون ڏينهن مهانگا ٿيندا پيا وڃن. ليبر ڪاتي، يونيسيف ۽ بيورو آف اسٽيٽڪس جي هڪ گڏيل جائزي موجب سنڌ ۾ 16 لک کان وڌيڪ ٻار چائيلڊ ليبر جو شڪار آهن، جن مان قمبر-شهدادڪوٽ ۾ 30.8 في سيڪڙو، ٿرپارڪر ۾ 29 في سيڪڙو، شڪارپور ۾ 20.2 في سيڪڙو، ٽنڊو محمد خان ۾ 20.3 في سيڪڙو، ڪراچيءَ ۾ 2.38 في سيڪڙو جبري مشقت جو شڪار آهن ۽ انهن مان 20 في سيڪڙو کان وڌيڪ ٻارڙن ۾ ڊپريشن جون علامتون ڏٺيون ويون. وطن عزيز ۾ ست ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻهو انتهائي غربت واري زندگي گذاري رهيا آهن. اٽي لٽي اجهي، تعليم، صحت ۽ زندگيءَ جي ٻين بنيادي ضرورتن کان ڪروڙين ماڻهو محروم آهن. جنهن معاشري ۾ ملڪ جي اعليٰ پڙهيل لکيل طبقي ۾ به بيروزگاري جي شرح 2025ع جي هڪ رپورٽ موجب 12.2 في سيڪڙو هجي ته اُتي مفلسي جو اندازو لڳائڻ ڪو مشڪل ڪونهي. انهن سڀني حالتن ۽ انگن اکرن کي ڏسندي اسان لاءِ اها ڳالهه افسوس جوڳي نه آهي پر اهڙج جهڙي نه هئڻ گهرجي ته ڪيترا لک ٻارڙا اسڪول کان ٻاهر آهن. سنڌ ۾ ذاتين برادرين جا جهيڙا، جن ويڙها ويران ڪري ڇڏيا نه جرڳا انهن مسئلن کي حل ڪري سگهيا نه رياست ڪنٽرول ڪري سگهي، اهڙن علائقن ۾ جتي استاد به ماريا وڃن يا ڦريا وڃن، اُتي اسڪول ڇا هلندا هوندا. انهن سڀني مان نجات ملندي ته تعليم جو مسئلو به حل طرف ويندو مفلسي، بيروزگاري، مهانگائي، چائيلڊ ليبر، سياسي بيقيني ۽ بيوروڪريسي جي ڪريشن، اِهي اهڙيون حالتون آهن جن سنڌ ۾ تعليم جي شعبي سان گڏ هر شعبي کي بي پناهه نقصان ڏنو آهي جڏهن حالتون اِن سطح تي هجن ته تعليم عام ڪرڻ جي ڏس ۾ حڪومت ڪانسواءِ

> **شڪارپور جي سرڪاري اسڪولن تي اڳ ئي شاگردن جو وڏو دٻاءُ آهي. ڪيترن ئي اسڪولن ۾ ڪلاس روم گنجائش کان وڌيڪ ڀريل آهن ۽ ڪجهه ڪلاسن ۾ شاگردن جو انگ سئو کان به وڌيڪ ڏٺو ويو آهي. جيڪڏهن هدايه ٽرسٽ جا اسڪول نه ٿا کلن ته سرڪاري اسڪولن ۾ ايتري گنجائش ڪونه آهي جو سوين ٻارن کي داخلا ڏئي سگهجي. اڄ ڪالهه هدايه ٽرسٽ جا ڪيئي شاگرد رُلندي ۽ ڪِن ڪچري مان ڪباڙ ميڙيندي ڏٺا ويا آهن. هي قوم جي ٻچڙن جو هڪ وڏو تعليمي نقصان آهي، جن تي ٽرسٽ ۽ لاڳاپيل ادارن کي فوري تحرڪ ۾ اچڻ گهرجي. هي معاملو ڪنهن هڪ اداري جي حق يا مخالفت جو ناهي. هي ٻارن جي مستقبل جو سوال آهي. حڪومت وٽ وسيلا محدود آهن ۽ خانگي سماجي ادارا پنهنجي وسيلن سان عوامي خدمت ڪري رهيا آهن. اهڙن ادارن سان تعاون جو ماحول پيدا ڪرڻ گهرجي.**

جيڪي بيا فلاحي ادارا سرگرم آهن ته انهن جي حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي نه ڪي حوصلا شڪني. اٿين ڪرڻ سان ٿيو ته نه گهٽ ۾ گهٽ اسڪول کان ٻاهر رهيل ٻارڙن جي انگ ۾ ڪجهه نه ڪجهه گهٽتائي اچي سگهي ٿي. شڪارپور ۾ هدايه ٽرسٽ 1999ع کان سماجي ڀلائي، تعليم، صحت ۽ روزگار سميت مختلف شعبن ۾ ضرورتمند ماڻهن جي خدمت ڪري رهيو آهي. ٽرسٽ پاران ٻارن کي تعليم سان ڳنڍڻ لاءِ ڪنيل قدم انهيءَ وڏي سماجي ذميواريءَ جو حصو آهن.

گرمين جي موڪلن جو عرصو غريب خاندانن جي ٻارن لاءِ اڪثر ٻين ٻارن کان مختلف هوندو آهي. خوشحال خاندان پنهنجن ٻارن کي خانگي ٽيوشن، ڪوچنگ سينٽر ۽ ٻين تعليمي سرگرمين ۾ شامل ڪرائي سگهن ٿا، پر غريب والدين لاءِ اهو خرچ برداشت ڪرڻ آسان ناهي. نتيجي ۾ ٻار يا ته گهر ۾ بي مقصد وقت گذارين ٿا يا وري خاندان جي معاشي ضرورتن سبب مزدوري ۽ پورهئي ڏانهن هليا وڃن ٿا ۽ ائين ڪرڻ سان انهن جو وري تعليم ڏانهن واپس ورڻ ڏاڍو ڏکيو ٿئي ٿو. انهيءَ پسمنظر ۾ هدايه ٽرسٽ پاران گرمين جي موڪلن دوران ٻارن لاءِ تعليمي سلسلو جاري رکڻ هڪ قابل قدر قدم هو خاص طور تي ٻارن کي تعليم سان گڏ وظيفو فراهم ڪرڻ ان ڳالهه جو ثبوت هو ته ٽرسٽ رڳو پڙهائڻ نه، پر غريب ٻارن کي تعليم سان مستقل طور جوڙي رکڻ چاهي ٿو. هيءَ ڳالهه سمجهڻ ضروري آهي ته غريب خاندان لاءِ ٻار جي اسڪول وڃڻ ۽ گهر جي خرچ ۾ هٿ ونڊائڻ جي وچ ۾ چونڊ ڪڏهن ڪڏهن انتهائي ڏکي هوندي آهي. جيڪڏهن ٻار کي وظيفو ملي ٿو ته ان خاندان تي معاشي دٻاءُ ڪجهه گهٽجي سگهي ٿو ۽ ٻار کي مزدوري بدران تعليم جاري رکڻ جو موقعو ملي سگهي ٿو. ان دوران شديد گرمي ۽ حبس سبب ڪجهه ٻارن جي طبيعت خراب ٿيڻ ۽ بيهوش ٿيڻ جو واقعو پڻ سامهون آيو. متاثر ٻارن کي سول اسپتال شڪارپور ۾ فوري طبي امداد ڏني وئي ۽ بعد ۾ گهر موڪليو ويو. يقيناً ٻارن جي صحت ۽ حفاظت تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نٿو ڪري سگهجي. پر ڇا ڪجهه ٻارن جي صحت بابت پيش آيل واقعي جو حل اِهو آهي ته سوين ٻارن جي تعليم ئي بند ڪري ڇڏجي؟ اسڪول بند ڪرڻ سان گرميءَ جو مسئلو ته عارضي طور حل ٿي سگهي ٿو پر ٻارن جي تعليم جو مسئلو وڌيڪ سنگين بڻجي سگهي ٿو. اسڪول ويڪيشن ڪانپوءِ کلي چڪا آهن پر هدايه ٽرسٽ جا اسڪول بند آهن. شڪارپور جي سرڪاري اسڪولن تي اڳ ئي شاگردن جو وڏو دٻاءُ آهي. ڪيترن ئي اسڪولن ۾ ڪلاس روم گنجائش کان وڌيڪ ڀريل آهن ۽ ڪجهه ڪلاسن ۾ شاگردن جو انگ سئو کان به وڌيڪ ڏٺو ويو آهي. جيڪڏهن هدايه ٽرسٽ جا اسڪول نه ٿا کلن ته سرڪاري اسڪولن ۾ ايتري گنجائش ڪونه آهي جو سوين ٻارن کي داخلا ڏئي سگهجي. اڄ ڪالهه هدايه ٽرسٽ جا ڪيئي شاگرد رُلندي ۽ ڪِن ڪچري مان ڪباڙ ميڙيندي ڏٺا ويا آهن. هي قوم جي ٻچڙن جو هڪ وڏو تعليمي نقصان آهي، جن تي ٽرسٽ ۽ لاڳاپيل ادارن کي فوري تحرڪ ۾ اچڻ گهرجي. هي معاملو ڪنهن هڪ اداري جي حق يا مخالفت جو ناهي. هي ٻارن جي مستقبل جو سوال آهي. حڪومت وٽ وسيلا محدود آهن ۽ خانگي سماجي ادارا پنهنجي وسيلن سان عوامي خدمت ڪري رهيا آهن. اهڙن ادارن سان تعاون جو ماحول پيدا ڪرڻ گهرجي. خاص طور تي جڏهن معاملو غريب ٻارن جي تعليم جو هجي ته پاليسي اِها هجڻ گهرجي ته جيڪو ٻار اسڪول ۾ آهي، ان کي ڪنهن به صورت ۾ اسڪول کان ٻاهر نه وڃڻ ڏنو وڃي. قوم جو مستقبل ڪنهن به انتظامي، ڪاتي يا انتظامي فيصلي کان مٿيرو هئڻ گهرجي.

آمريڪا ۽ ايران جي جنگ دنيا کي ڪٿي بيهاريندي؟



محمد اسماعيل لانگاهه

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ هلندڙ جنگ جا تمام ناڪاري ۽ هاڃيڪار اثرونما ٿيڻ شروع ٿيا آهن. جنهن جي پهرين مرحلي دوران دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جي اهم ضرورت، يعني تيل علمي مارڪيٽ ۾ في بيرل 110 رپين جي خطرناڪ ليول تائين اچي چڪو آهي ۽ پوري دنيا چاهي ٿي ته آمريڪا جنگ صرف تيل حاصل ڪرڻ لاءِ وڙهندو رهي ٿو عرب ۽ نارجي ملڪن تي ته هو قابض ٿي چڪو آهي صرف ايران واحد اسلامي ملڪ آهي جيڪو آمريڪا جهڙي علمي طاقت جي آڏ مجڻ لاءِ تيار ناهي امن بابت ٿيل ناڪام جي ڪوششن تي ٻنهي ملڪن کي ڪوبه اعتماد ناهي رهيو گذريل ڪيترن ئي ڏينهن کان وري ٻنهي ملڪن هڪ ٻئي جي سامونڊي حدن ۾ ٻيٺل ٻيڙن تي حملا ڪيا پيا وڃن. سو هڪ ڀيرو ٻيهر شروع ٿيل انهيءَ جنگ جو ڇيهه ڪٿي ٿيندو؟ غريب ملڪن کي ٻيچينيءَ سان جنگ جي مڪمل ختم ٿيڻ جو انتظار آهي؟ اهو سڀ ڪجهه ڪيئن ممڪن ٿيندو؟ دنيا اڳ ئي ڪيترن ئي بحرانن جنگين ۽ معاشي مسئلن جي ور چڙهيل آهي اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ستئي جنگ شروع ٿئي ٿي ته ان جا اثر رڳو ٻن ملڪن تائين محدود نه رهندا پر پوري دنيا کي هڪ اهڙي خطرناڪ موڙ تي بيهاري سگهن ٿا، جتان واپسي آسان نه هوندي. ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڪيترن ئي سالن کان ڇڪتاڻ جاري آهي جيڪڏهن اها ڇڪتاڻ مڪمل جنگ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي ته وچ اوڀر جو امن سخت متاثر ٿيندو ۽ ٻين ملڪن جي مداخلت جو خطرو پڻ وڌي سگهي ٿو هن جنگ جو سڀ کان وڏو اثر تيل ۽ گئس جي علمي مارڪيٽ تي پئجي سگهي ٿو وچ اوڀر دنيا جي توانائيءَ جي فراهميءَ لاءِ انتهائي اهم علائقو آهي جيڪڏهن جنگ سبب تيل جي فراهمي متاثر ٿئي ٿي ته علمي مارڪيٽ ۾ تيل جون قيمتون تيزيءَ سان وڌي سگهن ٿيون ان جو سڌو اثر عام ماڻهوءَ جي زندگي تي پوندو پيٽرول بجلي کاڌي پيتي جي شين ۽ اچ وڃ جا خرچ وڌي سگهن ٿا يورپ ۽ ايشيا جي معيشت به اهڙي بحران کان محفوظ نه رهندي واپار، سامونڊي رستا ۽ علمي سپلاءِ چين متاثر ٿيڻ سان مهانگائيءَ ۾ واڌ ٿيندي ان کان علاوه اهي ترقي پذير ملڪ، جيڪي اڳ ئي معاشي دٻاءُ هيٺ آهن، انهن لاءِ صورتحال وڌيڪ ڏکي ٿي سگهي ٿي ٻئي طرف جنگ جيڪڏهن ڊگهي ٿي وڃي ته اها وچ اوڀر جي ٻين ملڪن کي به پنهنجي لپيٽ ۾ وٺي سگهي ٿي مختلف گروپ ۽ هٿياربند گروهه پنهنجي پنهنجي مفادن تحت ميدان ۾ اچي سگهن ٿا اهڙي صورتحال ۾ هڪ محدود جنگ وڏي علائقائي جنگ جو روپ اختيار ڪري سگهي ٿي هن بحران جو هڪ اهم پاسو علمي سياست پڻ آهي آمريڪا جا اتحادي ملڪ پنهنجي حڪمتِ عملي اختيار ڪندا، جڏهن ته روس ۽ چين جهڙيون وڏيون طاقتون به پنهنجي مفادن مطابق ردعمل ڏئي سگهن ٿيون نتيجي ۾ دنيا هڪ ڀيرو ٻيهر طاقت جي ٻن يا وڌيڪ وڏن ڌرين ۾ ورهائجڻ طرف وڃي سگهي ٿي پاڪستان لاءِ به اهڙي جنگ جا اثر انتهائي اهم هوندا وچ اوڀر سان پاڪستان جا معاشي سفارتي ۽ عوامي لاڳاپا گهرا آهن تيل جي قيمتن ۾ واڌ، ٻاهرين ملڪن ۾ ڪم ڪندڙ پاڪستانين جي صورتحال ۽ خطي ۾ وڌندڙ سلامتيءَ جا مسئلا پاڪستان جي معيشت ۽ پرڏيهي پاليسي ٻنهي لاءِ چئلينج پيدا ڪري سگهن ٿا. اصل سوال اهو آهي ته ڇا دنيا هڪ ٻي وڏي جنگ جو بار برداشت ڪري سگهي ٿي؟ جو ته جديد دور ۾ جنگ صرف ميزائلن ۽ بمن سان ناهي وڙهي ويندي پر ان جا اثر معيشت، توانائي، سائبر اسپيس، واپار ۽ عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ تائين پهچندا آهن.

سنڌ ۾ روڊن جي تعمير، سهولت بدران عذاب ڇو؟

نور سنڌي

سنڌ ۾ ڪافي وقت کان گهرن، دڪانن ۽ مارڪيٽن جي سطح کان مٿي ٺهندڙ روڊ عوام لاءِ عذاب بڻيل آهن. جنهن سبب خلقِ خدا جو وڏو نقصان ٿيندو رهي ٿو سرندي وارا ته پنهنجا گهر، دڪان ۽ مارڪيٽون مٿي ڪرائي وٺن ٿا پر اهي غريب ماڻهو، جيڪي الائي ڪهڙين حالتن ۾ پيٽ تي پٿر رکي گهر ۽ دڪان ٺهرائين ٿا، جڏهن بنا مناسب منصوبابنديءَ جي شهرن ۾ روڊ ۽ رستا وري ٺهڻ شروع ٿين ٿا ته سندن گهر ۽ دڪان روڊن کان هيٺ ٿي وڃن ٿا. پوءِ سندن هٿ مٿي تي اچي وڃن ٿا. ڇاڪاڻ ته سندن مالي حيثيت اهڙي نه هوندي آهي جو فوري طور لکين رپيا خرچ ڪري پنهنجا گهر دڪان ۽ داخلا ٻيهر مٿي ڪرائي سگهن. برساتن ۾ اهڙا گهر دڪان ۽ مارڪيٽون پاڻيءَ ۾ ٻڏيو وڃن ۽ ماڻهن کي وڏو نقصان برداشت ڪرڻو پوي ٿو.

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ روڊ، رستا ۽ گهٽيون ڪيترائي ڀيرا ٻيهر ٺهندا رهن ٿا پر ڪجهه سالن کان پوءِ وري مرمت يا نئين سِر تعمير جي ضرورت پئجي وڃي ٿي ڪٿي ڪٿي جڏهن پراڻن روڊن ۽ گهٽين جي کوٽائي ٿئي ٿي ته پراڻين روڊن جون ڪيترين ٿي تهن جا نشان نظر اچن ٿا. شهرن ۾ هزارين اهڙا گهر ۽ دڪان آهن جيڪي روڊن کان هيٺ آهن. برسات پوي ٿي ته جيڪو پاڻي اڳ روڊ تان وهي نڪري ويندو هو اهو هاڻي گهرن جي دروازن تائين اچي بيهي ٿو ۽ آخرڪار اندر داخل ٿي وڃي ٿو. دڪاندار به ان تڪليف کان بچيل ناهن. دڪانن جون داخلا هيٺ ٿي وڃڻ سان ڪاروبار متاثر ٿئي ٿو. سوال اهو اهم آهي ته روڊ جي سطح آخر ڪهڙي بنياد تي مقرر ٿئي ٿي؟ جيڪڏهن روڊ عوام جي سهولت لاءِ آهي ته ان جي تعمير کان اڳ اهو جائزو ڇو نه ورتو وڃي ته روڊ مڪمل ٿيڻ کان پوءِ پرپاسي جا گهر دڪان ۽ گهٽيون ڪهڙي سطح تي رهندا؟ برسات جو پاڻي ڪهڙي طرف ويندو؟ ناليون ۽ گٽر ڪهڙي سطح تي هوندا؟ ۽ جيڪڏهن روڊ مٿي ڪيو ويو ته هيٺ رهجي ويندڙ آبادي لاءِ پاڻيءَ جي نيڪال جو بندوبست ڇا هوندو؟

دنيا ۾ روڊ جي سطح لاءِ ڪو هڪ مقرر عالمي فارمولو ناهي پر آباد علائقن ۾ بنيادي فني اصول واضح آهن. ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ موجوده سطح ماپي وڃي ٿي. پرپاسي جي گهرن، دڪانن ۽ گهٽين جي سطح ڏٺي وڃي ٿي، زمين جي ڍلان ۽ پاڻي جي وهڪري جو جائزو ورتو وڃي ٿو پوءِ نئين روڊ جي سطح مقرر ڪئي وڃي ٿي. اسان جي ملڪ، خاص طور تي سنڌ ۾ روڊ ٺاهڻ وقت اهڙي فني رٿابندي ۽ پرپاسي جي آباديءَ جي سطح کي ڪيتري اهميت ڏني وڃي ٿي؟ روڊ ۽ پاڻيءَ جي نيڪال کي الڳ الڳ ڪم سمجهڻ بدران هڪ ئي منصوبي جو حصو بڻائڻ ضروري آهي. جيڪڏهن روڊ مٿي ڪيو وڃي ۽ ناليون، گٽرن ۽ برساتي پاڻيءَ جي وهڪري کي ساڳئي حساب سان ترتيب نه ڏنو وڃي ته پاڻي هيٺين سطح ڏانهن ويندو، جيڪا ڪيترن هنڌن تي گهر، دڪان، ڪلينڪ، هوٽل، مارڪيٽ يا گهٽي هوندي آهي. گذريل ڪجهه سالن کان سنڌ ۾ برساتي ٻوڏن کان پوءِ ڪيترن هنڌن تي روڊن کي پاڻيءَ کان بچائڻ لاءِ سطح وڌائڻ جي ضرورت محسوس ٿي پر روڊ بچائڻ سان گڏ پرپاسي جي ماڻهن جا گهر ۽ ڪاروبار به محفوظ رکڻ ضروري آهي. روڊ مٿي ڪرڻ سان جيڪڏهن ماڻهن جون ملڪيتون هيٺ رهجي وڃن ۽ پاڻي انهن ڏانهن موٽڻ لڳي ته اهڙي تعمير جو مقصد ئي متاثر ٿي وڃي ٿو. اسان سنڌ جي ساجاهه وندن پاران سنڌ حڪومت جو ڌيان هن اهم مسئلي ڏانهن ڇڪائيندي مطالبو ٿا ڪريون ته شهرن توڙي ڳوٺن ۾ روڊ ناهڻ يا ان جي سطح وڌائڻ کان اڳ گهرن، دڪانن ۽ گهٽين جي موجوده سطح جي لازمي ماپ ڪئي وڃي. هر منصوبي ۾ موجوده روڊ جي سطح ۽ نئين مقرر ڪيل سطح جو واضح رڪارڊ تيار ڪيو وڃي ۽ اهو رڪارڊ عوام جي پهچ ۾ آندو وڃي. روڊ جي ڪم سان گڏ برساتي پاڻيءَ جي نيڪال جو مڪمل منصوبو هجي ۽ ناليون، گٽرن ۽ پاڻيءَ جي وهڪري کي روڊ جي نئين سطح مطابق ترتيب ڏنو وڃي. سول سوسائٽي ۽ متاثرن جو پُرامن احتجاج، گڏيل درخواستون، پريس ڪانفرنسون، عوامي ڪچهريون ۽ قانوني جدوجهد جهڙا رستا موجود آهن. احتجاج جو مقصد روڊن جي تعمير روڪڻ نه پر اهڙي تعمير جو مطالبو هجڻ گهرجي، جنهن سان ماڻهن جي ملڪيت، روزگار ۽ رهائش متاثر نه ٿئي. چونڊيل نمائندن لاءِ اصل سوال اهو آهي ته هو پنهنجي تڪ جي شهرن ۾ ڪيترا روڊ ۽ گهٽيون نهڻ تي فخر ڪندا يا اهو به پڇندا ته انهن روڊن سبب ڪيترا ماڻهو متاثر ٿيا؟ سندن ذميواري رڳو اسڪيم منظور ڪرائڻ تائين محدود ناهي. عوام جي پئسن سان ٿيندڙ ڪم جي معيار ۽ ماڻهن تي پوندڙ اثر بابت سوال ڪرڻ به سندن فرض آهي.

ترقيءَ جو مطلب اهو ناهي ته سرڪاري ڪاغذن ۾ روڊ مڪمل لکجي وڃي ۽ زمين تي ڪنهن جو گهر پاڻيءَ ۾ ٻيٺل هجي، روڊ اهڙو هجي، جنهن سان سفر آسان ٿئي، دڪان جو ڪاروبار هلي، ڪلينڪ تائين مريض پهچي سگهن ۽ برساتي پاڻي گهرن ۽ ڪاروباري هنڌن لاءِ مصيبت نه بڻجي. روڊ مٿي ڪرڻ شايد هڪ فني ڪم هجي پر ڪنهن جي گهر ۾ داخل ٿيل برساتي پاڻيءَ سان ٿيل نقصان، دڪان جي بند ٿيل داخلا، خراب ٿيل سامان ۽ سالن جي محنت سان ٺهيل ملڪيت جو نقصان رڳو فني انگن اکرن سان ماپي نٿو سگهجي. ان جي پويان ڪنهن خاندان جي زندگي، ڪنهن دڪاندار جو روزگار ۽ ڪنهن بيمار ماڻهوءَ جي علاج تائين پهچ جو سوال هوندو آهي تنهنڪري هاڻي سنڌ ۾ هر روڊ منصوبي کان اڳ هڪ سوال جو جواب لازمي هجڻ گهرجي ته اهو روڊ نهڻ ڪانپوءِ پاڻي ڪيڏانهن ويندو ۽ پرپاسي جا ماڻهو ڪهڙي سطح تي رهندا؟ جيڪڏهن ان سوال جو جواب منصوبي ۾ موجود ناهي ته پوءِ اهو منصوبو اڌورو آهي. سنڌ کي ترقي گهرجي پر اهڙي ترقي جيڪا ماڻهن جي زندگي آسان ڪري نه ڪي اهڙي ترقي جيڪا خلقِ خدا کي تڪليف پهچائي.

اڄوڪو ڏينهن ---- 13 سيپٽمبر

جمشيد بومن هومي واڊيا

جمشيد بومن هومي واڊيا فلمن جو مشهور پروڊيوسر، ڊائريڪٽر ۽ اسڪرين رائيٽر هو هن جو جنم 13 سيپٽمبر 1901ع تي سورت گجرات جي هڪ شاهوڪار پارسي خاندان ۾ ٿيو هن ”واڊيا مووي ٽيون اسٽوڊيو“ نالي هڪ فلم ڪمپني قائم ڪري ڪيترين ئي فلمون ناهيون هن شروع ۾ خاموش فلمون ناهيون سنڌس پهرين خاموش فلم ”وسنت ليلي“ 1928ع ۾ رليز ٿي ان بعد 11 ٻيون خاموش فلمون ناهيون 1933ع ۾ سنڌس ڪمپنيءَ پاران ڳالهائيندڙ پهرين فلم ”لعل يمن“ رليز ٿي هن جي ئي هدايتڪاريءَ ۾ تيار ٿيل ڪنڌ جي پهرين سنڌي فلم ”ايڪتا“ هئي جنهن جو هيرو ۽ سيڙپڪار رئيس ڪريم بخش نظاماڻي هو انهيءَ فلم ۾ ڪوشليا هيروئن جو ڪردار ادا ڪيو جيڪا مشهور ڊانسر لڇو مهاراج جي ڌيءُ هئي جمشيد واڊيا جي ناهيل فلمن جو تعداد 30 کان وڌيڪ آهي هن فلمن سان گڏ ڪيترين ئي ڊاڪيومينٽريز ناهيون، موسيقيءَ لاءِ به ڪافي ڪم ڪيو ۽ ڪيترائي موسيقيءَ جا پروگرام منعقد ڪري نوان ڳائڻا ۽ موسيقار متعارف ڪرايا. فلمن سان گڏ سياسي ۽ سماجي سرگرمين ۾ به چڱو ڀرو ورتائين هندن ۾ ذات پات جو فرق متائڻ ۽ تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ ڪوششون ورتائين ۽ هندستان کي انگريزن جي غلاميءَ مان آزاد ڪرائڻ واري جدوجهد ۾ به حصو ورتائين هن 4 جنوري 1986ع تي وفات ڪئي

محمد هاشم گهانگهرو

اڄوڪو ڏينهن اسان کي ڪامريڊ محمد هاشم گهانگهري جي ياد ڏياري ٿو اڄ سنڌس سالگره جو ڏينهن آهي هن انمول انسان 13 سيپٽمبر 1908ع تي ضلعي نوشهري فيروز جي شهر محراب پور ويجهو ڳوٺ محمد چنڊ ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو هن ڪراچيءَ ۾ مدرسي مظهرالعلوم مان تعليم حاصل ڪئي انهيءَ مدرسي ۾ سنڌس صحبت مولانا محمد صادق کڏي واري ۽ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جهڙن مدبر اڳواڻن سان رهي انهن عظيم اڳواڻن جي قربت ڪيس وطن جي محبت ۽ آزاديءَ جي امنگ سان مالامال ڪري ڇڏيو. تعليم پوري ڪرڻ ڪانپوءِ هن ساڳئي ئي مدرسي ۾ پڙهائڻ شروع ڪيو. ساڳئي وقت هن ”ماهوار اصلاح“ جي سب ايڊيٽر ۽ ”هفتيوار الاصلاح اخبار“ جي ايڊيٽر طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. ڳوٺ ۾ هن هارين جي حقن جي بحاليءَ ۽ پنهنجي علائقي جي ڏتڙيل عوام جي ڀلائيءَ لاءِ ٻي مثال جدوجهد جو آغاز ڪيو. انهيءَ جدوجهد دوران هن کي پنهنجي بهادر نياڻين حميده ۽ زاهده گهانگهرو سان گڏ قيد ۽ بند جون تڪليفون به برداشت ڪرڻيون پيون. بعد ۾ سنڌس نياڻيءَ حميده جي شادي شهيد نذير عباسيءَ سان ٿي محمد هاشم گهانگهري 15 مئي 1993 تي پنهنجي ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ وارن کان هميشه لاءِ موڪلايو.

سيد قائم علي شاهه

اڄ سنڌ جي سينيئر سياستدان سيد قائم علي شاهه جي سالگره جو ڏينهن آهي هن 13 سيپٽمبر 1933ع تي خيرپور ميرس ۾ سيد رمضان علي شاهه جيلانيءَ جي گهر پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو پاڻ خيرپور ميرس جي مشهور ناز هاءِ اسڪول مان ابتدائي تعليم حاصل ڪئي ان بعد ڪراچي يونيورسٽيءَ مان بي اي ۽ ايس ايم لا ڪاليج ڪراچيءَ مان قانون جي سند حاصل ڪيائين سيد قائم علي شاهه پنهنجو سياسي سفر 1960ع واري ڏهاڪي ۾ خيرپور جي ضلعي ڪائونسل جي چيئرمين طور ڪيو 1967ع ۾ پاڪستان پيپلزپارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪيائين ۽ اڄ ڏينهن تائين انهيءَ پارٽيءَ سان سنڌس ساٿ هلندو ٿو اچي سيد قائم علي شاهه 1970ع وارين چونڊن ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو شهيد ذوالفقار علي ڀٽي ڪيس صنعتن ۽ ڪشمير جي معاملن جي وفاقي وزير جو قلمدان سونپيو ويو جنرل ضياءَ الحق واري مارشل لا دوران ڪيترائي وڏا سياستدان پيپلزپارٽيءَ جو ساٿ ڇڏي ويا اهڙي نازڪ دور ۾ سيد قائم علي شاهه پارٽيءَ سان وفاداريءَ جو ثبوت ڏيندي قيد ۽ بند جون سختيون برداشت ڪيون هن ايم آر ڊي واري تحريڪ ۾ به ڀرپور حصو ورتو جنرل ضياءَ جي موت کان پوءِ هن پيپلزپارٽي سنڌ جي صدر طور ذميداريون سنڀاليون هن ٽي ڀيرا سنڌ جي وڏي وزير جو عهدو ماڻڻ جو اعزاز حاصل ڪيو سنڌس دور ۾ سنڌ ۾ خاص طور تي خيرپور ۾ ڪيترائي ترقياتي ڪم ٿيا اسين سنڌ جي هن سينيئر سياستدان کي سنڌس سالگره جي موقعي تي مبارڪباد پيش ڪريون ٿا.

شمس الدين بلبل

رئيس شمس الدين بلبل سنڌ جو نامور شاعر، نثر نويس صحافي ۽ مزاح نگار هو هن جو جنم 1857ع ڌاري دادو ضلعي جي مشهور شهر ميهڙ ۾ ٿيو سنڌس اباڻا اصل ۾ بلوچستان جي پاڳنارائيءَ واري علائقي جا رهواسي هئا. ان وقت جي دستور مطابق عربي فارسي سنڌي ۽ اردوءَ جي تعليم حاصل ڪيائين 1872ع ۾ آبڪاري کاتي ۾ داروغو مقرر ٿيو پر ڪجهه عرصي کان پوءِ انهيءَ نوڪريءَ تان استعيفا ڏئي ڇڏيائين هن مرحوم حسن علي آفنديءَ سان گڏ سنڌ جي مسلمانن ۾ تعليمي سجاڳي پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هن طنز ۽ مزاح جي انداز ۾ ڪيترائي اهم اصلاحي مضمون لکيا، جيڪي پڙهندڙن ۾ تمام گهڻو مقبول ٿيا هن سنڌيءَ کان علاوه فارسيءَ ۽ اردوءَ ۾ به شاندار ليک لکيا. سنڌس نثر ۽ نظم جي ڪتابن جو تعداد لڳ ڀڳ 27 آهي سنڌس زندگيءَ ۽ ادبي ۽ صحافتي ڪارنامن تي شمس ابن ضياءَ ابن بلبل هڪ ڪتاب ترتيب ڏئي ڇپرايو آهي جنهن جو عنوان آهي ”محسن قوم، شمس العلماءُ ملڪ الشعراءُ سنڌ رئيس شمس الدين بلبل“ سنڌ جي هن وهائو تاري 13 سيپٽمبر 1919ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

سيد خادم حسين شاهه

هن نامور ليکڪ ۽ سماج سڌارڪ جو جنم 11 جنوري 1932ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ ٿيو پهرين ڪلاس کان ٻارهين ڪلاس تائين تعليم لاڙڪاڻي مان حاصل ڪيائين ان بعد بي اي ۽ ايم اي (سنڌي) جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين هن پنهنجي سياسي سرگرمين جي شروعات خاڪسار تحريڪ سان ڪئي اڳتي هلي مسلم ليگ جو سرگرم ڪارڪن رهيو 1968ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو ۽ عمر جي آخري حصي تائين انهيءَ پارٽيءَ سان وابسته رهيو. 1973ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ پاڪستان نيشنل سينٽر جو ريزيڊنٽ ڊائريڪٽر مقرر ٿيو اڳتي هلي سنڌي ادبي اڪيڊميءَ جي ڊائريڪٽر جنرل طور خدمتون سرانجام ڏنائين پاڻ ”سنڌي ادبي سنگت“ ۽ ”سچل جي سنگت“ تنظيم جو سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار پڻ رهيو هن ”سوانح اصغر“ ۽ ”ديوان اصغر“ نالي سان ٻه ڪتاب لکيا. سيد خادم حسين شاهه 13 سيپٽمبر 1982ع ۾ وفات ڪئي

حڪيم محمد احسن

حڪيم محمد احسن پاڪستان ٺهڻ وقت ڪراچيءَ جو ميئر هو هو حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ جو فرزند هو هو 1918ع ڌاري ڄائو هن بمبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ان کان پوءِ دهليءَ جي مشهور يوناني طبيه ڪاليج مان 1940ع ۾ طب جي سند حاصل ڪيائين ڪجهه عرصو دهليءَ جي جامعه مليه ۾ پڻ پڙهيو 09 مئي 1947ع تي ڪراچيءَ جو ميئر مقرر ٿيو پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ جڏهن قائداعظم محمد علي جناح ۽ سنڌس ڀيڻ محترمه فاطمه جناح ڪراچيءَ پهتا ته هن هوائي اڏي تي ڪراچيءَ جي ميئر طور سندن آڌرڀاءُ ڪيو ۽ سندن مان ۾ آجياڻو ڏنو هو 25 مئي 1948ع تائين ڪراچيءَ جو ميئر رهيو ان بعد عراق، افغانستان، نائجيريا، يوگو سلاويه، يونان، قطر، مسقط ۽ بحرين ۾ پاڪستان جي سفير طور خدمتون سرانجام ڏنائين هوچئن سالن تائين گڏيل قومن ۾ پاڪستان جو نمائندو پڻ رهيو ان کان علاوه 1966ع ۾ ”ڪامن ويلٿ پرائم منسٽرز ڪانفرنس“ ۾ پاڪستان جي وفد جي اڳواڻي ڪيائين حڪيم محمد احسن 1941ع کان 1947ع تائين سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ (هاڻوڪي سنڌي ادبي بورڊ) جو ميمبر پڻ رهيو هن 13 سيپٽمبر 1994ع تي هي جهان ڇڏيو

محمد موسيٰ مشڪور سومرو

محمد موسيٰ مشڪور سومرو لاڙ جو مشهور شاعر هو هن جو جنم حيدرآباد ضلعي جي ڳوٺ دوآبو ۾ ٿيو هن فقط چار درجا سنڌيءَ جا پڙهيا، قرآن شريف ۽ ٿوري گهڻي فارسي به پڙهيائين اڃا ننڍڙو ٻار هو جو سنڌس والد محمد يوسف سومري هي جهان ڇڏيو ان ڪري تنديڻ انتهائي غربت ۾ گذاريائين 1940ع ڌاري حج جي به سعادت حاصل ڪيائين شاديءَ کان پوءِ ڏٽي شهر ويجهو رتا ڳوٺ ۾ مستقل رهائش اختيار ڪيائين ڏٽي جي ادبي محفلن ۾ اٿ ويهه سبب هن شاعري ڪرڻ شروع ڪئي سنڌس شاعريءَ ۾ حمد، نعتون، ڪافيون، بيت ۽ غزل وغيره شامل آهن شاعريءَ ۾ استاد يوسف ٻگهي ۽ مولوي عثمان پروان کان اصلاح وٺندو هو هن مزاحيه ۽ واقعاتي شاعري پڻ ڪئي آهي 1983ع ۾ بلدياتي چونڊن ۾ سوپ ماڻي يونين ڪائونسل ڪانڌڙا جو ميمبر چونڊيو ويو هن پنهنجي چونڊ مهم پنهنجي شاعريءَ وسيلي هلائي سنڌس شاعريءَ جو قلمي نسخو تليواڙي اديب يوسف سنڌيءَ وٽ محفوظ آهي محمد موسيٰ مشڪور سومري 13 سيپٽمبر 1994ع ۾ وفات ڪئي

مختيار انڙ

محمد بخش سميجو

اڄ پاڪستان ٽيليويزن (پي ٽي وي) جي مشهور پروڊيوسر محمد بخش سميجي جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن دادو ضلعي جي ڳوٺ ٽڙيءَ ۾ فقير محمد سميجي جي گهر ۾ 5 فيبروري 1946ع تي پنهنجي زندگيءَ جي سفر جي شروعات ڪئي هن ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيون ۽ عملي زندگيءَ جي ابتدا اسڪول جي استاد طور ڪئي ڪجهه عرصو وڪالت پڻ ڪيائين 1975ع ۾ پاڪستان ٽيليويزن تي اسسٽنٽ پروڊيوسر مقرر ٿيو اڳتي هلي پروڊيوسر جو عهدو ماڻيائين هن ٽيليويزن تي هزار کان به وڌيڪ ڊراما پيش ڪيا، ان کان علاوه موسيقيءَ حالاتِ حاضره ۽ ٻين موضوعن تي به يادگار پروگرام پيش ڪيائين هن 13 سيپٽمبر 2004ع تي پنهنجي حياتيءَ جو سفر پورو ڪيو.

دادي ليلاوتي هرچنداڻي

دادي ليلاوتي هرچنداڻي مشهور تعليمدان، سماج سڌارڪ ۽ موسيقيءَ جي ڄاڻو هئي ڪيس سنڌ جي پهرين عورت موسيقار مڃيو وڃي ٿو هن 20 ڊسمبر 1916ع تي هوتچند واڌواڻيءَ جي گهر ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو هن ٽلڪ چاڙهي حيدرآباد جي گلي ٻلي اسڪول مان سنڌي فائنل تائين تعليم حاصل ڪئي بعد ۾ نورمحمد هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين هن 1940ع ۾ ڊي جي نيشنل ڪاليج (هاڻوڪي گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي) مان بي اي جي سند حاصل ڪئي اڳتي هلي ڪراچيءَ مان بي ٽي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي جي سند حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ موسيقيءَ جي استاد طور ڪيائين پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ موسيقيءَ سان گڏ بيا مضمون به پڙهائڻ شروع ڪيائين هن گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميرپور خاص ۾ هيڊماسترياڻيءَ طور ۽ ميران اسڪول حيدرآباد جي پرنسپال طور ڪم ڪيو اڳتي هلي ڊپٽي انسپيڪٽريس آف اسڪولس انسپيڪٽريس آف اسڪولس ۽ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر جهڙن عهدن تي ڪم ڪيائين هن سنڌي نياڻين کي شاهه سچل سامي ۽ ٻين صوفي شاعرن جا ڪلام ڳائڻ جي تربيت ڏني ۽ منجهن صوفي شاعريءَ کي سمجهڻ جي سڄاڻ پيدا ڪئي هوءَ هڪ محنتي استاد ۽ آفيسر طور مشهور هئي 1975ع ۾ رٽائر ٿيڻ ڪانپوءِ هن يونيسيف ۽ بيورو آف ڪريڪيولم جي سهڪار سان سنڌ جي ٻهراڙين ۾ سوين ڪميونٽي سينٽر قائم ڪيا، سنڌ جي هن مهان شخصيت 13 سيپٽمبر 2017ع تي هي جهان ڇڏيو.

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ سول/فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 139 سال 2026
مسمات رابعه ڌيءُ دلشير مگنهار رهاڪو نگر خان چانديو تعلقو سڪرنڊ..پلينٽف. بخلاف.. دلشير ولد هادي بخش مگنهار رهاڪو ڳوٺ شالماني نزد ٻائي پاس اسٽاپ تعلقو مانجهند ضلعو جامشورو 03453177534 ...ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 15-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاه
(روبرو جناب عاشق علي)
فيملي سوٽ نمبر 96 سال 2026
مسمات عائشه ڌيءُ محمد ڪليم رحيم ذات آرائين وينل رحمت الله آرائين تعلقو ڪي اين شاه..پلينٽف. بخلاف.. اسد علي ولد محمد اختر آرائين وينل خانزاده ڪالوني ڪوٽڙي ضلعو جامشورو ...ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ ڏنل ڏاج جي واپسي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 15-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاه

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊو الهيار
فيملي سوٽ نمبر 104 سال 2026
مسمات انعم ڌيءُ رجب علي رهاڪو گهر نمبر 34 شهباز ڪالوني ٽنڊو الهيار ..پلينٽف.. بخلاف.. سهيل ولد رمضان رهاڪو پناڻ ڪالوني مسڻ روڊ تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار ...ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 14-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا
سول رويزن سوٽ نمبر 17 سال 2026
(1) محمد صالح ولد چنو ذات ملوڪاڻي (2) شريت ولدسلطان ذات مگسي رهندڙ پير محلا پٽ شاه ضلعو مٽياري ..ايپليڪينٽ. بخلاف.. مسمات آمنه بيواه الله ڏنو معرفت قانوني وارث (اي) جلال الدين ولد الله ڏنو بگهيو (بي) نور محمد ولد الله ڏنو بگهيو رهندڙ بگهيو محلا پٽ شاه ضلعو مٽياري ...ريسپونڊنٽس
.مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سول رويزن درخواست زير قلم 115 سي پي سي تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 23-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سينئر سول جج 5th حيدرآباد
(روبرو جناب عبدالغفار آرائين)
فرسٽ ڪلاس سوٽ نمبر 418 سال 2026
حڪيم جتوئي ولد ملو جتوئي..پلينٽف. بخلاف.. (1) اشرف جويجو (2) جاويد جويجو ٻئي پٽ حاجي خان رهندڙ گهر نمبر 67 لب مهراڻ هائوسنگ سوسائٽي قاسم آباد حيدرآباد (3) مختيارڪار روينيو تعلقو قاسم آباد (4) اي سي قاسم آباد (5) سب رجسٽرار حيدرآباد (6) ڊي سي حيدرآباد ...ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فار ڊڪلريشن ڪينسليشن پزيشن ميسني پراڻت اينڊ پرمننٽ انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 19-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سينئر سول جج 5th حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سينئر سول جج 5th حيدرآباد
ايف سي سوٽ نمبر 1462 سال 2024
مولا بخش ولد لال بخش معرفت قانوني وارث (اي) مسمات صبا زال قمبر علي (بي) مسمات نوري (سي) مسمات Sathi زال مير خان (ڊي) مسمات سپاڳي زال لال بخش (اي) مسمات زرينا سب ڌيئرون مولا بخش ذات چلگڙي بلوچ رهندڙ ڳوٺ الله بچايو ٻي ۽ مسو پرگڙي تعلقو حيدرآباد ضلعو حيدرآباد. پلينٽف.بخلاف.. (1) آچر ولد لال بخش چلگڙي معرفت قانوني وارث (اي) سردار (بي) لال بخش (سي) مولا بخش (ڊي) مسمات سخي سب ڌيءُ پٽ آچر (2) صغير احمد ولد رفيق احمد معرفت قانوني وارث (اي) فرخ حبيب (بي) مسمات ارشاد (سي) دانش حبيب (ڊي) خرم حبيب (اي) مسمات نورين ڪامران (ايف) مسمات Fizza Seep سب پٽ ڌيئرون صغير احمد رهندڙ گهر نمبر 1/20 با غ پلاٽ شاه فيصل ڪالوني ڪراچي (3) علي گوهر ولد عبدالقيوم مزاري رهندڙ گهر نمبر 23/1.31 خيابان شمشير ڊي ايچ اي فيز 5 ڪراچي (4) ماستر پانڌهي خان ولد لونگ خان ڪلهوڙو (5) محمد بخش ولد بخش (6) مبين خان ولد ليمون خان (7) انور ولد عبدالڪريم (8) محمد رياض ولد محمد ڪلهوڙو (9) رشيد ولد محمد ڪلهوڙو رهندڙ ڳوٺ يار محمد ڪلهوڙو يو سي بارچاڻي تعلقو ضلعو حيدرآباد (10) اي سي تعلقو حيدرآباد (11) مختيارڪار روينيو تعلقو حيدرآباد (12) سب رجسٽرار حيدرآباد (13) سنڌ صوبو معرفت سيڪريٽري روينيو شهباز بلڊنگ حيدرآباد ...ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فار ڊڪلريشن، ڪينسليشن، پارٽيشن ساڻ سيپريٽ پزيشن، ميسني پراڻت اينڊ پرمننٽ انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 19-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سينئر سول جج 5th حيدرآباد

عام اطلاع
هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏجي ٿو ته عرضدار نور محمد ولد محمد متارو اسان کي درخواست ڏني آهي ته هيٺ ذڪر ڪيل فوتين جي سنڌن حصي موجب زرعي زمين سروي نمبر 95/AB ,1/104-4 ,1,2/96 ديهه موري جاگير تپو اي-ٽنڊو حيدر تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جن جا فوتي ڪاٽا سنڌن جائز وارثن ۾ ڪري ڏنا وڃن.فوتي لڪاڻو ولد الهورايو جيڪو مورخ 01.01.1987 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث.الهورايو (پٽ)، مسمات امنت (ڌي)، مسمات زينب (ڌي)، عائشه (ڌي)، حاڪمان (ڌي). فوتي احمد ولد الهورايو جيڪو مورخ 01.01.1985 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث.محمد عمر (پٽ)، فتح خاتون (ڌي)، جنت زال الهورايو (ڌي). فوتي فتح خاتون زال متارو جيڪو مورخ 23.08.2022 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث.عبدالرشيد (پٽ)، مير محمد (پٽ)، رضاء محمد (پٽ)، نعمت (ڌي)، رضوانه (ڌي)، مينه (ڌي).فوتي الهورايو ولد لڪاڻو جيڪو مورخ 13.02.2006 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث.جنت (زال)، احمد خان (پٽ)، عزيز الله (پٽ)، محمد نذير (پٽ)، خير النساء (ڌي)، شاميلا (ڌي)، ممتاز (ڌي)، مريم (ڌي)، ذاڪرالنساء (ڌي).فوتي احمد خان ولد الهورايو جيڪو مورخ 01.01.1985 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث.شهربانو (بيواهه)، جنت (ماءُ)، عزيز الله (ڀاءُ)، محمد نذير (ڀاءُ)، خير النساء (ڀيڻ)، شاميلا (ڀيڻ)، ممتاز (ڀيڻ)، مريم (ڀيڻ)، ذاڪرالنساء (ڀيڻ).جن جي نالن تي فوتي ڪاٽا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو به جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاٽا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراڻاڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو.
مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع
اطلاع ٿي ڏجي ته اسان جي يوسي آفيس عبدالله پرگڙي ۾ نالي فاطمه بيواهه عبدالرحيم درخواست ڏني آهي ته مهنجو مڙس بتاريخ27/03/2017 تي وفات ڪري ويو آهي هاڻي مون کي مهنجي مڙس نالي عبدالرحيم جو فوتي سرٽيفڪيٽ گهربل آهي لهذا مون کي فوتي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي ان سلسلي ۾ اگر ڪنهن به شخص کي ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشتهار جي اشاعت کان پوءِ ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض جاڻايل يوسي آفيس ۾ داخل ڪرائي بي صورت ۾ مدو گذرڻ کان پوءِ ڪوبه اعتراض قابل قبول نه ڪيو ويندو ۽ قانون موجب فوتي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو وڃي
.فاطمه بيواهه عبدالرحيم، ديهه 218 ڳوٺ سليمان پرگڙي تعلقو ڪوٽ غلام محمد پرگڙي ضلعو ميرپورخاص شناختي ڪارڊ نمبر 44102.0210467.4

عام اطلاع
جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي علي محمد ولد عبدالڪريم ڪوسو درخواست ڏني آهي ته هن جو پٽي نالي عبدالڪريم ولد جام ڪوسو جيڪو فوت ٿي ويل آهن فوتي کي ديهه بدين تپو بدين تعلقو بدين ۾ سروي نمبر 93 مان بجت اراضي حصي موجب 868 فوٽ پلاٽ حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاٽي لاءِ جلسي عام غريب آباد شهر بدين تعلقو بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري بن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل نالي فوتي عبدالڪريم ولد جام ڪوسو جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 علي محمد پٽ فوتي جو 2 صالح محمد پٽ فوتي جو تفصيل فوتي صالح محمد ولد عبدالڪريم ڪوسو جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 اصغر علي پٽ فوتي جو 2 نور خاتون ڌي فوتي جي 3 آمنا ڌي فوتي جي 4 حاجران ڌي فوتي جي جائز وارث چئيا آهن تنهنڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين جاڻايل وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس م م پيش ڪري بي صورت م معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ م ن ايندو
مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع
هي اعلان عام اطلاع لاءِ ڏنو وڃي ٿو ته مان سيد شرافت علي ولد سيد عنايت علي سروي نمبر 203 بابت N.O.C.اين او سي حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست جمع ڪرائي رهيو آهيان.جاڻايل سروي نمبر 203 جي زمين 33 ايڪڙ ديهه تڪ مڪان تپو ڪلو ڪوهار تعلقو ٿانو بولا خان ضلع جامشورو، جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي جاڻايل يا ان جي ماپ/حدبندي بابت ڪنهن قسم جو اعتراض يا دعويٰ هجي ته هو هي اعلان شايع ٿيڻ جي تاريخ کان ست (7) ڏينهن اندر پنهنجي اعتراض سان گڏ تپيدار سرڪل آفيس / مختيارڪار صاحب جي آفيس سان رابطو ڪري.مقرر مدت گذرڻ کان پوءِ ڪنهن به اعتراض تي قانون موجب غور نه ڪيو ويندو ۽ اين او سي جي ڪارروائي اڳتي وڌائي ويندي
سيد شرافت علي ولد سيد عنايت علي

گمشده ڪاغذات بابت اطلاع
هر خاص و عام کي هن اشتهار ذريعي اطلاع ڏجي ٿو ته منهنجي هونڊا CG-125 ڪارو ڪلر انجڻ نمبر Z-453856 ۽ چيچس نمبر ED-135663 جو سيل ليٽر سيٽا روڊ شهر ۾ ڪنهن جاءِ تي ڪري پيو آهي اگر ڪنهن هٿ لڳي ته هيٺ ڏنل ايڊريس تي ڏياري موڪلي جنهن بابت سيٽا روڊ ٿاڻي تي پڻ داخلا رڪرائي آهي
آصف علي ولد ارشاد علي وينل ڳوٺ مير محمد ڳاڏهي تعلقو ڪي اين شاه شناختي ڪارڊ نمبر 4120386793301
سيل نمبر 03448310732

عام اطلاع
جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي شاهد نصير قريشي ذات قريشي درخواست ڏني آهي ته سندس پاءِ نالي زاهد نصير قريشي تاريخ 08-03-2009 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديهه نمبر ستي سروي وارڊ B تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ نمبر / ستي سروي نمبر 1063 C.S مان حصي موجب اراضي 450 چورس فوٽ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ شهر ڪوٽ غلام محمد ديهه نمبر A-290 ۾ ڪري اتي بن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا آهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) شاهد نصير قريشي پاءِ (2) عابد نصير قريشي پاءِ (3) راشد نصير قريشي (پاءِ) (4) مسمات عرفا حق پيڻ (5) مسمات ادبيا قريشي پيڻ هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته مٿي جاڻايل فوتي جي وارثن ٽوڙي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته انهي اشاعت جي ستن ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري بي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو به اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو
مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽ غلام محمد

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب فيملي جج جامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026
مسمات شازيه سهاڙ..پلينٽف. بخلاف.. غلام حسين ولد غلام ياسين ذات سهاڙ رهندڙ راڄڻ ٿاڻون تعلقو سيهوڻ ضلعو دادو 03283535306 ...ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 14-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فيملي جج جامشورو

بقايا 1 روزاني عبرت
A زيادتي بعد قتل ڪري فرار ٿي ويو جڏهن ته پوليس ذريعن موجب جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي جنهن ڏوهه جو اعتراف پڻ ڪيو آهي پر پوليس سنڌس گرفتاري ظاهر ناهي ڪئي. نينگريءَ جي والد قاسم علي عرف محمد آصف صحافين کي ٻڌايو ته هو جمعي جي نماز ادا ڪرڻ لاءِ پنهنجي نينگريءَ کي ساڻ ڪري پراڻي مرڪز ويا هئا، جتي نماز دوران نينگري گم ٿي وئي، هن ٻڌايو ته نماز کانپوءِ نينگريءَ جي ڳولا شروع ڪئي وئي ۽ بعد ۾ مغرب کان اڳ ڪنهن نينگريءَ جي ملڻ جي اطلاع ڏني وئي، جتي پهچڻ تي نينگريءَ جو لاش مليو. والد موجب لاش جي حالت انتهائي ڳنڀير جوڳي هئي، جنهن واقعي سڄي خاندان کي صدمي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. هن مطالبو ڪيو ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي ملوث جوابدار کي قانون موجب سخت سزا ڏني وڃي.

بقايا 2 روزاني عبرت
آزاد وطن حاصل ڪيو تنهن ڪري ملڪ جي بقا، سلامتي، خودمختياري ۽ ترقي لاءِ سڀني کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.هو پنهنجي رهائشگاهه رسول بخش مري ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي رهيو هو.

بقايا 3 روزاني عبرت
نوجوان حيدرآباد جي رهواسي سالار احمد کان نامعلوم شخص هلندڙ ٽرين مان ان وقت موبائيل هٽ سان کيرائي ڪئي ويو جڏهن هو هٽ ٻاهر ڪيو تڪ ٽوڪ ناهي رهيو هو ايمرجنسي ٽرين بريڪ هڻي جاڻايل شخص ٽرين مان لهي ڀڄڻ ڪري پڪڙڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي پر ناڪام ٿي ويو جاڻايل شخص جو چوڻ هو ته سان ڪراچي کان حيدرآباد وڃي رهيو هئس پنهنجي تصوير ڪڍڻ لاءِ موبائيل دري کان جهلي رکي هئي ته چاڻ موبائيل کهڙي طريقي هٿن مان نڪري ڪري پئي جنهن تي مان پاڻ حيران آهيان موبائيل ڪٽي پچندڙ همراهه کي ڏسندي ئي ايمرجنسي بريڪ هڻي اجان ٽرين مان هيٺ لٿس ته فورو نظرن آڏو غائب ٿي ويو هن چيو ته وس وارا مون کي موبائيل واپس ڏيارين ۽ طرف جاڻايل شخص کي ماڻهن سمجهائي واپس ٽرين ۾ ويهاري ڇڏيو جنهن کان پوءِ ٽرين روانو ٿي وئي.

بقايا 4 روزاني عبرت
وڻي ۽ پوءِ هڪ ڪڏ ۾ ڪري پئي حادثي بعد فوت ٿيل شخص جو لاش ۽ زخمين کي ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو ريسڪيو ذريعن زخمين جي سڃاڻپ 45 سالن جي نياڻي 15 سالن جي راڻي ڌي عبدالغني ۽ 13 سالن جي شانزي طور ڪئي آهي. فوت ٿيل شخص جي عمر لڳ ڀڳ 45 سال لڳي پئي جڏهن ته سنڌس سڃاڻپ فوري طور تي نه ٿي سگهي سائٽ سپر هاءِ وي ٿاڻي جي حد چاڪر هوٽل جي ويجهو روڊ حادثي ۾ 24 سالن جو نوجوان حماد خان پٽ خليل الرحمن فوت ٿي ويو آهي. ڪورنگي ٿاڻي جي حد ڪورنگي نمبر ڏيڍ مڪڪي والي پليان جي ويجهو روڊ حادثي ۾ 60 سالن جي نامعلوم شخص فوت ٿي ويو آهي. ڪارادر ٿاڻي جي حد ڪارادر آيم سلمان مڏائي واري جي ويجهو گودام مان 30 سالن جي نامعلوم شخص جو ڦندو بڌل لاش مليو ايڌي ايمبولينس جي ذريعي لاش سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي.احسن آباد پاڪستان ڪانٽي جي ويجهو زير تعمير ڪمپني ۾ ڪم ڪرڻ جي دوران مٽي ۾ وزني شيءِ لڳڻ جي نتيجي مزدور 30 سالن جو عبدالرحيم فوت ٿي ويو ۽ نديم زخمي ٿي پيو چيپيا ايمبولينس جي ذريعي فوتي جو لاش ۽ زخمي کي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي.اختر ڪالوني ڪلو ڪباڙي جي ويجهو فائرنگ جي نتيجي ۾ 25 سالن جو نوجوان آزان ولد فيصل زخمي ٿي پيو آهي. سائٽ سپر هاءِ وي پاڪستان ڪانٽي جي پيرسان ڳهر مسن ڪيئرائي ڏينهن 57 سالن جي شخص درياب گل ولد وحيد گل جو پراڻو لاش مليو پوليس لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪري واقعي بابت جاچ شروع ڪري ڏني آهي اورنگي ٽائون ٿاڻي جي حد

اورنگي ٽائون گبول ڪالوني جي گهٽي نمبر 9 جي ويجهو خالي گهر مان 30 سالن جي نامعلوم شخص جو لاش مليو.

بقايا 5 روزاني عبرت
جي قرباني سنڌ جي تاريخ ۾ هميشه زنده رهندي هنن چيو ته دولهه دريا خان جي جدوجهد ۽ قرباني سنڌ جي ماڻهن لاءِ هميشه حوصلي ۽ قومي جذبي جو سرچشمو رهندي.

بقايا 6 روزاني عبرت
۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ناريجا برادري جي نيڪ مردن ۽ معززين وڏيرو حسين بخش ناريجو ،حماد الله ناريجو ،ڪامريڊ غلام نبي ،حاجي امداد ،معشوق احمد زاهد علي ناريجو ۽ ٻين چيو ته ضلعي خيرپور ميرس جي تعلقي گمبٽ تعلقي ڪنگري ۽ تعلقي سوبوديرو ۾ اڪثريت ناريجا برادري آهي ۽ ووٽ ڪاسٽ ۾ سڀ کان وڌيڪ ناريجا برادري جو ٿيندو آهي پوءِ ٻه تعلقي گمبٽ ۾ ناجائزي ناريجا برادري سان ڪئي وئي آهي پاڪستان پيپلزپارٽي طرف کي مهينا اڳ حاجي عبداللطيف ناريجو کي گمبٽ سٽي جو صدر چونڊيو ويو هو جيڪو وري ڪن مهينن بعد بنا ڪنهن نوٽيس جي ڪيس گمبٽ سٽي عهدي تان هٽايو ويو آهي جيڪو اسان جي برادري سان ناانصافي آهي هنن پ پ جي جي اعلاءَ قيادت کي اپيل ڪئي ته نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي هنن وڌيڪ چيو ته اسان جو ڀرپور احتجاج يو سي کان شروع ڪيو آهي پوءِ تعلقن کان ضلعي هيڊ ڪوارٽر خيرپور ميرس ان کانپوءِ ڪراچي سميت پوري سنڌ ۾ احتجاج جو سڏ ڏنو ويندو ۽ اهڙا غلط فيصلا پارٽي لاءِ نقصان ڪار ثابت ٿيندا

بقايا 7 روزاني عبرت
خلاف ٿندوآدم بار ايسوسيئيشن پاران بار جي صدر ايڊووڪيٽ عبدالله خٽڪ جي اڳواڻي ۾ سول ڪورٽ کان تعلقه اسپتال تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ ايڊووڪيٽ شيخ جاويد، اشرف علي پنهور، راشد علي خان شيراز علي حاجي ڪوسو سميت ٻين وڪيلن شرڪت ڪئي مظاهرين اسپتال ۾ دوائن طبي ارزان ڊاڪٽرن ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف نعريبازي ڪئي.

بقايا 8 روزاني عبرت
آهن ۽ ان مڪان مختلف ٿاڻن تي 10 ڪيس داخل ٿيل آهن.

بقايا 9 روزاني عبرت
بڌايو ته ٽئي منهنجا پٽ جيڪي صبح جو سوير پڙهي تي وڃي رهيا هئا ته سڪراري لڳ درگاهه ٻڌل شاهه وٽ مٽي ڪڻندڙ ٽريڪٽر ڊرائيور جي غفلت سبب ٽنهي پائرن سان حادثو پيش آيو آهي جيڪي سال جو واپار ڪندا آهن جن جون هڪ هڪ ٽنگون ختم ٿي ريون آهن جن جي تشويشناڪ حالت ۾ نوابشاهه جي اسپتال داخل ڪيو ويو آهي جڏهن ته جاءِ واردات تان ٽريڪٽر ڊرائيور فرار ٿي ويو آهي ۽ ٽريڪٽر ٽرالي جي هن وقت تائين خبر نه پئجي سگهي آهي.

بقايا 10 روزاني عبرت
تي نوابشاهه ۾ جئي سنڌ رهبر ڪاميٽي جي ڊپٽي ڪنوينر وحدت سنڌ مارچ ۾ شرڪت لاءِ ڪوٺايل هڪ ميڙاڪي کي خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته سنڌ پاڪستان کي ڏاهيو ۾ سنڌ جا وسيلا پنجاب استعمال ڪري رهيو آهي هن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ پيدا ٿيندڙ ڏخيرا جن ۾ ڪوئلو بجلي گئس ۽ تيل شامل آهن، پنجاب جي صنعتي علائقن کي فراهم ڪيا وڃن ٿا، جڏهن ته سنڌ جا ماڻهو اڄ به انهن ئي وسيلن کان محروم آهن.ان موقعي تي پنهل ساريو ، شاڙ خادم ، امداد ڪليري ، اياز راڄپر ، حبدار ميرمحمد عمر الدين اڄڻ ساٿس گڏ هيا

بقايا 11 روزاني عبرت
مير عابد خان سندراڻي جي سوٽ مير شمشاد خان سندراڻي جي اڳواڻي ۾ ميڙ منٽ قافلو ٻنهي ڌرين وٽ پهتي جتي امن ۽ پائيچاري لاءِ ڳالهين جو سلسلو جاري رکيو ويوڪوٽ پل ۾ ڪارنهن جي معاملي تان شاراڻي ۽ خوشالاڻي برادرين وچ ۾ هلندڙ تڪرار بابت ٻنهي ڌرين ميڙ منٽ قافلي جي معزز ماڻهن کي مان ڏيندي جلد فيصلو ڪرڻ لاءِ رضامندي ظاهر ڪئي.ميڙ منٽ قافلي ۾ علائقي جي مختلف برادرين جي چڱن مڙسن معززن ۽ اڳواڻن شرڪت ڪئي ٻنهي ڌرين آيل مهمانن کي مان ڏيندي تڪرار جي خاتمي ۽ جلد فيصلو ڪرڻ تي اتفاق ڪيوايم اين اي سيد جاويد علي شاهه جيلاني چيو ته علائقي ۾ امن قائم رکڻ ۽ وڌيڪ جاني نقصان کان بچائڻ لاءِ سڀني ڌرين کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي سردار مير عابد خان سندراڻي سميت امن لاءِ ڪوشش ڪندڙ سمورن چڱن مڙسن جا ٿورائتا آهيون جن امن امان جي بحالي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيوسيد جاويد علي شاهه جيلاني وڌيڪ چيو ته ٻنهي ڌرين جي رضامندي سان جلد فيصلو ٿيڻ سان علائقي ۾ امن امان بحال ٿيندو ۽ وڌيڪ جانيون ضايع ٿيڻ کان بچي وينديون

بقايا 12 روزاني عبرت
ڪاليج جي انتظاميه ريسڪيو 1122 جي ٽيم کي اهڙو اطلاع ڏنو جنهن تي ريسڪيو جي ٽيم پهچي ضروري ارڙان سان سڙي زخمي ٿيل خانگي مستري کي لاهي ايمبولينس ذريعي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ ڪٺائي لاڙڪاڻو ٽراما سينٽر منتقل ڪري ڇڏيو جتي ڊاڪٽرن سنڌس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي واقعي بابت اسٽيوڊا لاڙڪاڻو جي ريجنل ڊائريڪٽر مريد حسين ڪڪراڻي رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته خانگي بجلي جو مستري گلفام ابڙو ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿيو آهي جنهن معاملي جي جاچ ڪئي پئي وڃي ٻئي طرف سيپڪو فوت ٿي ويل خانگي مستري کان لاتعلقي ظاهر ڪندي ٻڌايو ته فوت ٿي ويل خانگي مستري سيپڪو جو ملازم ناهي وڌيڪ واقعي جي جاچ ڪئي پئي وڃي هوڏانهن ضروري ڪارروائي بعد فوتي جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جتي لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو.

بقايا 13 روزاني عبرت
جماعت لواري شريف ريجن لاڙڪاڻو جي صدر محمد سومر جوڻيجو نائب صدر ارشاد علي ڪوريجو جوائنٽ سيڪريٽري ڏٿي بخش جوڻيجو رئيس علي نواز جوڻيجو مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري تاجير شاگرد تنظيم نشات جماعت لواري شريف عبدالرحمان جوڻيجو پريس ڪلب لاڙڪاڻو جي صدر عبدالقادر جاگيراڻي سميت پريس ڪلب جي ٻين عهديدارن صحافين ۽ جماعت لواري شريف جي مريدن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته پير محمد صادق قريشي نقشبندي هميشه سماجي ڪمن ۾ ڀرپور حصو ورتي ڏڪويل انسان ذات جي خدمت ڪئي آهي جيڪا ڳالهه ڪنهن کان لڪيل ناهي جنهن وٽ انسانيت سان بي پناهه محبت ۽ خدمت ڪرڻ جو وڏو جذبو آهي جنهن جي هدايتن تحت درگاهه لنواري شريف جي عقيدتمندن سنڌ ۾ مختلف وقتن تي آيل قدرتي آفتن دوران پنهنجي ساروڻن جي ڀرپور واهر ڪئي اسان ساڳي ئي جوش جذبي انسانيت جي خدمت ڪري رهيا آهيون ته جيئن عام ماڻهن جي زندگين ۾ بهتري اچي سگهي

بقايا 14 روزاني عبرت
اڳ هوندو.واقعي جي اطلاع ملندي ئي ڏڪهڙي پوليس تعلقه اسپتال پهتي ۽ ضروري ڪارروائي بعد واقعي واري هنڌ جو معائنو ڪرڻ لاءِ ڳوٺ روانو ٿي وئي. اسپتال ذريعن موجب نوجوان کي گولي انتهائي ويجهو کان لڳي آهي.پوليس واقعي جي مختلف رخن کان جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ته نوجوان جي موت آپگهات جو نتيجو آهي يا واقعي جي پويان ڪو ٻيو سبب يا معاملو آهي پوليس جي جاچ ۽ وڌيڪ شاهدين سامهون اچڻ بعد ئي واقعي جي اصل حقيقت واضع ٿي سگهندي

بقايا 15 روزاني عبرت
در ايوب ڪوسو ، سيڪريٽري بجل ڏهيو ۽ ڪاٿون صدر پرويز سومرو رات دير سان پارٽي عهديدارن ۽ ڪارڪنن سان گڏ هنگامي پريس ڪانفرنس ڪري صحافين کي ٻڌايو ته روينيو ڪاتي ۾ بنا رشوت جي ڪم نه ٿيڻ ، ڏنا ڏيڻ ۽ سالن جا سالن پنڌ ڪرائي رلائڻ سميت ڪانيدار ممتاز ڪيريو جي موٽر سائيڪل مختيارڪار آفيس مان چوري ٿيڻ خلاف اسان جو احتجاج جاري آهي جيڪو مطالبن جي مڃتا تائين جاري رهندو هنن وڌيڪ ٻڌايو ته چنچر آچر موڪل جي ڪري ڏرڻو وقتي طور ختم ڪري سومر جي ڏينهن ڀرپور نموني احتجاج ڪيو ويندو هنن اهو پڻ چيو ته ڪانيدار ممتاز ڪيريو جي موٽر سائيڪل اسسٽنٽ ڪمشنر ، مختيارڪار پاران واپس ڪرائڻ واري دلاسي ڪي ٻه هڪ مهيني کان مٿي ٿي ويو آهي ان ڪري اسان مطالبن جي مڃتا تائين احتجاج جاري رکنداسين :

بقايا 16 روزاني عبرت
فقيرن تي مبينا حملي خلاف خانپورمهر ۾ صوفي سنگت پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين هيرا لعل بيچل لعل اوم لعل هرگنداس پاڳچند سيجواڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ صوفي سنگت جي ماڻهن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاج ڪيو ۽ سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن چيو ته ڪوڏيجي تعلقي ۾ سندن مرشد صوفي نصير فقير جلالاڻي جي درگاهه قائم آهي جنهن جي پلاٽ تي بااثر غلام مصطفيٰ جلالاڻي پاران ساٿين سان گڏجي مبينا طور قبضو ڪيو ويو آهي جنهن جي هو سخت مذمت ڪن ٿا. احتجاج ڪندڙن الزام لڳائيندي چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ درگاهه تي موجود فقيرن مٿان حملو ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي فقير زخمي ٿيا جڏهن ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن مان اڃا تائين ڪنهن کي گرفتار نه ڪيو ويو آهي صوفي سنگت جي اڳواڻن جو چوڻ هو ته صوفي فقير هميشه امن محبت، رواداري ۽ پائيچاري جو پيغام ڏيندا رهيا آهن ۽ درگاهه تان پڻ ساڳيو درس ڏنو ويندو آهي. انهن هوندي ٻه درگاهه جي پلاٽ تي مبينا قبضو ۽ فقيرن تي حملو افسوسناڪ عمل آهي.انهن وڌيڪ چيو ته ڪنب پوليس مبينا حملي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي جنهن سبب صوفي سنگت ۾ سخت بيچيني پکڙيل آهي احتجاج ڪندڙن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر، ايس ايس پي خيرپور ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي درگاهه جي پلاٽ بابت مبينا قبضي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي، ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ فقيرن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي صوفي سنگت جي اڳواڻن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن مطالبا منظور نه ڪيا ويا ته احتجاج جو سلسلو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو.

بقايا 17 روزاني عبرت
سپاريون ۽ شراب جون بوتلون هٿ ڪيون ويون، جڏهن ته سمورن جوابدارن خلاف الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن ايس ايس پي موجب سپارها پوليس گشت دوران ڪارروائي ڪندي ٻن منشيات فروش جوابدارن نعمان مڪراڻي ۽ تنوير لنڊ کي گرفتار ڪيو سندن قبضي مان 620 گرام چرس ۽ نشي آور سپاريون هٿ ڪيون ويون ڪنب ٿاڻي جي پوليس ٻن منشيات فروش جوابدارن علي گل چاموڙ ۽ عمر علي چاموڙ کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان 1200 گرام چرس ۽ 5000 گرام ڀنگ هٿ ڪئي جنهن بعد ڪيس داخل ڪيا ويا شاهه حسين ٿاڻي جي پوليس ڪارروائي ڪندي منشيات فروش جوابدار فدا حسين جودهه کي گرفتار ڪيو جنهن وٽان 1100 گرام چرس هٿ ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو کهينواري پوليس گشت دوران منشيات فروش جوابدارن حاڪم راڄپر ۽ آصف سهتو کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان نشي آور سپاريون هٿ ڪيون ويون. شهيد مرتضيٰ ميراڻي ٿاڻي جي پوليس ٻن الڳ ڪارروائين ۾ منشيات فروش جوابدارن نزاڪت وساڻ ۽ حسيب مغل کي گرفتار ڪيو .

بقايا 18 روزاني عبرت
ڪليم ملڪ پهتا ، جتي هنن وارثن سان تعزيت ڪندي دلي همدردي جو اظهار ڪيو ۽ ڪيس انصاف جي خاطري ڪرائي ان موقعي تي ايم پي اي صائم آغا ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته نينگر محمد عمر لاشاري جو ڪيس هاءِ پروفائيل ڪيس آهي. وارثن سان هر صورت ۾ انصاف ٿيندو. سوشل ميڊيا تي هلندڙ غلط خبرن بدران ڪيس جي حقيقتن تي ٻڌل خبرون نشر ڪيون وڃن هن چيو ته شڪارپور پوليس ميرٽ جي بنياد تي معاملي جي جاچ ڪري رهي آهي جڏهن ته پوسٽ مارٽم رپورٽ جاري ٿيڻ تائين ڪنهن به حتمي نتيجي تي پهچڻ ممڪن ناهي هن وڌيڪ چيو ته ڪو به بااثر چو نه هجي، جيڪڏهن نينگر جي قتل ۾ ملوث ثابت ٿيو ته ڪيس ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڏني ويندي. هوڏانهن ايس ايس پي شڪارپور محمد ڪليم ملڪ چيو ته محمد عمر لاشاري ڪيس جا جوابدار گرفتار آهن ۽ پوليس بروقت ڪارروائي ڪئي آهي پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ ۾ وقت لڳندو آهي پوليس طرفان ڪا به دير نه ڪئي وئي آهي ايس ايس پي محمد ڪليم ملڪ وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن ڪيس ۾ پوليس جي ڪا به سستي يا غفلت نظر آئي ته لاڳاپيل اهلڪارن خلاف ڪاتي اندر ڪارروائي ڪئي ويندي محمد عمر جي ڪيس جي مڪمل جاچ ڪئي وئي آهي ۽ هاڻي پوسٽ مارٽم رپورٽ جو انتظار آهي هن ٻڌايو ته ڪيس ۾ چئن جوابدارن خلاف ڪيس داخل ٿيل آهي جن مان ٽي جوابدار گرفتار آهن جڏهن ته هڪ جوابدار ضمانت تي آزاد آهي ضمانت تي آزاد جوابدار جي ضمانت رد ڪرائڻ لاءِ قانوني ڪوششون ڪيون وينديون

بقايا 19 روزاني عبرت
اسان پر امن ماڻهون آهيون سنڌ ڌرتيءَ اسان کي ماءُ آهي هي ايم ڪيو ايم ۽ محسن نقوي اسان کي قبول ناهي اسان ڀرپور شروعات سورو پريس ڪلب کان ڪئي آهي ۽ 20 سيپٽمبر تي نوابشاهه ۾ ريلي ڪيڍي ويندي جنهن ۾ سنڌ جي عوام گڏ ٿي سنڌ جي تحفظ ترقي آجپي آزادي، سنڌ جي وسيلن جي بچاءَ سنڌ جي ماڻهن جو حقيقي آواز بلند لاءِ گڏ ٿيو جنهن جو سنڌ ڏجي ٿو رياض چانڊيو وڌيڪ چيو ته سنڌ جا قومپرست ۽ سائين جي ايم سيد جا پيروڪار ڀرين ڏينهن کان وٺي روڊن تي رستن تي آهن سنڌ اسيمبليءَ قرارداد پيش ڪئي آهي اسان انهي قرارداد کي بهتر سمجهون ٿا. پيش ڪيل قرارداد کي پنجاب ۽ سندس حمايتي وزير مجڻ لاءِ تيار ناهن پيپلز پارٽيءَ ۽ جن وزيرن سنڌ اسيمبليءَ ۾ ڳالهايو آهي انهن جو فرض آهي ته روڊن تي نڪري اچن ان موقعي تي مرڪزي جنرل سيڪريٽري غفار ميرجت، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري الاهي بخش چاچڙ ڊويزن اڳواڻ ذوهيب عمراڻي، مرڪزي اڳواڻ اياز بليدي، ضلعي صدر وقار ڪلهوڙ خليل شر ۽ ٻيا موجود هئا

بقايا 20 روزاني عبرت
اوچتو باهه لڳي وئي جنهن ۾ تقريبن تيار ٿيل 300 ڪيهه جون ڳنڍيون سڙي رک ٿي ويون ۽ ڪروڙين روپين جو نقصان ٿيو آهي هن مطالبو ڪيو ته نقصان جو ازالو ڪيو وڃي .

بقايا 21 روزاني عبرت
هائوس نوشهروفيروز ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي.تقريب دوران ايم آر ڊي تحريڪ جي شهيدن جي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني ڪئي وئي ۽ شهيدن لاءِ فاتح خواني پڻ ڪئي وئي.تقريب جي صدارت پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي نوشهروفيروز جي صدر سهيل اختر عباسي ڪئي تقريب ۾ جنرل سيڪريٽري مسرور احمد راڄپر ۽ انفارميشن سيڪريٽري وقاص احمد سومرو، ڊاڪٽر مظهر ڪلهوڙو، خان محمد اعوان، خالد مسعود چنا، اڪبر سمون نوح پنهور، ڊاڪٽر نور سورو ذوالفقار راڄپر فهد قل سيد مرتضيٰ شاهه طارق منگريو امجد علي چانڊيو اسماعيل ڪورائي، غلام رسول پرٽ غضنفر راڄپر ذوالقرنين صلاح، ابرار وسطوي پير رڪن الدين، اعتبار خانزاده، امجد جاوري، شوڪت چانڊيو اسلم امين آرائين، ڊاڪٽر ڪاشف ميمڻ مصري مل سيد زين شاهه فاروق عباسي ڪامران ڏگهه احمد علي چنا، منظار پنهور لالا توفيق چانڊيو سميت پارٽي ڪارڪنن ۽ جيالن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مقررين ايم آر ڊي تحريڪ جي شهيدن کي جمهوريت، آئين ۽ عوامي حقن لاءِ ڏنل قربانين تي خراج عقيدت پيش ڪيو شهيدن کي سرخ سلام پيش ڪندي اڳواڻن چيو ته ايم آر ڊي تحريڪ جي شهيدن جون قربانيون پاڪستان جي جمهوري تاريخ جو ناقابل فراموش باب آهن سندن جدوجهد ۽ قربانين کي هميشه ياد رکيو ويندو جڏهن ته جمهوريت لاءِ سندن جدوجهد ايندڙ نسلن لاءِ مشعل راهه آهي

بقايا 22 روزاني عبرت
شر تي مبينا تشدد ۽ تذليل ڪرڻ واري ڪيس ۾ اڳوڻي ايس ايڇ او قابل پيرو ۽ پوليس اهلڪار نثار مهر کي آندل سندراڻي پوليس هٿڪڙيون هڻي ريمانڊ حاصل ڪرڻ لاءِ گهوٽڪي جي عدالت ۾ پيش ڪيو عدالت جوابدار اڳوڻي ايس ايڇ او قابل پيرو ۽ اهلڪار نثار مهر کي ٻن ڏينهن جي پوليس ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو عدالتي ڪارروائي بعد پوليس جوابدارن کي سخت پوليس پروٽوڪول ۾ ڪار ذريعي ڪٺڻي روانو ٿي وئي ان موقعي تي ڪوريج لاءِ موجود صحافين موجب آندل سندراڻي ٿاڻي جي ايس ايڇ او اعجاز جسڪاڻي پاران صحافين کي ڪوريج کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ صحافين جو الزام آهي ته ايس ايڇ او اعجاز جسڪاڻي مبينا طور بدتميزي ڪندي ڪين ڌڪا ڏنا جنهن بعد هو اتيان روانو ٿي ويو صحافين واقعي تي سخت احتجاج ڪندي اعليٰ پوليس اختيارين کان معاملي جو نوٽيس وٺي ذميوار اهلڪارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 23 روزاني عبرت
جيئن آمريڪي سامراج باقي دنيا تي جمهوريت ۽ انساني حقن جي نالي جي آڙ ۾ قبضا ڪندو ويندو آهي تيئن اسان جا حڪمران به ڪڏهن ترقي ڪڏهن بدامني ۽ هاڻ بهتر انتظامڪاري جي نالي ۾ سنڌ وطن مٿان حملا آور ٿيل آهن اسان مڪاني ادارن واري جي نظام ۽ اختيارن جي هيٺ ڏاٺين منتقلي کي سنڌ وطن جي ورهاڱي ۽ پنهنجي سياسي اختيارن تان هٿ کڻڻ جي قيمت تي ڪنهن به صورت قبول نه ڪنداسين سنڌ جا جاگيردار اڄ پلي اسيمبلين ۾ سنڌ کي ماءُ سڏيندا هجن پر اهو ئي اهو طبقو آهي جنهن لڪي پڙهي اسيمبلين ۾ ون يونٽ جي حمايت ڪئي هئي. تنهنڪري نه وسارجي ته جاگيردار هجن يا انهن جي نمائنده جماعت پي پي پي، سنڌ وطن جي وحدت بچائڻ سنڌ جي پورهيت عوام جو ئي ڪم آهي هن وڌيڪ چيو ته اسان سمجهون ٿا ته حڪمرانن جون اکيون سنڌ جي درياءُ زمينن وسيلن ۽ سامونڊي پٽي تي آهن.

بقايا 24 روزاني عبرت
جميل ناريجو منصور علي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو.ان موقعي تي مظاهرين صحافين کي ٻڌايو ته سيپڪو انتظاميه هترادو 24 ڪلاڪن مان صرف 6 ڪلاڪ بجلي ڏني ٿي وڃي باقي 18 ڪلاڪ لوڊ شيڊنگ ڪئي وڃي ٿي جنهن ڪري شهرين جو جيئڻ جنجال ٿي ويو آهي هنن چيو ته شهري سخت پريشان ٿي ويا آهن ۽ بجلي بند هجڻ ڪري پاڻي جي کوٽ ٿي وڃي ٿي ۽ ڪاروبار سخت متاثر ٿي رهيو آهي هنن چيو ته هترادو لوڊشيڊنگ ڪري يونٽ بچائڻ ڪري شهرين کي تڪليف ڏني ٿي وڃي هنن سيپڪو چيف بجلي جي وفاقي وزير کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي خيرپور ۽ هترادو لوڊشيڊنگ واري ماسري جو نوٽيس وٺي سيپڪو عملدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 25 روزاني عبرت
ڪندڙن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي ڪندي معصوم شاگرد جي قتل ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون موجب سخت سزا ڏيڻ جو مطالبو ڪيو.ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن سجاد لاشاري ، امجد ستار لاشاري ، طالب علي گل قوجي امين جميل لاشاري ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته شڪارپور ۾ معصوم ٻار سان پيش آيل واقعو ظلم جي انتها آهي جنهن انسانيت کي لجائي ڇڏيو آهي احتجاج ڪندڙن موجب ڪجهه ماڻهن کي شاگرد زخمي حالت ۾ مليس جن ڪيس علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيس جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو هنن چيو ته معصوم شاگرد جي قتل واري واقعي تي سڄي سنڌ ۾ ڏک ۽ ڪاوڙ جي لهر پکڙيل آهي پر جيڪڏهن بااثر جوابدارن خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروائي نه ڪئي وئي ته معاثر خاندان سان انصاف ٿيڻ مشڪل ٿي ويندو هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي شڪارپور کان مطالبو ڪيو ته محمد عمر لاشاري جي مبينا قتل ۾ جنسي زيادتي واري واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي قتل ۾ ملوث سمورن نامزد ۽ نامعلوم جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪيو وڃي ۽ ڪين قانون موجب سخت کان سخت سزا ڏياري مقتول شاگرد جي وارثن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 26 روزاني عبرت

۽ بين جو ريلي کي خطاب تفصيل موجب خيرپور جي وڪيلن پاران سنڌ هڪ آهي هڪ رهندي جي عنوان هيٺ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي آفيس کان ڊسٽرڪٽ سيشن ڪورٽ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي جي اڳواڻي ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي صدر اعجاز علي چانڊيو ايڊووڪيٽ، جنرل سيڪريٽري رئيس الطاف حسين سري ايڊووڪيٽ، فوڪل پرسن اختيار احمد پنهور ايڊووڪيٽ هاءِ ڪورٽ ۽ ٻين ڪئي.ان موقعي تي اعجاز علي چانڊيو ايڊووڪيٽ خطاب ڪندي چيو ته سنڌ کي ورهائڻ نه ڏينداسين سنڌ جا قانوندان سنڌ جي ورهاڱي کي روڪڻ لاءِ قانوني جنگ وڙهندا رهندا.هن چيو ته سنڌ اسيمبلي سنڌ کي متحد ۽ منظم رکڻ بابت قرارداد منظور ڪري چڪي آهي هن سنڌ اسيمبلي ۾ سنڌ جي ورهاڱي خلاف قرارداد منظور ڪرائڻ تي وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه کي مبارڪباد ڏني وڪيلن صدر مملڪت آصف علي زرداري، پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ پيپلز پارٽي وومين ونگ جي مرڪزي چيئرپرسن ميڊم فريال ٽالپر کي پڻ مبارڪباد ڏني ۽ هو سنڌ جي ورهاڱي جي سازش خلاف پنهنجو آواز بلند ڪري رهيا آهن

بقايا 27 روزاني عبرت
بي پوزيشن، حليم بوسڻ ٿين پوزيشن، تقرير ۾ نبيا شيخ بهرين پوزيشن، شازيه عباسي بي پوزيشن ۽ عبيدالله چنا ٽين پوزيشن حاصل ڪئي تقريب ۾ بهترين تلاوت ڪرڻ تي فرحان کهاوڙ عبدالرقيب ۽ حسن مصطفيٰ کي خاص انعامن سان نوازيو ويو.

بقايا 28 روزاني عبرت
ڪرم حسين سولنگي ۽ عبرت گڏيجي

بقايا 29 روزاني عبرت
توڙي بيمار صحافين کي ريليف ڏيارڻ سميت سنڌ جي ڀهراڙين وارن علائقن جي پريس ڪلبن جي سهائتا ڪرائڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ آهي . هن چيو ته ريجنل يونين آف جرنلسٽ ڳالهين نه ۽ عملي خدمت ۽ جدوجهد تي يقين رکندڙ آهي ۽ ماشا الله ٿوري وقت ۾ يونين جون تقريبن سمورن علائقن ۾ تنظيمي باڊيون مڪمل ڪيون ويون آهن . هن گهر ڪئي ته سنڌ جي اندر صحافين خلاف انتقامي ڪارروايون کي بنجو ڏنو وڃي ۽ صحافين جي تحفظ لاءِ پريور قدم ڪنيا وڃن جڏهن ته سمورن صحافين کي ايڪريڊيشن ڪارڊ . هيلٿ ڪارڊ جاري ڪري گهربل سهولتون فراهم ڪيون وڃن .

بقايا 30 روزاني عبرت
اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي پورهيت نوجوان زوهيب علي پٽي چيو ته گذريل جمعي ڏينهن مان پنهنجي نندي ڀاءُ مبين علي پٽي سان گڏجي تعلقي سجاول جوڻيجو جي ڳوٺ جان محمد پٽي کان واپس لاڙڪاڻي اچي رهيو هيس ته رستي ۾ لغاري لاڙي وٽ چئن اڻڄاتل هٿيارٻند ڦورن اڳ جهلي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي موٽرسائيڪل موبائيل فون ۽ 8 هزار روپيا روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا، واقعي جي اين سي سجاول جوڻيجو ٿاڻي تي داخل ڪرائي پر پوليس هن وقت تائين ڦورن خلاف ڪابه ڪارروائي ناهي ڪئي جيڪا وڏي ناجائزي آهي هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي، ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي ڦورن خلاف ڪارروائي ڪري ڦر ڪيل موٽرسائيڪل موبائيل ۽ روڪ رقم واپس ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 31 روزاني عبرت
مهيني کان پراسرار نموني گم وارث پاڪ ڪتاب کڻي پريس ڪلب پهچي مدد جي اپيل ڪري چڏي ماهي جا پاڻ ڳوٺ محمد ماڇي جو رهواسي پيرسن مظهر ماڇي گذريل ٻن مهينن کان پراسرار نموني لاپتا آهي جنهن جو اڃا تائين ڪو ڏس پتو نه ملي سگهيو آهي ان سلسلي ۾ سندس وارث ممتاز علي، حسن عجيب، نصير ۽ گليشر ماڇي ڪمال ديرو پريس ڪلب پهتا، جتي هنن پاڪ ڪتاب کڻي اپيل ڪندي چيو ته سندن ڀاءُ مظهر ماڇي گذريل ٻن مهينن کان گم آهي وارثن جو چوڻ هو ته پيرسن جي هر ممڪن هنڌ تي ڳولا ڪئي وئي پر اڃا تائين سندس ڪو ڏس پتو نه ملي سگهيو آهي هنن وس وارن ۽ لاڳاپيل ادارن کي اپيل ڪئي ته پاڪ ڪتاب جي صدقي پيرسن مظهر ماڇي جي ڳولا ۾ مدد ڪئي وڃي ۽ وارثن جي بي چيني ختم ڪئي وڃي

بقايا 32 روزاني عبرت
گهرواري رشيده خاتون ۽ پٽ عارف چانڊيو سان گڏجي الزام لڳايو ته منهنجي ديهه ڏرب چانڊيو ۾ منهنجي زرعي زمين آهي جنهن تي ڳوٺ جي بااثرن عاشق چانڊيو سندس پاٽرن مشتاق، رياض رضا، گدا حسين ۽ اشفاق چانڊيو گذريل مهيني کان زبردستي قبضو ڪري ڇڏيو اهڙيون شڪايتون مان حد جي ٿاڻي جي ميروخان ٿاڻي تي ڏيڻ سان گڏ ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ ۽ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻي آفيس ۾ درخواستون پڻ ڏنيون پر ان جي باوجود ڪو به تدارڪ نه ڪيو ويو ويتر بااثرن زمين جي مالڪي تان هٿ کڻڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن وس وارن کي اپيل آهي ته بااثرن خلاف ڪارروائي ڪري زمين تان قبضو ختم ڪرائي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 33 روزاني عبرت
ڪرڻ جو ليٽر ڏنو پر گهر جي مالي حالت ڪمزور هجڻ سبب نوجوان کي بروقت حيدرآباد منتقل ڪري علاج ڪرائڻ ممڪن نه ٿي سگهيو جنهن ڪانيوءَ هو رات دير سان پنهنجي گهر ۾ فوت ٿي ويو.شهرين جو چوڻ آهي ته ٽلهار ۾ آئس جو استعمال ۽ ڪرڪرنيري سان وڌي رهيو آهي ۽ منشيات عام ڪرڪ وانگر مبينا طور آسانيءَ سان دستياب آهي شهر ۾ گٽڪو سفينا، ماڻي چرس، ڀنگ، شراب ۽ آئس سميت مختلف قسمن جون منشيات نوجوان نسل تائين پهچي رهيون آهن مقامي ماڻهن موجب گذريل ڪجهه مهينن دوران منشيات جي استعمال سبب هي پنجون نوجوان آهي جنهن جي زندگي ختم ٿي وئي آهي جڏهن ته منشيات فروش مبينا طور بنا ڪنهن خوف جي پنهنجو ڪاروبار جاري رکيو ويٺا آهن.شهرين سخت لفظن ۾ پوليس جي ڪارڪردگي تي سوال اٿاريندي چيو آهي ته آخر ٽلهار شهر ۾ منشيات ايتري آسانيءَ سان ڪيئن دستياب آهي شهرين الزام هنيو آهي ته پوليس جي مبينا لاپرواهي ۽ ڪجهه اهلڪارن جي منشيات فروشن سان مبينا ملي ڀڳت سبب هي زهريلو ڪاروبار بند ٿيڻ بدران وڌندو پيو وڃي ٽلهار جي شهرين آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي بدين کان فوري ۽ سخت نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته ٽلهار ۾ منشيات جي وڪري ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪرڻ سان گڏوگڏ منشيات جي ڪاروبار کي روڪڻ ۾ ناڪام يا مبينا طور سهولتڪاري ڪندڙ ذميوار اهلڪارن خلاف ٻه شفاف جاچ ڪري قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي جيئن وڌيڪ نوجوانن جون زندگيون بچائي سگهجن

بقايا 34 روزاني عبرت
ڪيس سول اسپتال ٽنڊوالهيار آندو ويو جتي ڊاڪٽرن ڪين طبيعت بهتر نه هجڻ ڪري ڳنڀير جوڳي حالت ۾ حيدرآباد منتقل ڪيو ، محمد علي ميرجت ڪيترن ئي عرصي کان جگر جي بيماري ۾ مبتلا آهي جڏهن ته مسلسل علاج هلڻ باوجود صحت ۾ بهتري نه اچي سگهي آهي جڏهن ته سنڌ جي ثقافت کاتي پاران سنڌس ڪاٻه سار نه لڌي وئي آهي انهي موقعي تي شاعر احساس ميرل سهتو مسڪين سمون روحل ڪالرو ۽ ٻين چيو ته محمد علي ميرجت هڪ بهترين شاعر آهي سنڌ حڪومت کي گهرجي ته سرڪاري خرچ تي ڪراچي جي اسپتال مان سندس مڪمل علاج ڪرايو وڃي ته جيئن سندس حياتي بچي سگهي

بقايا 35 روزاني عبرت
ڦي آهي.ملي جي سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ، IIشهاب الدين نظاماڻي جي عدالت ناري جو دفن ٿيل لاش قبر مان ڪڍي بيهر طبي معائنو ڪرائڻ لاءِ ناري جي ڀاءُ پاران داخل ڪرايل درخواست منظور ڪندي سنڌ جي ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سروسز حيدرآباد کي ميڊيڪل بورڊ جوڙڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي.عدالت جاري ڪيل تفصيلي حڪمنامي ۾ لکيو آهي ته موت جي اصل سبب ۽ طريقيڪار بابت اٿاريل سوالن کي نظر ۾ رکندي وڌيڪ ۽ آزاد طبي معائني جي ضرورت آهي جنهن سان موت جو صحيح سبب معلوم ڪرڻ ۾ مدد ملندي.عدالتي حڪم موجب ڪرمنل متفرق درخواست نمبر 18/2026 فوت ٿيل ناري پاڳونتي جي والد ڪيول ميگهواڙ طرفان ضابطه فوجداري جي دفعه 176(2) تحت داخل ڪئي وئي هئي.درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو ته پاڳونتي کي 2 سيپٽمبر 2026 ع تي اسلام ڪوٽ جي حدن اندر هندو قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو هوجڏهن ته سنڌس موت جي معاملي ۾ بعد ۾ ايف آءِ آر نمبر 66/2026 پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعائن 302،201 ۽ 34 تحت داخل ڪئي وئي.عدالت آڏو درخواستگذار طرفان موقف اختيار ڪيو ويو ته ناري جو لاش قبر مان ڪڍڻ وارو عمل قانون موجب بااختيار اختيارين جي نگراني ۾ ڪرايو وڃي ۽ قبرلاش جا باقيات توڙي ٻين مادي ثبوتن کي محفوظ رکيو وڃي.ان سان گڏ قبرستان ۾ پوليس پڪت قائم ڪري ضروري انتظام ڪرڻ جي به درخواست ڪئي وئي جيئن قبرڪشائي دوران هٿ ايندڙ ثبوتن سان ڪنهن به قسم جي ڇيڙڇاڙ آلودگي گم ٿيڻ يا تبديل ٿيڻ جو امڪان نه رهي.عدالت درخواست منظور ڪندي سنڌ جي ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سروسز حيدرآباد کي هدايت ڪئي آهي ته پاڳونتي ڌيءَ ڪيول جي قبرڪشائي لاش جي اخراج ۽ طبي معائني لاءِ قانون موجب ميڊيڪل بورڊ جوڙيو وڃي ۽ ان بابت عدالت کي ترجيحي بنياد تي جلد کان جلد آگاهه ڪيو وڃي.ميڊيڪل بورڊ کي بعد ۾ قانون موجب پنهنجي رپورٽ عدالت ۾ پيش ڪرڻ جي به هدايت ڪئي وئي آهي.عدالت حڪم جي ڪاپي ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سروسز سنڌ حيدرآباد ۽ سپرنٽنڊنٽ آف پوليس ٿرپارڪر ڏانهن جاڻ ۽ عملدرآمد لاءِ موڪلڻ جا پڻ حڪم ڏنا آهن.هوڏانهن پاڳونتي جي پراسرار موت واري معاملي جي قبرڪشائي ۽ بيهر طبي معائني جي عدالتي حڪم ڪانيوءَ هاڻي ناري جي موت جو اصل سبب،موت جو طريقو ۽ ڪيس ۾ موجود شڪي پهلو ميڊيڪل بورڊ جي رپورٽ سان وڌيڪ واضح ٿيڻ جا امڪان پيدا ٿي ويا آهن

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس
SEZA
SPECIAL ECONOMIC ZONE AUTHORITY

آئوٽ سورس بنياد تي سب آرڊينيٽ ۽ پٺي عملي جي هائرنگ

اسپيشل اڪنامڪ زون اٿارٽي، سنڌ SEZA کي "آئوٽ سورس بنياد تي سب آرڊينيٽ ۽ پيو عملو" فراهم ڪندڙ معتبر ادارن/فرمن کان آن لائن آڇون گهربل آهن.

2. واڪ دستاويزجنهن ۾ تفصيلي تشخيصي معيار، ڪم جو اسڪوپ ۽ ٻيون تفصيلون شامل آهن. SPPRA جي ويب سائيٽ https://portalsindh.eprocure.gov.pk/#/ اي پيڊس (e-Procurement) سسٽم ۽ اسپيشل اڪنامڪ زون اٿارٽي (SEZA) جي ويب سائيٽ www.sezasindh.gos.pk تان 18 سيپٽمبر 2026 (جمعو) کان 5 آڪٽوبر 2026 (سومر) تائين ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿيون.
3. پروڪيورمينٽ جو طريقو ڪليل مسابقتي واري آڇ لاءِ هڪ مرحلي تي هڪ لفافي طريقيڪار هوندو. واڪ ڏيندڙن کي پنهنجون تجويزون SPPRA اي پيڊس پورٽل (https://portalsindh.eprocure.gov.pk) ذريعي اپلوڊ ڪرڻيون پونديون.
4. مالي تجويزن سان گڏ ڪل آڇ جي رقم جي 5% بڊ سيڪيورٽي (قابل واپسي) شامل هجڻ ضروري آهي. جيڪا پاڪستان جي ڪنهن به شيڊيولڊ بئنڪ مان پئي آرڊر، بئنڪ ڊرافٽ، يا بئنڪ گارنٽي جي صورت ۾ هجي. بڊ سيڪيورٽي آڇ جي ڪارآمدي مدي کانپوءِ سگهاري حد گهٽ ۾ گهٽ 90 ڏينهن لاءِ ڪارآمد هجڻ گهرجي ۽ "اسپيشل اڪنامڪ زون اٿارٽي" جي نالي تي هجڻ گهرجي.
5. مالي تجويزون کولڻ: فقط اهي فرمون جيڪي ٽيڪنيڪل تشخيص تي پوريون لهنديون، انهن جون مالي تجويزون کوليون وينديون ۽ وڌيڪ تشخيصي جائزي لاءِ غور هيٺ آنديون وينديون.
6. هارڊ ڪاپي ۾ تجويزون جمع ڪرائڻ: مڪمل تجويز (ٽيڪنيڪل ۽ فنانشل) جي هڪ اصل هارڊ ڪاپي، جيڪا EPADs پورٽل تي اپلوڊ ڪيل ورزن سان بلڪل ملندڙ جلندڙ هجي، اسپيشل اڪنامڪ زون اٿارٽي جي آفيس ۾ به جمع ڪرائڻ لازمي آهي.
7. جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ: تجويزون 5 آڪٽوبر 2026 (سومر) منجهند 2:30 وڳي تائين يا ان کان اڳ SPPRA اي پيڊس سسٽم ذريعي ڊجيٽل (آن لائن) جمع ڪرائڻيون پونديون.
8. آڇون کولڻ: آڇون 5 آڪٽوبر 2026 (سومر) منجهند 3:30 وڳي کوليون وينديون. ڪميٽيءَ جا سمورا نامزد ٿيل ميمبر SPPRA اي پيڊس پورٽل ذريعي آن لائن اجلاس ۾ شرڪت ڪندا.
9. واڪ ڏيندڙن کي روبرو حاضر ٿيڻ جي زوردار ترغيب ڏني وڃي ٿي. جيڪو واڪ ڏيندڙ تجويزون کلڻ جي اجلاس دوران موجود نه هوندو ان کي غير حاضر شمار ڪيو ويندو ۽ ان جي آڇ تي غور نه ڪيو ويندو.
10. غلط بياني: ڪوڙي يا گمراهه ڪندڙ معلومات فراهم ڪندڙ ڪنهن به فرم کي تشخيصي معيار يا ڪانٽريڪٽ جي عمل جي ڪنهن به مرحلي تي نااهل قرار ڏنو ويندو.
11. پروڪيورنگ ايجنسي: اسپيشل اڪنامڪ زون اٿارٽي (SEZA) ايس پي پي آر اي قانون 2010 (ترميم ٿيل) جي قانون 25(1) تحت ڪانٽريڪٽ ڏيڻ کان اڳ ڪنهن به وقت سڀني يا ڪنهن به آڇ کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.
12. اضافي شرط
a. هيٺين شرطن تحت آڇون پاڻمرادو رد ٿي وينديون:
- مشروط يا ٽيليگرافڪ جمع ٿيل تجويزون
- بڊ سيڪيورٽي جو نه هجڻ يا غلط جمع ٿيل هجڻ
- اصل بڊ سيڪيورٽي اسپيشل اڪنامڪ زون اٿارٽي (SEZA)، سنڌ جي آفيس ۾ جمع نه ڪرائي وئي هجي
- مقرر ٿيل آخري تاريخ کانپوءِ وصول ٿيل درخواستون
- بليڪ لسٽ ٿيل فرمن جي شرڪت
b. سمورن واڪ ڏيندڙن پاران هڪ حلفنامو فراهم ڪرڻ لازمي آهي جنهن ۾ ان ڳالهه جي تصديق ٿيل هجي ته سندن فرم/ايجنسيءَ کي ڪڏهن به ڪنهن سرڪاري يا خانگي اداري بليڪ لسٽ ناهي ڪيو

INF-KRY/4046/2026
WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

اسسٽنٽ مئنيجر پروڪيورمينٽ
اسپيشل اڪنامڪ زون اٿارٽي، سنڌ
پهرين ماڙ، بلاڪ A، ايف ٽي سي بلڊنگ، شاهراهه فيصل، ڪراچي
www.sezasindh.gos.pk ٽيليفون: 021-99207557
اي ميل: procurement@sezasindh.gos.pk

ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ جو آفيس
لياقت ميڊيڪل ڪاليج اسپتال
حيدرآباد
مارڪيٽ روڊ، حيدرآباد
Ph:022-9210202Fax:022-9210208

ٽينڊر گهرائڻ جو اشتهار

لياقت ميڊيڪل ڪاليج اسپتال حيدرآباد جو ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ ايف بي آر / ايس آر بي جي ايڪٽو ٽيڪس لسٽ ۾ شامل سپلائرز / فرمن / مينوفيڪچررز / امپورٽرز / مجاز تقسيم ڪندڙن کان مالي سال 27-2026 لاءِ ٽينڊر جون شيون (جيڪي هيٺ جدول ۾ درج آهن) فراهم ڪرڻ لاءِ اي-پاڪ ايڪويشن اينڊ ڊسپوزيبل سسٽم (EPADS)ذريعي اي-بولين جي دعوت ڏئي ٿو. قاعدي-46(1) سنگل اسٽيج-ون لفافي جي طريقيڪار تحت. تفصيلي شرطن ۽ ضابطن تي مشتمل بڊنگ دستاويز /#/https://portalsindh.eprocure.gov.pkتان ڏسي يا ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿيون.

اليڪٽرانڪ بوليون صرف EPADSجي ذريعي جمع ڪرائڻ گهرجن. دلچسپي رکندڙ بولي ڏيندڙن کي اليڪٽرانڪ بوليون جمع ڪرائڻ لاءِ هيٺ ڏنل لنڪ تي اي پي اي ڊي سسٽم تي پنهنجو پاڻ کي رجسٽر ڪرڻو پوندو: https://sindh.eprocure.gov.pk/#/supplier/registration

بڊنگ دستاويز ۾ ڏنل هدايتن مطابق تيار ڪيل بوليون EPADSتي 30-09-2026 تي صبح 10:30 وڳي تائين جمع ڪرائڻ گهرجن. هيٺ جدول ۾ درج هر ٽينڊر فس جو اصل اوزار (انسٽرومينٽ) بڊ سيڪيورٽي سان گڏ اي-بولين جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان اڳ لاڳاپيل اداري تائين پهچڻ گهرجي. جيڪي ساڳئي ڏينهن صبح 11:00 وڳي پتي: آفس آف دي ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ لياقت ميڊيڪل ڪاليج اسپتال حيدرآباد تي کوليون وينديون.

س نمبر	تفصيل	ٽينڊر في	بڊ سيڪيورٽي
01	ميڊيڪل ۽ ليبارٽري جو سامان، سرجري جا اوزار، اسپيشلائزڊ آپريشن ٿيٽر (او ٽي) جا اوزار ۽ لاڳاپيل مريضن جي سنڀال جو سامان	Rs.3000	بڊنگ دستاويز ۾ گهربل فڪسڊ بڊ سيڪيورٽي
02	مشينري ۽ سامان جي مرمت	Rs.3000	بڊنگ دستاويز ۾ گهربل فڪسڊ بڊ سيڪيورٽي

نوٽ :(N•B•)
- اي-بڊنگ سان لاڳاپيل ڪنهن به سوال جي صورت ۾ آفيس آف دي ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ لياقت ميڊيڪل ڪاليج اسپتال حيدرآباد سان رابطو ڪري سگهجي ٿو رابطو نمبر.5-2-022-9210207
- جيڪڏهن حڪومت ڪنهن عام موڪل جو اعلان ڪري ٿي يا ڪنهن اڻڄاتل حالتن جي ڪري، ٽينڊر / بوليون ساڳئي هنڌ ۽ وقت تي ايندڙ ڪم ڪندڙ ڏينهن تي جمع ۽ کوليون وينديون
- خريدار کي ايس پي پي آر رولز 2010 جي لاڳاپيل شقن تحت ڪنهن به يا سڀني بولين کي رد ڪرڻ جو حق حاصل آهي ڪنهن به ڏکيائي جي صورت ۾، ممڪن بولي ڏيندڙ ڪم ڪندڙ ڏينهن/ڪلاڪن دوران EPADSهيلپ لائين 237-137-111-051- تي رابطو ڪري سگهن ٿا.

ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ
لياقت ميڊيڪل ڪاليج اسپتال
حيدرآباد
INF/KRY:4042/26
WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

ڪراچي ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ 7 ڄڻا فوت ٿي ويا، ٻارڙي سميت 5 ڄڻا زخمي

گلاب ويجهو موٽر وي تي هڪ خانگي هائوسنگ سوسائٽي ويجهو ٽريفڪ حادثي ۾ هڪ شخص فوت ۽ ٻه عورتن سميت ٽي ڄڻا زخمي ٿي پيا

سائيٽ سپر هاءِ وي ٿاڻي جي حد چاڪر هوٽل جي ويجهو روڊ حادثي ۾ 24 سالن جو نوجوان حماد خان پٽ خليل الرحمن فوت ٿي ويو

ڪارادر ٿاڻي جي حد ڪارادر ايم سلمان منائي واري جي ويجهو ڳودام مان 30 سالن جي نامعلوم شخص جو ڦٽندو ٻڏل لاش مليو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ 7 ڄڻا فوت ٿي ويا، جڏهن ته ٻارڙي سميت 5 ڄڻا زخمي ٿي پيا. تفصيل موجب گلاب سٽي ٿاڻي جي حد ايم-9 موٽر وي تي هڪ خانگي هائوسنگ سوسائٽي ويجهو ٽريفڪ حادثي ۾ هڪ شخص فوت ۽ ٻه عورتن سميت ٽي ڄڻا زخمي ٿي پيا. ريسڪيو عملدارن موجب اڻڄاتل گاڏي ڪار کي ٽڪر هنيو جنهن جي نتيجي ۾ ڪار روڊ جي ڪناري تي هلندڙ ماڻهن مٿان چڙهي
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: مزدور اتحاد ۽ واٽر سيوريج ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه ڪندڙن کي ڪڏهن به معاف نه ڪنداسين: نياز ڪالاڻي

سنڌ پاڪستان کي ٺاهيو پر سنڌ جا وسيلا پنجاب استعمال ڪري رهيو آهي

ڌرتي مان نڪرندڙ ڪوئلي، گئس ۽ تيل پنجاب جي صنعتي علائقن کي فراهم ڪيا وڃن ٿا

نوشهرو فيروز/ ڪنڊيارو(نمائندن وڪان) جسقم بشير خان قريشي جي اڳواڻ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي چيو آهي ته سنڌ هڪ آهي، هڪ رهندي، سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه ڪندڙن کي ڪڏهن به معاف نه ڪندي سنڌ هڪ پليٽ فارم تي بيٺل آهي هن اهڙن خيالن جو اظهار ڪنڊيارو ۾ 20 سيپٽمبر
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ جاگيراڻي برادري ۾ خوني تڪرار لاءِ ميڙ منٺ قافلو ڌرين وٽ پهتو

سيد جاويد علي شاهه جيلاني ۽ مير عابد خان سنڌراڻي ڌرين وٽ پهچي ڏاهه لاءِ منٿ ڪئي

ٻنهي ڌرين قافلي جي معزز ماڻهن کي مان ڏيندي جلد فيصلو ڪرڻ لاءِ رضامندي ظاهر ڪئي

خيرپور(ڊ ر)خيرپور: ڪارنهن جي معاملي تان جاگيراڻي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ خوني تڪرار جي خاتمي لاءِ ميڙ منٺ قافلو ٻنهي ڌرين وٽ پهتو جنهن ڪانپوءِ ڌريون جلد فيصلي لاءِ راضي ٿي ويون پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايم اين اي سيد جاويد علي شاهه جيلاني ۽ جاگيراڻي برادري جي سردار
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

نوشهرو فيروز: جسقم بشير قريشي جا سربراهه ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

خانپورمهر ۾ درگاهه صوفي نصير فقير جلالاڻي جي پلاٽ تي قبضي خلاف احتجاج

مظاهرين هيرا لعل، ٻيجل لعل، اوم لعل، هرگنداس ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

بااثرن حملو ڪري فقيرن کي زخمي ڪري پلاٽ تي قبضو ڪيو آهي، انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

خانپورمهر (ن ع) ڪوٽڏيجي تعلقي ۾ قائم درگاهه صوفي نصير فقير جلالاڻي جي پلاٽ تي مبينا قبضي ۽ درگاهه تي ويٺل
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران مختيارڪار آفيس آڏو لڳل ڌرڻو ختم

ڇنڇر ۽ آچر سرڪاري موڪل هئڻ ڪري ختم ڪيو ويو آهي: ايوب ڪوسو

سومر ڏينهن ٻيهر احتجاج شروع ڪري مطالبن مڃتا تائين احتجاج جاري رکنداسين

سڪرنڊ (ن ع) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران مختيارڪار آفيس آڏو غير معينه مدت تائين لڳل ڌرڻو ڇنڇر ۽ آچر سرڪاري موڪل هئڻ ڪري ختم ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ تعلق
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي پرسان نوجوان گولي لڳڻ سبب فوت، جاچ شروع

ڳوٺ حاجي نور حسن چانڊيو واسي نوجوان کي وارث اسپتال کڻائي آيا

اسپتال ۾ نوجوان فوت ٿي ويو، پوليس پاران لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

ڏگهڙي(ن ع) عباس چانڊيو کي گولي لڳڻ بعد زخمي حالت ۾ تعلقه اسپتال ڏگهڙي منتقل ڪيو ويو جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو فوتي جي وارثن موجب نوجوان مبينا طور پاڻ کي گولي هڻي زندگي جو انت آندو جڏهن ته واقعي بابت هن وقت حتمي طور ڪجهه چوڻ وقت کان
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ڪپرو ۾ جسقم ڪارڪنن پاران شهيد دولهه دريا خان جي 506هين ورسي تقريب، لفظن جي پيٽا پيش

ڪپرو(ن ع) جيئي سنڌ قومي محاذ (جسقم) جي مرڪزي پريس سيڪريٽري آزاد ڪنيس شوڪت ٻرڙي، ياسر احمد ۽ ٻين قومي ڪارڪنن شهيد دولهه دريا خان جي 506هين ورسي جي موقعي تي ٽرائو پيش ڪري سنڌ جي عظيم قومي سورمي کي پيٽا پيش ڪئي ان موقعي تي قومي اڳواڻن چيو ته شهيد دولهه دريا خان سنڌ جي آزادي، ڌرتيءَ جي دفاع ۽ قومي وقار جي جدوجهد جو لازوال ڪردار آهي جنهن
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي: فوت ٿيل نوجوان جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

مورو پوليس پاران جوابدار کي گرفتار ڪري پسٽل هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

مورو (ن ع) مورو پوليس جي ڪارروائي هڪ ڄڻو گرفتار غيرقانوني پسٽل هٿ ڪيس داخل مورو ٿاڻي جي ايس ايڇ او انسپيڪٽر علي اڪبر ڪوڪر کي ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي ڳوٺ وڏ پاڪيا واسي هڪ ڌوهاري ارشد عرف ارشو ڏيٻر ولد محمد عرس ڏيٻر کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان هڪ غيرقانوني پسٽل هٿ ڪري مورو ٿاڻي ۾ سرڪار جي مدعيت ۾ گناهه نمبر 398/2026 تحت ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي ٻئي پاسي ايس ايڇ او علي اڪبر ڪوڪر ٻڌايو ته گرفتار جوابدار ارشد ڏيٻر مختلف ڏوهن ۾ ملوث آهي جنهن ۾ ڦرون، چوريون ۽ ٻيا ڏوهه شامل
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران منشيات فروش سميت11 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پوليس مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ ڪارروايون ڪندي مجموعي طور 10 منشيات فروش جوابدارن ۽ هڪ اشتهاري جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي.اها ڳالهه ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي پنهنجي جاري ڪيل پريس بيان ۾ ٻڌائي هن ٻڌايو ته گرفتار جوابدارن وٽان وڏي مقدار ۾ چرس، ڀنگ، نشي آور
بقايا نمبر17 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ويجهو هٿياربند نوجوان کي زخمي ڪري موٽرسائيڪل ۽ سامان ڦري ويا

گمبٽ (ت.ر) گمبٽ قومي شاهراهه روڊ تي سڄل پيٽرول پمپ پرسان ڏينهن ڏٺي جو ريڙي واسي احد ميمڻ کان نامعلوم هٿيارن جي زور تي 2026 ماڊل موٽر سائيڪل ڦر ڪري رهيا هئا ته مذمت ڪرڻ تي نوجوان کي ڏنڊا هڻي زخمي ڪري ڇڏيو ۽ موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا جڏهن ته زخمي نوجوان کي علائقي واسين گمس اسپتال گمبٽ پهچايو.

ملتان: هڪ نوجوان ٻڪرين جو ڌڻ ڪاهي وڃي رهيو آهي

گمبٽ پ پ صدر کي هٽائڻ خلاف ناريجا برادري پاران احتجاجي ريلي

مظاهرين وڏيرو حسين بخش ناريجو جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو

حاجي عبداللطيف ناريجو کي بنا نوٽيس جي هٽائڻ جو اعليٰ قيادت نوٽيس وٺي انصاف ڪري

گمبٽ (ت.ر) پاڪستان پيپلزپارٽي گمبٽ سٽي جي صدر حاجي عبداللطيف ناريجو کي عهدي تان هٽائڻ خلاف اڄ يو سي راضيڊيرو ڪچهي جي ڳوٺ جاڻ ناريجو ڳوٺ محمد صديق ناريجو ۾ ناريجا برادري پاران احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ ڪچهي جي 15 ڪان مٽي ڳوٺاڻن وڏي انگ
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم تعلقي اسپتال ۾ سهولتن جي کوٽ خلاف وڪيلن پاران احتجاجي ريلي

وڪيلن عبدالله خٽڪ جي اڳواڻي ۾ سول ڪورٽ کان اسپتال تائين ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي

تعلقي اسپتال ۾ دوائن، طبي اوزارن، ڊاڪٽرن ۽ عملي جي موجودگي يقيني بڻائي وڃي

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ 5 ورهين جي معصوم نيائي جي مبينا زيادتي بعد قتل ۽ تعلقه اسپتال ۾ سهولتن جي کوٽ خلاف ٽنڊوآدم ۾ وڪيلن جو احتجاج ريلي رپورٽ موجب ٽنڊوآدم ۾ 5 ورهين جي معصوم نيائي جي مبينا زيادتي بعد قتل ۽ تعلقه اسپتال ۾ سهولتن جي اڻهوند
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

مورو ويجهو ٽريڪٽرالي جي ٽڪر ۾ ٽن ڀائرن جون ٽنگون ڀڄي پيون

درگاهه ٻيلي شاهه وٽ حادثي ۾ فياض، اياز ۽ نياز زرداري سخت زخمي ٿي پيا

زخمين کي تعلقي اسپتال آندو ويو جتان نازڪ حالت ۾ نوابشاهه ريفر ڪيو ويو

مورو (ن ع) مورو لڳ قمرالدين چانڊيو ڦاٽي جي حد ڳوٺ سڪراڻي جي رهواسي زنوار رستم زرداري جا 3 پٽ فياض علي زرداري، اياز علي زرداري ۽ نياز علي زرداري ٽريڪٽر ٽرالي جي ٽڪر ۾ سخت زخمي ٿي پيا ٽنهي زخمين جون ساڄيون ٽنگون ڀڄي پيون آهن زخمين جي والد زنوار رستم زرداري
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5


حيدرآباد: ٽنڊو جام روڊ تي روڊ تان ٻڪريون وڃي رهيون آهن

سنڌوءَ درياهه ۽ سنڌ جي وسيلن تي پنجاب جو غير قانوني قبضو آهي: رياض چانڊيو

قبضي گيري جي سياست جي خلاف سنڌين کي روڊن رستن تي وٺي اينداسين

پ پ جي جن وزيرن سنڌ اسيمبليءَ ۾ ڳالهايو انهن جو فرض آهي ته روڊن تي نڪري اچن

مورو(ن ع) مورو ۾ جيئي سنڌ محاذ چيئرمين رياض چانڊيو جي مورو پريس ڪلب پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي رياض چانڊيو چيو ته جيئي سنڌ محاذ رابطا مهم شروع ڪئي آهي ته 20 سيپٽمبر تي نوابشاهه ۾ سائين جي ايم سيد جي پيروڪارن جياتحاد جيئي سنڌ رهبر
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: ايم پي اي صائم آغا جي عمر لاشاري جي وارثن سان تعزيت

نينگر محمد عمر لاشاري جو ڪيس هاءِ پروفائيل ڪيس آهي: صائم آغا

وارثن سان هر صورت ۾ انصاف ٿيندو، پوليس ميرٽ تي معاملي جي جاچ ڪري رهي آهي

شڪارپور (رپورٽ رحيم بخش جمالي) شاگرد محمد عمر لاشاري جي وارثن سان ايم پي اي صائم آغا ۽ ايس ايس پي شڪارپور جي تعزيت انصاف جي خاطري ڪرايل ڏينهن شاگرد محمد عمر لاشاري جي وارثن وٽ پ پ ايم پي اي صائم آغا ۽ ايس ايس پي شڪارپور محمد
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

پريس ڪلب لاڙڪاڻو ۾ پير محمد صادق قريشي جي سالگرهه تقريب

نشات تنظيم جماعت لواري شريف ريجن لاڙڪاڻو طرفان ڪيڪ ڪاٽيو ويو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ نشات تنظيم جماعت لواري شريف ريجن لاڙڪاڻو طرفان پريس ڪلب لاڙڪاڻو ۾ پير محمد صادق قريشي نقشبندي سجاده نشين درگاهه عاليه لواري شريف جي 47 هين سالگرهه جي مناسبت سان سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو تقريب ۾ نشات تنظيم
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ زيادتي بعد بي درديءَ سان قتل ڪيل معصوم نيائي جو ڪيس داخل، جوابدار گرفتار

نينگري جي پيءُ قاسم انصاري جي فرياد تي جوابدار قاسم ڪنڊائي خلاف قتل ڪيس تي داخل

پوليس ڪيس داخل ٿيڻ بعد جوابدارن کي ڇاپا هڻي گرفتار ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڏني

معصوم نينگري جي آخري رسمن ۾ سياسي سماجي تنظيمن توڙي انتظامي عملدارن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

ٽنڊوآدم (رپورٽ: شيراز سومرو) ٽنڊوآدم ۾ مبينا جنسي زيادتي ڪانپوءِ بي دردي سان قتل ڪيل 5 ورهين جي معصوم نيائي دعا ڌيءُ قاسم علي عرف آصف انصاري کي سوين آلين اکين سان مقامي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو پوليس نينگري جي پيءُ قاسم علي عرف محمد آصف انصاري جي فرياد تي جوابدار قاسم ولد عبيدالله ڪنڊائي خلاف قتل ڪيس تي داخل ڪيو ويو آهي جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته جوابدار نينگري کي اغوا ڪري
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم: مارجي ويل ٻارڙي ۽ گرفتار ڪيل جوابدار (فائيل فوٽو)

ٽڪ ٽوڪ جو شوق نوجوان هلندڙ ٽرين مان موبائيل ڦرائي ويٺو

هلندڙ ريل ۾ ٽڪ ٽاڪ ٺاهيندڙ حيدرآباد واسي جو فون شاهينگ ڪئي ويو

ايمرجنسي بريڪ هڻي ڦورو کي پڪڙڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي پر ناڪام ٿي ويو

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ نعيم اختر سومرو) ڪوٽڙي ٽاڪ وٽ ڪراچي کان ڪوٽڙي اسٽيشن طرف ويندڙ ٽرين مان
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ ۾ پاڳوٺتي جي پراسرار موت جو معاملو قبرڪشائي جو حڪم

سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ شهاب الدين نظاماڻي قبرڪشائي جو حڪم ڏنو

اسلام ڪوٽ(ن ع) اسلام ڪوٽ ۾ نوجوان شادي شده ناري پاڳوٺتي ميگهواڙ جي پراسرار موت واري معاملي ۾ اهم اڳڀرائي
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ميرپوربٺورو: ايم اين اي اياز شاهه شيرازي آجياڻي کي خطاب ڪندي

اسان جي بزرگن پنهنجي جانين جا نذرانا پيش ڪري آزاد وطن حاصل ڪيو: عبدالحسين مري

خيرپور(ڊ ر)خيرپور جي سينيئر قانون دان پاڪستان پيپلزپارٽي جي سينيئر اڳواڻ ۽ سنڌ مري اتحاد جي سرپرست اعليٰ رئيس عبدالحسين مري چيو آهي ته ملڪ تي حڪمراني ڪندڙن پنهنجي اقتدار کي مضبوط ڪرڻ ۽ ذاتي مفادن جي پوراڻي لاءِ مختلف تجربا ڪري ملڪ کي تباهي جي ڪناري تي پهچائي ڇڏيو آهي جڏهن ته عوام اڄ به بنيادي سهولتن معاشي استحڪام ۽ انصاف لاءِ پريشان آهي هن چيو ته پاڪستان جي آزادي لاءِ اسان جي بزرگن جون وڏيون قربانيون شامل آهن انهن پنهنجي جانين جا نذرانا پيش ڪري
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

خيرپور جي فيض ڪالوني ۾ هٿرادو لوڊشيڊنگ سبب رهواسي پريشان، نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

خيرپور(ڊ ر)خيرپور جي فيض ڪالوني ۾ لوڊشيڊنگ جو هٿرادو آزار وڌي ويو آهي جنهن ڪري شهري سخت پريشان ٿي ويا آهن خيرپور ۾ سخت گرمي هجڻ ڪري سيپڪو عملدار لوڊشيڊنگ وقت ۾ غير قانوني اضافو ڪري ڇڏيو آهي جنهن ڪري شهري ڏکيائن کي منهن ڏئي رهيا آهن خيرپور شهر جي فيض آباد ڪالوني واري علائقي ۾ هٿرادو لوڊشيڊنگ ۽ يونٽ بچائڻ سبب سليم آباد، ڳوٺ گجو يعيم شاهه سميت ڪيترن علائقن ۾ روزانو سيپڪو عملدار بجلي بند ڪري ڇڏين ٿا ان سلسلي ۾ عطاحسين ناريجو،ضمير ناريجو ستار سنجراڻي، دلمير ناريجي
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم لڳ ڪاٽن انڊسٽريز ۾ باهه، ڪپهه جون ڳڙيون سڙي رک، ڪروڙين روپين جو نقصان

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جهول روڊ تي واقع نيو لڪي ڪاٽن انڊسٽريز ۾ اوچتو باهه لڳي وئي جنهن جي نتيجي ۾ تقريبن 300 ڪپهه جون ڳڙيون سڙي رک ٿي ويون نقصان جو ڪاٿو ڪروڙين روپيه ٻڌايو وڃي پيو اطلاع ملڻ تي فائربرگيڊ ٽنڊوآدم جون ٻه گاڏيون واقعي واري هنڌ پهچي باهه تي ڪنٽرول ڪيو رابطو ڪرڻ تي نيو لڪي ڪاٽن انڊسٽريز جي مالڪ سيٺ ڪيل ڪمار ٻڌايو ته ڪاٽن انڊسٽريز ۾ معمول موجب ڪم جو سلسلو جاري هو ته
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ملهڻ شر ڪيس اڳوڻو ايس ايڇ او عدالت پيش، ٻن ڏينهن جي رمانڊ تي پوليس حوالي

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي ڳوٺاڻي ملهڻ
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

پ پ نوشهروفيروز پاران ايم آر ڊي تحريڪ جي شهيدن جي ياد ۾ تقريب، پيٽا پيش

نوشهروفيروز(ڊ ر)ايم آر ڊي تحريڪ جي شهيدن جي ياد ۾ سرحل هائوس تي تقريب.پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي نوشهروفيروز پاران ايم آر ڊي تحريڪ جي شهيدن جي ياد ۾ 12 سيپٽمبر تي سرحل
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

اڳوڻو ايس ايڇ او قابل پيو ۽ اهلڪار نثار مهر کي عدالت ۾ پيشي لاءِ اندر پيو وڃي

خيرپور ۾ شڪارپور واسي شاگرد عمر لاشاري جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين سجاد لاشاري، امجد سٽار لاشاري، طالب علمي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي، قتل ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي

خيرپور(ڊ ر)شڪارپور ۾ اٺين ڪلاس جي 12 ورهين جي معصوم شاگرد محمد عمر لاشاري کي مبينا طور نشو پياري جنسي زيادتي ڪرڻ بعد گهٽا ڏئي قتل ڪرڻ واري واقعي خلاف خيرپور ۾ سجاد لاشاري جي اڳواڻيءَ ۾ پريس ڪلب خيرپور آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

خيرپور بار پاران سنڌ ورهائجي نه سگهندي عنوان هيٺ احتجاجي ريلي

وڪيلن اعجاز علي چانڊيو الطاف حسين مري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

سنڌ جا قانوندان سنڌ جي ورهاڱي کي روڪڻ لاءِ قانوني جنگ وڙهندا رهندا: اڳواڻ

خيرپور(ڊ ر)خيرپور:سنڌ هڪ آهي هڪ رهندي جي عنوان هيٺ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ڪان ڊسٽرڪٽ سيشن ڪورٽ تائين وڪيلن جي احتجاجي ريلي، سنڌ ورهائجي نه سگهندي، قانوندان سنڌ جي قانوني جنگ وڙهندا صدر ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن اعجاز علي چانڊيو ايڊووڪيٽ
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

مورو: جسم سرپراهه رياض چانڊيو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

لاڙڪاڻي ۾ ٽرانسفارمر ٺاهيندڙ خانگي مستري ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت

گورنمينٽ ڪاليج آف ٽيڪنالاجي اندر لڳل ٽرانسفارمر ٺاهيندي گلفام ابڙو زخمي ٿيو

ريسڪيو جي ٽيم ڳنڀير زخمي حالت ۾ ڪڍائي لاڙڪاڻو ٽراما سينٽر منتقل ڪيو

ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي، جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي رشيد وگڻ روڊ تي قائم گورنمينٽ ڪاليج آف ٽيڪنالاجي اندر لڳل ٽرانسفارمر تي چڙهي بجلي ٺاهڻ دوران ڪرنٽ لڳڻ سبب مراد واهڻ محلا واسي خانگي بجليءَ جو مستري نوجوان گلفام ابڙو سڙي سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي تنگيل ڏسي
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

قابض حڪمران ٻيلڪيتي پاليسين ۽ مفادن خاطر وطن کي ورهائڻ گهرن ٿا: بخشل ٿلهو

سنڌ وطن جي ورهاڱي ۽ پنهنجي سياسي اختيارن کي کسڻ ڪنهن به صورت قبول نه ڪنداسين

سمجهون ٿا ته حڪمرانن جون اکيون سنڌ جي درياهه، زمين، وسيلن ۽ ساحلن تي آهن

دريائن مٿان ڊيم اڏڻ ۽ ان منجهان تڪراري ڪينال ڪڍڻ وارو ڊوهه به جاري آهي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) عوامي ورڪرز پارٽي مارڪسسٽ جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل ڪامريڊ بخشل ٿلهو ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن لاڙڪاڻو جي وڪيلن کي بار ۾ خطاب ڪندي چيو ته قابض حڪمران پنهنجي ٻيلڪي پاليسين ۽ مفادن خاطر اسان جي تاريخي وطن کي ورهائڻ گهرن ٿا.
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

نوشهرو فيروز: ايم آر ڊي جي شهيدن جي ياد ۾ منعقد ڪيل تقريب جو ڏيک

گلوبل سائنس ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ عيدميلادالنبي جي محفل

ڪاليج جي شاگردن ۽ شاگردياڻين وچ ۾ نعت شريف ۽ تقريرن جو مقابلو ٿيو

نعت خواني ۾ محمد حسن جتوئي پهرين پوزيشن، حليمه لاشاري ٻي پوزيشن ماڻي

تقرير ۾ نبيا شيخ پهرين پوزيشن، شازيه عباسي ٻي پوزيشن حاصل ڪئي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ گلوبل سائنس ڪاليج شيخ زيد ڪالوني ۾ عيدميلادالنبي ﷺ جي مناسبت سان تقريب ٿي جنهن ۾ ڪاليج جي شاگردن ۽ شاگردياڻين وچ ۾ نعت شريف ۽ تقريرن جو مقابلو ٿيو مقابلي ۾ 15 ٻارڙن نعتن جي مقابلي ۽ 9 ٻارڙن تقريرن جي مقابلي ۾ حصو ورتو اهڙي طرح نعت خواني ۾ محمد حسن جتوئي پهرين پوزيشن حليمه لاشاري
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار جي شاعر محمد علي ميرجت جي طبيعت ۾ سڌارو نه آيو، اسپتال داخل

ڊاڪٽرن کين طبيعت بهتر نه هجڻ ڪري ڳنڀير جوڳي حالت ۾ حيدرآباد منتقل ڪيو

سنڌ حڪومت کي گهرجي محمد علي جو سرڪاري خرچ تي مڪمل علاج ڪرايو وڃي: شاعر

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي نوجوان شاعر محمد علي ميرجت جي طبيعت ۾ سڌارو نه آيو ڳنڀير جوڳي حالت ۾ بهتر حيدرآباد منتقل خبر موجب سنڌ جي پلوڙ شاعر سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي اڳواڻي ضلعي رابطا سيڪريٽري محمد علي ميرجت جي طبيعت ناساز هجڻ ڪري
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ٽلهار ۾ منشيات جو وڪرو بي قابو هڪ وڌيڪ نوجوان زندگي جي بازي هاري ويٺو

ڳوٺ ڦوٽو ماڇي واسي نوجوان حڪيم ماڇي آئس جي نشي سبب زندگي جي جنگ هارائي

ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس پي بدين نوٽيس وٺي منشيات وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪن: رهواسي

ٽلهار(ت ر) ٽلهار ۾ آئس سميت منشيات جو وڪرو بي قابو هڪ ٻيو نوجوان زندگي جي بازي هاري ويو ٽلهار شهر ۽ پرپاسي ۾ آئس سميت مختلف منشيات جي مبينا طور آزادائي وڪري جا انتهائي خطرناڪ نتيجا سامهون اچڻ لڳا آهن اڄ ٽلهار جي ڳوٺ ڦوٽو ماڇي جو رهواسي نوجوان حڪيم ماڇي مبينا طور آئس جي نشي سبب زندگي جي جنگ هارائي ويو وارثن موجب نوجوان جي حالت انتهائي ڳنڀير جوڳي ٿيڻ تي ڪيس ٽلهار رورل هيلٿ سينٽر منتقل ڪيو ويو جتان ڊاڪٽرن وڌيڪ بهتر علاج لاءِ ڪيس حيدرآباد ريفر
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

گڏيجي پوليس پاران مقابلي بعد ڌوهاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

گڏيجي(ن ع)گڏيجي نولکي واهه جي پل پرسان پوليس ۽ ڌوهارين جو مبينا مقابلو هڪ ڌوهاري کي زخمي حالت ۾گرفتار ڪرڻ جي دعوا ۽ ٻه فرار ٿي ويا تفصيل موجب گڏيجي قومي شاهراهه تي نولکي واهه جي پل جي پرسان راتي پور پوليس جو ڌوهارين سان مبينا مقابلو ٿي پيو پوليس موجب ته هڪ ڌوهاري شاهه بيگ شاهاڻي کي زخمي حالت ۾ پسٽل ۽
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ريجنل يونين آف جرنلسٽ جو بنيادي مقصد صحافين کي رليف ڏيارڻ آهي: عبدالمجيد پنهيرو

گمبٽ (ت.ر)ريجنل يونين آف جرنلسٽ پاڪستان سکر ڊويزن جي صدر عبدالمجيد پنهيرو چيو آهي ته ريجنل يونين آف جرنلسٽ جو بنيادي مقصد صحافين ۽ سندن خاندانن جي تحفظ . صحافين ساز ٿيندڙ ناانصافين جي خاتمي ۽ شهيد ٿيل
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ ڦر ٿيل سامان واپس نه ٿيڻ خلاف نوجوان پورهيت جو احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر پراڻي بس اسٽينڊ واري علائقي جي رهواسي پورهيت نوجوان ڦريل موٽرسائيڪل ۽ ٻيو سامان واپس نه ٿيڻ خلاف پريس ڪلب
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ڪمال ديرو واسي پيرسن ٻن مهينن کان پراسرار نموني گم، وارثن پاران ڳولا ۾ مدد جي اپيل

ڪمال ديرو (ن ع) ڪمال ديرو پيرسن ٻن
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ڳوٺ دربڙ چانڊيو جي رهواسي معذور پيرسن پاران بااثرن خلاف لاڙڪاڻي ۾ احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ تعلقي ميرو خان جي ڳوٺ دربڙ چانڊيو جي رهواسي معذور پيرسن پنهنجي گهرواري ۽ پٽ سان گڏجي زرعي زمين تي مبينا قبضي خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي معذور پيرسن پورهيت محمد مٺل چانڊيو پنهنجي
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

JOIN PAKISTAN NAVY
AS PN CADET IN ENGINEERING BRANCHES
FOR PERMANENT COMMISSION
TERM 2027-A
URAAN PAKISTAN

ELIGIBILITY CRITERIA
Male Citizens of Pakistan
Age on 15 May 2027
Civilians (Unmarried) 16 1/2-21 years
Service Candidates 17-23 years
(Armed Forces in Uniform only) (Married/Unmarried)
Height 5' 4" (Minimum)

Registration: 13 Sep 2026 to 11 Oct 2026

EDUCATIONAL QUALIFICATION
The candidate must have passed both Matric and F.Sc or O/A level with at least 60% marks with following subjects (Pre-Engineering):
PHYSICS, MATHS & CHEMISTRY
- Pre-Medical students may also apply, provided they qualify additional mathematics in their F.Sc or A Level studies before 15th March 2027
- Candidates of O/A Level are required to submit IBCC equivalence certificate
- F.Sc appearing candidates with at least 65% marks in part-1 can also apply. They are required to provide a hope certificate from the head of respective college/institute and completion of F.SC/HSSC equivalent examination before 15th May 2027
- If a candidate fails to attain 60% marks after providing hope certificate he will be disqualified at any stage of selection process/discharged during training

For Information & Online Registration Visit:
www.joinpaknavy.gov.pk Pakistan Navy Recruitment online @pnrectt
FOR QUERIES: VISIT NEAREST PAKISTAN NAVY RECRUITMENT & SELECTION CENTRE
Abbottabad / Faisalabad / Gilgit / Gwadar / Hyderabad / Karachi / Kharian / Lahore / Multan / Muzaffarabad / Peshawar / Quetta / Swat / Sialkot / Rawalpindi / Rahim Yar Khan / Sukkur / Shaheed Benazirabad
PID (I) 2431-D/26

SUKKUR IBA UNIVERSITY
CAREER OPPORTUNITY
PROJECT BASED

Sukkur IBA University invites applications purely on Project Based for the period of one year **(extendable on satisfactory performance** maximum up to completion of the project for the HEC Funded project titled **"Establishment of Nisar Ahmed Siddiqui Technology (NASTech) Park at Sukkur IBA University")** from dynamic, qualified and result-oriented candidates for following position:

1. Accounts Assistant (PPS-06)

Minimum Qualification
14 years of education in Finance / A&F / Accounting / Commerce from HEC recognized University. **Experience:** Minimum 2 years relevant experience.

Guidelines to Apply — Age Limit: 21 - 28 years
1. Interested candidates may submit online applications at **http://apply.iba-suk.edu.pk**
2. After submission of online applications, candidates may download system generated **challan of Rs. 3500/-** Challan can be deposited in any branch of **ABL Bank.**
3. Candidates are required to upload their required HEC attested degrees, CNIC, Domicile, PRC, relevant experience certificates, one recent photograph & deposited challan when applying online.
4. Candidates already in government services must apply through proper channel.
5. Providing fictitious, exaggerated or misleading information shall result in rejection of application and termination of employment at any stage.
6. Late or Incomplete application shall not be considered. Therefore, all documents e.g. degrees, certificates, NOC, and referees should be submitted/uploaded along with the application.
7. Only shortlisted candidates who meet the criteria shall be contacted for a Written Test/Interview at the mailing address.
8. No TA/DA shall be admissible for Written Test/Interview.
9. The Competent Authority reserves the right to accept or reject any or all the applications without assigning any reason thereof and cancel the whole recruitment process.
10. **The last date for applying online is October 05, 2026.**

LAST DATE TO APPLY 05th OCTOBER 2026

HRM SECTION - SUKKUR IBA UNIVERSITY
Nisar Ahmed Siddiqui Road, Sukkur. **Ph:** 071-5644346, 5644122

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي.